ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) آچر 27 سيپٽمبر 2026ع 14 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو(43)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

”ڀارت ڀاڻ دهشتگردي جو وڏو سرپرست آهي“ پاڪستان گڏيل قومن ۾ ڀارتي الزامن کي رد ڪري ڇڏيو

مودي انتظاميا پروپيگنڊه کي رياستي حڪمت عملي بڻايو آهي. دهشتگردي سبب هلندڙ صدي جي شروعات کان هن وقت تائين اٽڪل هڪ لک پاڪستاني جانين کان محروم ٿي چڪا آهن

ڀارت پاڪستان خلاف دهشتگرد گروهن جي مدد ڪري رهيو آهي، جن ۾ تحريڪ طالبان پاڪستان، بلوچستان لبريشن آرمي ۽ ان جي مجيد برگيڊ شامل آهن: پاڪستان مشن جي قونصلر صائم سليم

آزاد ۽ جموں ڪشمير ۽ ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ والاريل جموں ڪشمير جي صورتحال کي هڪجهڙو قرار نٿو ڏئي سگهجي. آزاد ڪشمير ۾ ڪشميري سياسي عمل ۾ حصو وٺن ٿا

ڀاڻي پاڪستان جي 24 ڪروڙ عوام جي زندگي جو بنيادي وسيلو آهي. جموں ڪشمير عالمي طور تسليم ٿيل تڪراري علائقو آهي ۽ پاڪستان ڪشميري عوام جي خودارادیت واري حق جي حمايت جاري رکندو

گڏيل قومون (اي پي پي) پاڪستان گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ ڀارت پاران دهشتگردي جي سرپرستي ۽ هٿي ڏيڻ وارن الزامن کي رد ڪندي چيو آهي ته ڀارت پروپيگنڊه کي رياستي حڪمت عملي بڻايو آهي. پاڪستان مشن جي قونصلر صائم سليم پارٽي نمائندي پٽيل گهلوٽ جي بيان تي جنرل اسيمبلي ۾ جواب جو حق استعمال ڪندي چيو ته ڀارت پاڪستان
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

بلاول ڀٽو سان پ پ آزاد جموں ڪشمير جي صدر چوڌري ياسين جي ملاقات

آزاد جموں ڪشمير سان لاڳاپيل سياسي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان پي پي پي آزاد جموں ڪشمير جي صدر چوڌري ياسين ملاقات ڪئي آهي. پي پي ميڊيا سيل مطابق چنچر ڏينهن
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

مڪي معاهدي ڪانپوءِ اهم اڳڀرائي، فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ سعودي وزير دفاع وچ ۾ ملاقات

سعودي شهزادي خالد بن سلمان سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ايڪس تي فيلڊ مارشل عاصم منير سان ملاقات جي تصوير به جاري ڪئي

مڪي معاهدي ۾ شامل ملڪن جي فوجي سربراهن جي اجلاس جي نتيجن کي ساراهيو ويو: سعودي وزير دفاع شهزادو خالد بن سلمان

مڪو شريف (مانيٽرنگ ڊيسڪ) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ سعودي بجاءِ واري وزير شهزادي خالد بن سلمان وچ ۾ اهم ملاقات ٿي. سعودي بجاءِ واري وزير شهزادي خالد بن سلمان سماجي رابطن واري
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: مالديپ جو پارلياماني وفد سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سان گڏ بيٺل آهي

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي پاران عربي سمنڊ ۾ منشيات جي روڪٿام جي ڪامياب آپريشن تي پاڪ بحريه جي تعريف

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن بابت وفاقي وزير محسن نقوي عربي سمنڊ ۾ منشيات جي روڪٿام جي ڪامياب آپريشن تي پاڪ بحريه جي تعريف ڪندي پاڪستان نيوي جي آفيسرن ۽ عملي جي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڊيرا اسماعيل خان ۾ آپگهاتي ڌماڪو، 11 ڄڻا شهيد، ڪيئي زخمي، سيڪيورٽي اهلڪارن ۽ دهشتگردن وچ ۾ شديد فائرنگ

درازندا واري علائقي ۾ امن ميلي چيڪ پوسٽ پرسان ٿيل آپگهاتي حملي جي نتيجي ۾ 11 ڄڻا شهيد ۽ 30 زخمي ٿي پيا، ٽريڪٽر ٽرالي ۾ سوار هڪ شخص آپگهاتي حملو

حملي ۾ ڪسٽم اهلڪارن، هڪ ٻار ۽ 2 شهرين سميت 10 ڄڻا شهيد ۽ 30 زخمي ٿيا، ريسڪيو اختيارين 11 ڄڻن جا لاش واقعي واري هنڌ تان منتقل ڪرڻ جي تصديق ڪئي

سيڪيورٽي اهلڪارن ۽ حملو ڪندڙن ۾ شديد فائرنگ به شروع ٿي وئي، درازندا امن ميلي پرسان ڌماڪي جي اطلاع ملندي ئي درازندا اسٽيشن جي ٽيم فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي وئي

ڊيرا اسماعيل خان مان وڌيڪ 4 ايمبولينسون عملي سميت واقعي واري هنڌ روانيون ڪيون ويون، ابتدائي امدادي ڪارروائين دوران 30 زخمين کي طبي امداد فراهم ڪرڻ ڪانپوءِ مختلف اسپتالن ڏانهن منتقل

درازندا امن ميلي چيڪ پوسٽ تي حملي بابت خيبرپختونخوا جي گورنر اعليٰ اختيارين کان واقعي جي رپورٽ طلب ڪري ورتي، حملو فتنه الهندستان خارجين جي ناپاڪ سازش آهي: گورنر

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڊيرا اسماعيل خان جي درازندا واري علائقي ۾ امن ميلي چيڪ پوسٽ پرسان ٿيل آپگهاتي حملي جي نتيجي ۾ 11 ڄڻا شهيد ۽ 30 زخمي ٿي پيا آهن. شروعاتي اطلاعن موجب، ٽريڪٽر ٽرالي ۾ سوار هڪ شخص آپگهاتي حملو ڪيو. پوليس موجب حملي ۾ ڪسٽم اهلڪارن، هڪ ٻار ۽ 2 شهرين سميت 10 ڄڻا شهيد ۽ 30 زخمي ٿيا،
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

صدر مملڪت پاران اسلام آباد سيف سٽي ڪئميرائن جي تحفظ ۽ نقصان جي تلافي بابت آرڊيننس جي منظوري

آرڊيننس جو مقصد سيف سٽي ڪئميرائن ۽ نگراني جي نظام کي نقصان کان محفوظ بڻائڻ ۽ نقصان جي صورت ۾ ان جي تلافي يقيني بڻائڻ آهي

آرڊيننس تحت سيف سٽي ڪئميرائن ۽ سرويلنس انفراسٽرڪچر کي نقصان پهچائڻ، نقصان پهچائڻ تي اڪسائڻ يا ترغيب ڏيڻ تي مالي ڏنڊ لڳائي سگهبو

لاڳاپيل شخص کي ڏنڊ يا نقصان جي لاڳت جي تعين خلاف 30 ڏينهن اندر ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج اسلام آباد آڏو اپيل جو حق حاصل هوندو

لاڳاپيل شخص کي ڏنڊ يا نقصان جي لاڳت جي تعين خلاف 30 ڏينهن اندر ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج اسلام آباد آڏو اپيل جو حق حاصل هوندو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري، وزيراعظم جي ايڊوائيس تي اسلام آباد ڪيپيٽل ٽيريٽري سيف سٽي ڪئميرا ۽ سرويلنس انفراسٽرڪچر جي
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

بلاول ڀٽو سان اڳوڻي وزيراعظم راجا پرويز اشرف جي ملاقات

زرداري هائوس ۾ ٿيل ملاقات دوران سياسي معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان پي پي پي پنجاب جي صدر ۽ اڳوڻي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

حافظ طاهر محمود اشرفي پاران وزيراعظم جي شهباز شريف جي گڏيل قومن ۾ خطاب کي خراج تحسين

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان علماء ڪائونسل جي چيئرمين
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

نيو يارڪ: وزيراعظم شهباز شريف ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

جبري بيدخلي جو وڌندڙ بحران، گڏيل قومن حل کي ترجيحي حيثيت ڏئي: پاڪستان

گڏيل قومن جي چارٽر ۽ عالمي قانون موجب ٿياڪڙي ۽ تڪرارن جي پرامن حل کي هٿي ڏيڻ لاءِ قدم کڻڻا پوندا

ڏکهو بحران مسلسل بي دخلي جو سبب بڻجي رهيو آهي جڏهن ته نئون انساني بحران جنم وٺي رهيو آهي: نبيل منير

پناهگيرن جي آبادڪاري جي عمل کي وڌيڪ موثر بڻائڻ جي ضرورت آهي. ترقي يافته ملڪن کي گهڻ سالا پروگرام جوڙڻ گهرجن

گڏيل قومون (اي پي پي) پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل تي زور ڀريو آهي ته سڄي دنيا ۾ جبري بيدخلي جي وڌندڙ بحران جا بنيادي سبب حل ڪرڻ لاءِ تڪرارن جي روڪٿام ۽ انهن جي حل کي پنهنجي ترجيحن ۾ مرڪزي حيثيت ڏئي. سلامتي ڪائونسل جي 15 رڪني اجلاس
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم جي عرب ليگ ۽ گروپ فور جي گڏيل اجلاس ۾ شرڪت

فلسطيني عوام جي خودارادیت واري حق ۽ آزاد رياست جي قيام جي موقف جو ورجاءُ

بيت المقدس ۾ تاريخي ۽ قانوني صورتحال کي تبديل ڪرڻ جي ڪوششن تي ڳڻتي

نيويارڪ (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار فلسطيني عوام جي خودارادیت واري حق ۽
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ ايٽمي هٿيارن جي خاتمي جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو

ايٽمي هٿيارن سبب لاحق خطرن ۽ انهن جي مڪمل خاتمي جي ضرورت بابت آگاهي تي زور ڀريو ويو

جنوري 2026ع ۾ دنيا جي 9 ايٽمي هٿيار رکندڙ ملڪن وٽ اٽڪل 12 هزار 187 ايٽمي وار هيڊز موجود

اسلام آباد (اي پي پي) گڏيل قومن جي انتظام هيٺ پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ ايٽمي هٿيارن جي خاتمي جو عالمي ڏهاڙو 26 سيپٽمبر تي ملهايو ويو اهو ڏهاڙو عالمي ايٽمي هٿيارن کي ختم ڪرڻ
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اي سي او ملڪن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو خواهشمند آهي: نائب وزيراعظم

نائب وزيراعظم نيويارڪ ۾ اقتصادي تعاون تنظيم جي وزارتي ڪائونسل جي 27هين غير رسمي ويهڪ جي صدارت ڪئي

علائقائي اقتصادي تعاون، رابطاڪاري ۽ انضمام کي مضبوط بڻائي سگهجي: نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار

اي سي او ملڪن کي اجتماعي امڪانن کي ڪم آڻيندي امن ۽ استحڪام علائقي جي تقريباً اڌ ارب ماڻهن کي گڏيل خوشحالي کي هٿي ڏيڻ گهرجي

ويهڪ اسلام آباد ۾ نومبر 2026ع ۾ منعقد ٿيندڙ اي سي او جي وزيرن واري ڪائونسل جي 30هين اجلاس لاءِ تيزي جو موقعو پڻ فراهم ڪيو

نيويارڪ (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته پاڪستان سمورن اي سي او ميمبر ملڪن سان گڏ ڪم ڪرڻ جو خواهشمند آهي ته جيئن تنظيم جي گڏيل
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ميرپورخاص ۾ مفت پنڪ اسڪوٽيز جي ورهاست، عورتن کي بااختيار بڻائڻ شهيد راڻي جو ويزن آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت تربيت ۽ ڊرائيونگ ٽيسٽ پاس ڪندڙ عورتن کي اي وي اسڪوٽيز فراهم ڪري رهي آهي

ڊرائيونگ لائسنس حاصل ڪندڙ 50 هزار عورتن کي اي وي اسڪوٽيز فراهم ڪرڻ حڪومت جو هدف آهي

ڪراچي/ ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته اجوڪو ڏينهن انتهائي اهم ۽ خوشيءَ جو موقعو آهي. عورتن کي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ميرپورخاص: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اسڪوٽيون ورهائي رهيو آهي

ڪراچي ۾ فليٽ مان 70 سالن جي عورت جو ڪيترائي ڏينهن پراڻو لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ناظم آباد ٿاڻي جي حد ناظم آباد نمبر 3 الله والا
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

سعودي ريڊيو کي عرب ريڊيو اينڊ ٽيليويزن فيسٽيول ۾ ڇهين انعام ڏنو ويو

رياض (اي پي پي) سعودي ريڊيو ۽
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخواهه جي باشعور عوام انتشار جي سياست رد ڪري ڇڏي: امير مقام

14 سالن ۾ صوبي کي جا ڏنو؟ صوبو دهشتگردي ۽ بدامني کي منهن ڏئي رهيو آهي

پوليس تي تبصرو يا ان کي پنهنجي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي

اسلام آباد (اي پي پي) ڪشمير، گلگت بلتستان معاملن ۽ سيفران واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام لانگ مارچ ملتوي ٿيڻ ۽ ڪي پي ڪي جي وڏي وزير سهيل آفريدي جي بيان تي سخت رد عمل ظاهر
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪيچاڻي واسي پورهيت حيدرآباد جي ڦليلي واهه ۾ ٻڏي فوت، لاش هٿ نه آيو

گانگهرا موري وٽ واپڊا جو ڪم ڪندي 25 ورهين جو پرويز ڪيچاڻي ٻڏي ويو

اطلاع تي پورهيت جي گهر ۾ روڄ راڙو، وارثن پاران لاش ڳولا ۾ مدد جي اپيل

ڪيچاڻي (ن ع) حيدرآباد جي ڦليلي واهه جي گانگهرا موري وٽ واپڊا جو ڪم ڪرڻ دوران پير ترڪڻ سبب ڪيچاڻي واسي پورهيت 25 ورهين جو پرويز پٽ امين محمد ڪيچاڻي واهه ۾ ڪري ٻڏي ويو اطلاع تي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پ پ اڳواڻ فريال ٽالپر پاران مير محمد جتوئي جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي شعبه خواتين جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر پيپلز پارٽي لنڊن جي نائب صدر
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: عمار جعفر اي آءِ بابت سيمينار کي خطاب ڪري رهيو آهي

سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پاران ڊيرا اسماعيل خان ۾ دهشتگرد حملي جي مذمت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ڊيرا اسماعيل خان ۾ ٿيل دهشتگرد حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي قيمتي انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

سون جي في تولو قيمت ۾ 2100 رپين جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن مطابق چنچر ڏينهن مقامي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمتن
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

پاڪستان نيوي جو عربي سمنڊ ۾ آپريشن، 2 هزار 800 ڪلو گرام منشيات هٿ

گڏيل آپريشن دوران اٽڪل 750 ملين ڊالر ماليت جي 2 هزار 800 ڪلو گرام کان وڌيڪ منشيات قبضي ۾ ورتي: آءِ ايس پي آر

گشت دوران پاڪستان نيوي جي جهازن هڪ شڪي ٻيڙي کي روڪيو ۽ تلاشي ورتي جنهن دوران ٻيڙي جي ڳجهن خانن مان منشيات هٿ آئي

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪستان نيوي جي جهازن حنين ۽ يرموڪ عربي سمنڊ ۾ منشيات خلاف گڏيل آپريشن دوران اٽڪل 750 ملين ڊالر ماليت جي 2 هزار 800 ڪلو
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

بلاول ڀٽو پاران عربي سمنڊ مان منشيات جي وڏي کيپ پڪڙڻ تي پاڪ بحريه کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عربي سمنڊ مان منشيات جي وڏي کيپ پڪڙڻ تي پاڪ بحريه کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته پاڪ بحريه جي وقت سر
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ عورت سان زيادتي ڪندڙ جوابدار کي 10 سال قيد ۽ 2 لک رپيا ڏنڊ جي سزا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ٻارت جي رياست ناگالينڊ ۾ مبينه جعلي شراب پيئڻ سبب 19 ڄڻا فوت

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت جي رياست ناگالينڊ ۾ مبينه جعلي شراب پيئڻ سبب ٻن ڏينهن دوران گهٽ ۾ گهٽ 19 ڄڻا فوت ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا پوليس جي حوالي سان ٻڌايو ته ٽوئن سانگ جي علائقي ۾ 11، جڏهن ته موڪوڪ چنگ ۾ 8 ڄڻا فوت ٿيا. پوليس شڪ ظاهر ڪيو
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سکر: جج تي حملي خلاف وڪيل احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ روڊ حادثن سبب ٻار سميت 2 ڄڻا فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ روڊ حادثي ۾ ٻار سميت 2 ڄڻا فوت ٿي ويا. ماڙيپور
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

راڌڻپور ۾ هٿياربندن جي دڪان تي ڪاهه، روڪ رقم ۽ سامان ڦري ويا

ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار 6 هٿياربندن افضل ميڊيڪل تي چڙهائي ڪئي

هٿياربند دڪاندار ۽ گراهڪن کان يرغمال بڻائي روڪ رقم ۽ قيمتي سامان ڦري ويا

راڌڻپور (ن ع) راڌڻپور ۾ افضل ميڊيڪل اسٽور تان ڦر جي واردات، هٿياربندن پاران موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦرڪري وڏي آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. رپورٽ موجب راڌڻپور جي قومي شاهراهه تي واقع افضل
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪيچاڻي واسي پورهيت حيدرآباد جي ڦليلي واهه ۾ ٻڏي فوت، لاش هٿ نه آيو

گانگهرا موري وٽ واپڊا جو ڪم ڪندي 25 ورهين جو پرويز ڪيچاڻي ٻڏي ويو

اطلاع تي پورهيت جي گهر ۾ روڄ راڙو، وارثن پاران لاش ڳولا ۾ مدد جي اپيل

ڪيچاڻي (ن ع) حيدرآباد جي ڦليلي واهه جي گانگهرا موري وٽ واپڊا جو ڪم ڪرڻ دوران پير ترڪڻ سبب ڪيچاڻي واسي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

گمبٽ مبينا طور عطائي ڊاڪٽر جي غلط انجيڪشن سبب معصوم نياڻي فوت

ڳوٺ ليواڙي واسي اسماعيل ابڙو 10 ورهين جي معصوم نياڻي کي طبيعت خراب ٿيڻ تي ڊاڪٽر وٽ ڪڍائي آيو

انجيڪشن لڳڻ کان پوءِ نياڻي جي طبيعت بهتر ٿيڻ بدران وڌيڪ خراب ٿيڻ تي ڪيس خيرپور نيو ويو

رستي ۾ معصوم دم ڏئي حوالي ڪيو، وارثن پاران اعليٰ عملدارن کان نوٽيس وٺي انصاف جو مطالبو

گمبٽ (رپورٽ: مريد ڪانوري) سوراهه ٿاڻي جي حد، ڳوٺ ليواڙي ۾ مبينا طور عطائي ڊاڪٽر جي غلط انجيڪشن هڻڻ سبب 10 ورهين جي معصوم نياڻي فوت ٿي وئي. وارثن موجب سنڌن 10 ورهين جي معصوم نياڻي ڏيءُ اسماعيل ابڙو جي طبيعت خراب ٿيڻ تي ڪيس عطائي ڊاڪٽر وٽ
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

مالديپ جو پارلياماني وفد سنڌ اسيمبلي پهتو، سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه ۽ ٻين ميمبرن وفد جي آجيان ڪئي

پرڏيهي وفد جي اڳواڻن مزار قائد تي حاضري ڀري ۽ گلن جي چادر پڻ چاڙهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جمهوريه مالديپ جي پارليامينٽ پيپلز مجلس جي اسپيڪر عبدالرحيم عبدالله جي اڳواڻي ۾ اعليٰ سطحي پارلياماني وفد، جيڪو پاڪستان جي سرڪاري دوري تي آهي، اسلام آباد ڪانپوءِ ڪراچي پهتو جتي وفد مزار قائد تي حاضري ڀري ۽ بعد ۾ سنڌ اسيمبلي جو
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: مالديپ جي وفد جو سربراهه اسپيڪر اويس قادر شاهه سان گڏ بيٺل آهي

ڪراچي ۾ سنڌ اي-اسپورٽس چئمپين شپ جي شروعات، هزارين نوجوانن جي شرڪت

ٽئين ڪواليفائنگ رائونڊ ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ نوجوان PUBG موبائل مقابلن ۾ شريڪ

اسلاميه ڪاليج ۾ ٽيبل ٽينس ٽورنامينٽ ۽ سنڌ يوٿ ڪلب ۾ آن سنڌ ڪرائي چئمپين شپ پڻ جاري

نوجوانن کي راندين سان گڏ ڊجيٽل مهارتن ۽ آن لائن ڪاروبار جي تربيت ڏيڻ ضروري آهي: منور مهيسر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) حڪومت سنڌ جي راندين ۽ نوجوانن وارن معاملن واري کاتي جي اهتمام هيٺ سنڌ اي-اسپورٽس چئمپين شپ 2026 جي ٽئين ڪواليفائنگ رائونڊ جي شروعات الفا ڪاليج ڪراچي ۾
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ٽنڊو محمد خان ۾ سارين جي واپاري کان ڦر جي ڪوشش، هڪ ڦورو سوگهو

ڏنڊو ماتلي روڊ تي ٻن هٿياربندن ماجد ميمڻ کان هٿيارن جي زور تي رقم ڦرڻ جي ڪوشش

مزاحمت تي علائقي واسي ڦورن سان وڙهي پيا، هڪ جوابدار هٿيار سميت گرفتار، ٻيو فرار

ٽنڊو محمد خان(ن ع) ٽنڊو محمد خان جي ڏندو ماتلي روڊ ڪوسا تي 2 هٿيار بندن ڦورن سارين جي واپاري ماجد ميمڻ کان
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ بروهي برادري جي ٽن سالن کان هلندڙ تڪرار جو نبيرو، ٻنهي ڌرين تي هڪ ڪروڙ رپيا ڏنڊ

پ پ اڳواڻ مير محمد امين مينگل جي سرپنچي ۾ ڳڙهي يسين جي بروهي برادري ۾ تڪرار جو نبيرو ٿيو

ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ بعد هڪ هڪ خون ثابت، في خون 50 لک رپيا بها مقرر ڪئي وئي

واٽهڙو نينگري سميت ٻن ڄڻن کي زخمي ڪرڻ تي 5، 5 لک رپيا ڏنڊ مقرر ڪيو ويو، ڌريون کير ڪندڊ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) اڳوڻي صوبائي صلاحڪار پيپلز پارٽي اڳواڻ مير محمد امين مينگل جي سرپنچي ۾ ڳڙهي ياسين
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪنڌڪوٽ لڳ چاچي فائرنگ ڪري پنهنجي ڀائٽي کي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ سردار محمد صلاح خان گولو ۾ جوابدار نور حسن گولو جي فائرنگ ۾ شاهد علي مارجي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو، پوسٽمارٽم بعد وارثن حوالي

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) رت جا رشتا ويري بڻجي ويا ڪنڌڪوٽ لڳ بخشاپور ٿاڻي جي حد زور ڳڙهه واري علائقي ڳوٺ سردار محمد صلاح خان گولو ۾ مبينا طور جوابدار چاچي نور حسن گولو فائرنگ ڪري پنهنجي ڀائٽي شاهد علي گولو کي قتل ڪري ڇڏيو جڏهن ته اهڙي واقعي جو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ خانگي ميڊيڪل سينٽرن تي لکين رپيا ڏنڊ، ڊاڪٽرن جو احتجاج

ايف بي آر پاران ميڊيڪل سينٽرن ۽ ڪلينڪ هلائيندڙ ڊاڪٽرن کي ڏهه ڏهه لک رپيا ڏنڊ جا نوٽيس موڪليا ويا

فيصلو قبول ناهي ڊاڪٽرن پاران قانوني رستو اختيار ڪرڻ ۽ احتجاج جاري رکڻ جو اعلان

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ خانگي ميڊيڪل سينٽرن جي مالڪن توڙي ڪلينڪ هلائيندڙ ڊاڪٽرن کي ايف بي آر طرفان مبينه طور آمدني ۽ خرچ جو حساب ڪتاب ڏيڻ وارو سسٽم لاڳو نه ڪرڻ تي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

لاهور: ٻارڙا ٻاءِ اسڪوپ تي تصويرون ڏسي رهيا آهن

ڪپرو ويجهو ٽنڊو منا خان مان هڪ رات چوري جون ٻه وارداتون

چور سڪيلنڊو ڳاهو جي دڪان کي ڪاٽ هڻي روڪ رقم ۽ سامان ڪڍي ويا

اڪرم ڪنڀار جي هوٽل جي الماڙي ٽوڙي چور سامان ٻهاري ويا، پوليس خاموش

ڪپرو (ن ع) ڪپرو ويجهو شهر ٽنڊو مٺاخان ۾ چورين جو آزار وڌي ويو هڪ ئي رات وچ شهر ۾ چورين جون ٻه وارداتون ٿي ويون آهن سجاڻل چور سڪيلنڊو ڳاهو جي دڪان کي ڪاٽ هڻي روڪ رقم موبائل فون ۽ بيو
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪڏڙو جي تاريخي ريلوي اسٽيشن تي ٿيل قبضن خلاف پوليس پاران ڪريڪ ڊائون

ميرپورخاص ريلوي پوليس ايس ايڇ او مظهر عباس جي اڳواڻي ۾ مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪيون

اسٽيشن جي مختلف ڪوارٽرن ۽ زمين تي ويٺل ماڻهن کي اتاري ريسٽ هائوس پڻ خالي ڪرايو ويو

ڪڏڙو (رپورٽ: اختر ماري) ڪڏڙو جي تاريخي ريلوي اسٽيشن تي مبينا طور ٿيل قبضن خلاف ريلوي پوليس اهلڪارن پاران ڪريڪ ڊائون، قبضا خالي ڪرايا ويا خبر موجب ڪڏڙو ۾ ريلوي ميرپورخاص ريلوي پوليس جي وڏي اڳ ۾ ڪارروائي ڪئي وئي ريلوي ڪالوني ۾ ريلوي ريسٽ هائوس سميت ٻين مبينا
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

باقراڻي لڳ ناري جي قتل ڪيس نئون رخ اختيار ڪري ورتو پيءُ سميت 4 ڄڻن تي ڪيس داخل

ڪارنهن الزام هيٺ 20 ورهين جي صدف ٻگهيو کي گوليون هڻي قتل ڪرڻ بعد سندس پيءُ فرار ٿي ويو هو

وارثن پاران اڻڄاتل ماڻهن تي قتل جو الزام، پوليس جاچ دوران اصل حقيقتون سامهون اچي ويون

مقتولا ناري جي جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد مڙهه مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو، گهر ٻاهران پوليس پڪٽ قائم

باقراڻي (رپورٽ: خدا بخش ابڙو) باقراڻي لڳ ڳوٺ نيٺن گڏ ۾ قتل ڪيل ناري وارو ماسرو نئون رخ اختيار ڪري ويو ناري کي پنهنجي پيءُ ڪارنهن الزام هيٺ گوليون هڻي قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويو
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اسرائيل انساني امداد ۽ شروعاتي بحالي جو سامان محفوظ ۽ بنا رڪاوٽ غزه پهچائڻ کي يقيني بڻائي: ترڪي/قطر/مصر

بدين: قومي عوامي تحريڪ پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

سنڌ اسٽوڊنٽ ايڪشن ڪميٽي جو 9 آڪٽوبر تي حيدرآباد کان ڪراچي تائين پيدل لانگ مارچ جو اعلان

ميرٽ ۽ سي پي ايس سي جي امتحانن بابت مطالبن جي مڃتا لاءِ شاگردن جي احتجاجي ڪيمپ 65 ڏينهن کان جاري

سي سي 2024 جو نتيجو واپس وٺي ٻيهر امتحان ڪرائڻ، عمر حد 35 سال ۽ پنج موقعا ڏنا وڃن: ذبيح الله مستوئي

لانگ مارچ دوران ڪنهن به نقصان جي صورت ۾ سنڌ حڪومت ذميوار هوندي، وڪيلن پاران شاگردن جي جدوجهد ۾ ساٿ ڏيڻ جي خاطري

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ اسٽوڊنٽ ايڪشن ڪميٽي 9 آڪٽوبر تي ڪراچي ڏانهن پيدل لانگ مارچ ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو، سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي ڪنوينر ذبيح الله مستوئي، فخر زمان
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: جي يو پي جو سربراهه علامه ابو الخير محمد زبير ۽ ٻيا محفل ميلاد ۾ شريڪ آهن

سنڌ جي پنهنجي هزارين سالن جي تاريخ، تهذيب، ثقافت، ٻولي ۽ قومي سڃاڻپ آهي: قادر مگسي

هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون ۽ سنڌ جي تاريخي ۽ جاگرافيائي حدن سان ڇيڙڇاڙ ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏينداسين

نون صوبن جو راڳ ڳائيندڙ تاريخ کان اڻ واقف آهن تاريخي وطن جي وحدت سان هٿ چراند ڪرڻ بدران ملڪ جي حقيقي مسئلن ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي

حيدرآباد ۾ ايس ٽي پي جي اجلاس دوران سنڌ جي وحدت ۽ وسيلن جي تحفظ جو عزم، نون صوبن جي تجويز جي مخالفت

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو اهم اجلاس ترقي پسند هائوس حيدرآباد ۾ جاري آهي، جنهن ۾ ايس ٽي پي جا مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر عبدالفتاح سميجو انجنيئر گلزار سومرو، حيدر شاهاڻي نثار کيريو، هوت خان گاڏهي، ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ، قادر چنا، امتياز سمون ۽
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

هاءِ وي جو ڪم سست رفتاري سبب مهيني ۾ 50 حادثا ٿيا آهن: عبدالسميع پنهور

مختلف حادثن دوران 60 کان وڌيڪ ماڻهو اجل جو شڪار ٿي چڪا آهن

ڪيترائي ڀيرا قومي اسيمبلي ۾ نمائندن پاران آواز تي پڻ غور نٿو ڪيو وڃي

خيرپور(ڊ ر) سنڌ چيمبر آف فوڊ اينڊ ايگريڪلچر سکر ڊويزن جي صدر پروفيسر عبدالسميع پنهور ٻڌايو ته مورو کان راڻيپور تائين گڏريل ٽن سالن کان نيشنل هاءِ وي جو ڪم انتهائي سست رفتاري سان جاري
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سينارجا ۾ ڳوٺاڻن جو غير قانوني سرن جي ڀٽين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ ٻانڀڻ واسين رسول بخش، گل شير، عبدالستار ٻرڙي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سرن جي ڀٽين مان نڪرندڙ زهريلي دونهين جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

سينارجا (ن ع) ڏيپارجا ويجهو قائم غير قانوني سرن جي ڀٽين خلاف ڳوٺ ٻانڀڻ جي رهواسي رسول بخش ٻرڙي، گل شير ٻرڙي، عبدالستار ٻرڙي پنهنجي معصوم ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

شهدادڪوٽ ۾ منشيات ۽ سماجي برائين جي خاتمي لاءِ اثرائتا قدم کنيا ويندا: ڊي ايس پي

ضلعي بار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن ڊي ايس پي مير ممتاز مگسي سان ملاقات ڪئي

وڪيلن پاران امن امان کي برقرار رکڻ ۽ سماجي برائين جي خاتمي لاءِ سهڪار جي خاطري

شهدادڪوٽ (ڊ ر) ڊي ايس پي شهدادڪوٽ مير ممتاز مگسي شهدادڪوٽ جي عدليه ۾ آمد جي موقعي تي ضلع قمبر شهدادڪوٽ بار ايسوسيئيشن جي اڳوڻي صدر ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو سميت
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ 15 ورهين جو نينگر هڪ مهيني کان پراسرار گم، وارث پريشان

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) پٺائي ڪالوني ڪوٽڙي سائيٽ جو رهواسي پندرهن سالن جو نينگر فراز احمد هڪ مهيني کان پراسرار
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

نارو تعلقي ۾ يو اي پي سميت گئس جا اهم ذخيرا ملڻ باوجود بنيادي سهولتن کان محروم

نارو-ڪوٽ بنگلو روڊ، چونڊڪو-ناچل روڊ سميت تعلقي جا ڪيترائي اهم رستا ڏکهي عرصي کان مرمت جا منتظر

علائقي مان وڏي پيماني تي قدرتي گئس جي پيداوار مان ملڪ کي وڏي آمدني حاصل ٿئي ٿي: رهواسي

اعلانن بدران عملي قدم کڻي تباهه ٿيل روڊن جي تعمير لاءِ فوري طور فنڊ جاري ڪري بنيادي سهولتون ڏنيون وڃن

چونڊڪو (رپورٽ: منور حسين پنهيرو): نارو تعلقي ۾ بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ ۽ روڊن جي مرمت ۽ ٻيهر تعمير لاءِ اثرائتا قدم نه کڻڻ سبب تعلقي جا اهم رابطا روڊ مڪمل طور تباهي جو شڪار ٿي ويا آهن جنهن
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ هندو واپاري نريش ڪمار قتل، ٽنڊو الهيار مان مبينا جوابدار گرفتار

36 ورهين جي نريش ڪمار جو پنهنجي ئي ڪار مان گولين لڳل لاش هٿ آيو

پيءُ جي فرياد تي اڻڄاتل جوابدارن خلاف ڪيس داخل، پوليس ٽيم جي ٽنڊو الهيار ۾ ڪارروائي

نريش ڪمار جي قتل ۾ ملوث مبينا جوابدار گرفتار، وڌيڪ جاچ لاءِ حيدرآباد منتقل

حيدرآباد(رپورٽ: مختيار برفت) حيدرآباد ڪنڊي يوسف ٿاڻي جي حد مان پنهنجي ئي ڪار ۾ قتل ٿيل هندو واپاري 36 سالن جي نريش ڪمار ولد ايسر مل جي واقعي جو معاملو واقعي جو سندس والد جي فرياد تي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ڊويزنل جي ترقياتي اسڪيمن جو ڪم وقت تي مڪمل ڪرڻ جو حڪم

چيف سيڪريٽري جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ هلندڙ اسڪيمن بابت کي بريفنگ ڏني وئي

ترقياتي اسڪيمن جي معيار، شفافيت ۽ مقرر وقت اندر مڪمل ٿيڻ کي يقيني بڻائڻ جي هدايت

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) سنڌ جي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ڊويزنل
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج 5th حيدرآباد
سول رويزن سوٽ نمبر 42 سال 2026

محمد احسان شيخ ولد محمد يونس شيخ رهندڙ گهر نمبر A/379/116 گورنمينٽ ڪاليج روڊ هيرآباد حيدرآباد...اپيليڪينٽ.بخلاف. (1) سميع الله ولد محمد ياسين حال رهندڙ گهر نمبر 2541 ڪشمير گلي ٽاور مارڪيٽ نور محمد روڊ حيدرآباد (2) محمد علي ولد محمد ياسين معرفت قانوني وارث (i) مسمات زبيده بيواهه (ii) احمد عرف نذير (iii) مسمات ناهيد (iv) وسيم (v) تحسين (vi) مستقيم (vii) مسمات عائشه (viii) مسمات شاهين (ix) مسمات سڪينه سڀ پٽ ڌيئرون محمد علي رهندڙ گهر نمبر A/379/116 گورنمينٽ ڪاليج روڊ هيرآباد حيدرآباد (3) مسمات انوري عرف انو بيگم بيواهه محمد ادريس قريشي (4) محمد عمران ولد محمد ادريس قريشي (5) محمد فاروق قريشي ولد محمد ادريس قريشي (6) مسمات بلقيس ڌيءِ محمد ادريس قريشي (7) مسمات فوزيه ڌيءِ محمد ادريس قريشي (8) محمد انعام قريشي ولد محمد ادريس قريشي سڀ رهندڙ مصطفيٰ مسجد نزد چوهان ڪانٽا لياقت ڪالوني حيدرآباد (9) مختيارڪار روينيو سٽي حيدرآباد (10) سب رجسٽرار حيدرآباد (11) نياز حسين ولد خدا بخش رهندڙ محله نيو هالا ناڪه علي آباد حيدرآباد...ريسپانڊنٽس

.مٿين ريسپانڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ سول رويزن درخواست زير قلم 115 سي پي سي 1908 تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 30-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج 5th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سعيد اباد
(روبرو جناب عبدالستار)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

مسمات سڪينه بيواهه علي خان ذات راهوجو رهندڙ ڳوٺ الله راهوجو امين لاڪو تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري...اپيليڪينٽ.بخلاف.(1) محمد آچر ولد محمد جمن ذات راهوجو رهندڙ وارڊ نمبر 11 محله حميد راهوجو تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج...اپوننٽس شهريار علي ولد الله جڙيو راهوجو...مائنر

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ زير قلم 07.08.24 تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سعيد آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ فرسٽ سول جج اينڊ جي ايم نوابشاه
(روبرو جناب نظام علي ابڙو)
ٿرڊ ڪلاس سوٽ نمبر 33 سال 2026

علي رضا ولد اعجاز علي عرف نصر علي رستماڻي رهندڙ غلام حيدر شاه ڪالوني نوابشاه..پلينٽف ..بخلاف..(1) سريش ڪمار ولد گگو مل (2) منوج ڪمار ولد گهنشام داس (3) ايڪسائيز ٽيڪسيشن آفيسر شهيد بينظير آباد. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار رڪوري اماؤنٽ 1650000/- روپيا زير قلم VII رول 1 ۽ 2 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 05-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول جج اينڊ جي ايم نوابشاه

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

عرفان علي ولد مرحوم امام بخش نوناري رهندڙ ديهه 21 سڪرنڊ...اپيليڪينٽ ..بخلاف (1) وقار علي (2) ذوالفقار علي (3) مسمات فرزانه (4) مسمات سعيدان (5) مسمات سميره (6) مسمات تهمينه (7) مسمات نسرين (8) مسمات Hakima (9) مسمات رشيدان سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم امام بخش نوناري (10) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن (1) بيبي عليشا (2) امين علي جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 30-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/ فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات Shabahat ڌيءِ عبدالجبار...پلينٽف ..بخلاف.. شڪيل حسين ولد تاج محمد.. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ مينٽيننس ۽ رڪوري ڏاجوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ميهڙ
سڪسيشن سوٽ نمبر 47 سال 2026

نذير ولد محمد ادريس لانڊر وينل تعلقو ڪي اين شاهه ...اپيليڪينٽ ..بخلاف.. (1) جنرل پبلڪ (2) مختيارڪار ڪي اين شاهه (3) مسمات زليخان (4) مسمات عائشه (5) مسمات مهڪ (6) نويد (7) جنيد (8) عزت (9) NBP ناظم آباد ڪراچي... اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ سڪسيشن درخواست داخل ڪئي آهي سندس والد جيڪو رٽائرڊ پوليس اهلڪار هيو جنهن جي اين بي پي ناظم آباد ڪراچي برانچ اڪائونٽ نمبر 3108490392 ۾ پئيسا چلدي ويو آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ميهڙ

عام اطلاع

هر عام ۽ خاص کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار عرفان حيدر ولد پائي خان سمور وينل ڳوٺ محسن شاهه تعلقه ٺري ميرواهه ضلع خيرپور درخواست ڪئي آهي ته منهنجو والد پائي خان ولد همايون خان ذات سمور تاريخ 13-5-2016 تي فوت ٿي ويو هو جنهن جي نالي ديهه ٻاگو ڏيرو ٽپو پير عبدالقادر شاهه جيلاني ۾ زرعي زمين سروي نمبر 462، 466، 502-، 1007، 471، 473، 1010، 1009، 528، 472،467، 952 حصو/سارو زرعي زمين ٽوٽل 22 ايڪڙ 31 ويسا آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. فوتي جا قانوني ۽ حقيقي وارث هيٺ ڄاڻايل آهن جن ۾ (1) اظهر علي پٽ (2) مظهر علي پٽ (3) عمران علي پٽ (4) ثمينه ڪنول ڌي (5) عرفان حيدر پٽ (6) سهيل نعمان پٽ (7) عمارا خان ڌي (8) شزا خان ڌي (9) منظوران بي بي زال فوتي جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڪئي آهي. جيڪڏهن ڄاڻايل وارثن بابت ڪنهن کي ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي (7) ستن ڏينهن اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ پنهنجا اعتراض پيش ڪري مدو گذرڻ ڪانپوءِ فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪو به اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ٺري ميرواهه

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نظير احمد پٽ پنيل اسان کي درخواست ڏني آهي ته هيٺ ذڪر ڪيل فوتين جي سنڌن حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر 128/2.4 ايراضي (07.37) ايڪڙ ديهه خان پوٽا ٽپو هٽڙي تعلقه حيدرآباد ۾ آهي جن جا فوتي کاتا سنڌن جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن. فوتي پنيل پٽ الله بچايو جيڪو مورخه 03-10-2000 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث:نظير احمد (پٽ) ارباب زادي (ڌي) قابل (ڌي) صابل (ڌي) عبدالله (پٽ) رمضان (پٽ) فوتڻ قابل ڌي پنيل ڦل محمد شفيع جيڪا مورخه 01-02-2022 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث:شوڪت علي (پٽ)، اشرف علي (پٽ)، محمد سجاد (پٽ)، راحله (پٽ) زاهده پروين (ڌي) نوشابه (ڌي) محمد شفيع (مڙس) فوتڻ صابل ڌي پنيل ڦل امير بخش جيڪا مورخه 10-11-2014 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث:ذوالفقار علي (پٽ) ، محمد ابراهيم (پٽ)، محمد زاهد (پٽ)، محمد زبير (پٽ)، مسمات زينب (ڌي) امير بخش (مڙس) فوتي عبدالله ولد پنيل جيڪو مورخه 03-02-2015 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث:شاهنواز (پٽ)، خادم حسين (پٽ)، وزير احمد (پٽ)، پير بخش (پٽ)، خالد حسين (پٽ)، پروين ابراهيم (ڌي) سائنڻ (زال) فوتي رمضان ولد پنيل جيڪو مورخه 02-12-2020 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث:مولا بخش (پٽ)، الله بچايو (پٽ) محمد عمران (پٽ) نور جهان (ڌي) ، نجمه (ڌي) فوتڻ نورجهان ولد رمضان زال خير محمد جيڪا مورخه 21-03-2023 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث:محمد ڪامران (پٽ)، محمد رضوان (پٽ)، ريشمان (ڌي) ، تهمينا (ڌي)، خير محمد (مڙس) فوتي الله بچايو ولد رمضان جيڪو مورخه 21-01-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث:مولا بخش (پٽ)، محمد عمران (پٽ)، نجمه (ڌي) فوتي وزير احمد ولد عبدالله جيڪو مورخه 15-08-2015 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث:شاهنواز (ڀاءُ) خادم حسين (ڀاءُ) پير بخش (ڀاءُ)، خالد حسين (ڀاءُ) ممتاز (بيوه) ماروي (ڌي) جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرانالاڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

لاتعلقي جو اظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته آئون پنهنجي پٽ نالي حسنين مگنيجو ولد نذير مگنيجو جيڪو غلط صحبت ۾ اچي موالي ٿي ويو آهي لوفر قسم جي ماڻهن سان گهمي ڦري نشي جي حالت ۾ گهر وارن سان وڙهڻ ڌمڪيون ڏيڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي اڄ کانپوءِ منهنجو ۽ گهر ڀاتين جو پنهنجي پٽ حسنين مگنيجو ولد نذير مگنيجو سان ڪنهن به قسم جو ڪوبه واسطو نه آهي ان کي پنهنجي فيملي ، گهر ۽ پراپرٽي مان پڻ عاق ڪيان ٿو اگر هو ڪنهن سان به ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڦلو فساد ڪري ٿو ته ان جو پاڻ ذميوار هوندو اسان جو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

نذير مگنيجو ولد غلام حسين شناختي ڪارڊ نمبر 4120401850355 وينل گهر نمبر 261 دريا آباد ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو

* * *

جڏهن ته ريسڪيو اختيارين 11 ڄڻن جا لاش واقعي واري هنڌ تان منتقل ڪرڻ جي تصديق ڪئي آهي. ڌماڪي ڪانپوءِ سيڪيورٽي اهلڪارن ۽ حملو ڪندڙن ۾ شديد فائرنگ به شروع ٿي وئي. ريسڪيو 1122 موجب، دراژندا امن ميلي پرسان ڌماڪي جي اطلاع ملندي ئي دراژندا اسٽيشن جي ٽيم فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ امدادي ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون ضلعي ايمرجنسي آفيسر محمد عارف خان جي هدايت تي ڊيرا اسماعيل خان مان وڌيڪ 4 ايمبولينسون عملي سميت واقعي واري هنڌ روانيون ڪيون ويون. ريسڪيو 1122 موجب، ابتدائي امدادي ڪارروائين دوران 30 زخمين کي طبي امداد فراهم ڪرڻ ڪانپوءِ مختلف اسپتالن ڏانهن منتقل ڪيو ويو جڏهن ته 11 شهيدن جا لاش پڻ واقعي واري هنڌ تان منتقل ڪيا ويا. دراژندا امن ميلي چيڪ پوسٽ تي حملي بابت خيبرپختونخوا جي گورنر اعليٰ اختيارين کان واقعي جي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. گورنر چيو آهي ته حملو فتنہ الهندستان خارجين جي ناپاڪ سازش آهي هن چيو ته زخمين کي هر ممڪن طبي امداد فراهم ڪئي ويندي. ريسڪيو 1122 موجب، امدادي ٽيمون اڃا تائين واقعي واري هنڌ موجود آهن ۽ زخمين کي ڪيڙڻ سان گڏ طبي امداد فراهم ڪرڻ جو عمل جاري آهي

* * *

کي خطاب ڪندي وقتي پرڏيهي سيڪريٽري نبيل منير چيو آهي ته دنيا ۾ 11 ڪروڙ 70 لک ماڻهو جبري طور بي گهر ٿي چڪا آهن سلامتي ڪائونسل کي نون تڪرارن جي روڪٿام ڏکيو وقت کان جاري تڪرارن جي حل ۽ گڏيل قومن جي چارٽر ۽ عالمي قانون موجب تياڪري ۽ تڪرارن جي پرامن حل کي هٿي ڏيڻ لاءِ قدم کڻڻا پوندا. هن چيو ته ڏکيو بحران مسلسل بي دخلي جو سبب بڻجي رهيو آهي جڏهن ته نئون انساني بحران جنم وٺي رهيو آهي نبيل منير چيو ته جبري بيدخلي ۾ واڌ سبب عالمي يڪجهتي دٻاءُ جو شڪار آهي ۽ پاڪستان ان صورتحال کان چڱي ريت واقف آهي وقتي پرڏيهي سيڪريٽري چيو ته پاڪستان چئن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي کان لکين افغان شهرين جي ميزباني ڪري رهيو آهي اقتصادي مشڪلاتن باوجود کين تحفظ ۽ مهمان نوازي فراهم ڪندو آيو آهي هن چيو ته پناهگيرن جي آبادڪاري جي عمل کي وڌيڪ موثر بڻائڻ جي ضرورت آهي ترقي يافته ملڪن کي گهڻ سالا پروگرام جوڙڻ گهرجن هن رضاڪارانه واپسي ۽ پائيدار بحالي لاءِ عالمي تعاون ۾ واڌ تي زور ڀريو نديم منير چيو ته واپسي جو عمل رضاڪارانه محفوظ ۽ باوقار هئڻ گهرجي ان لاءِ مناسب وسيلن سان هلندڙ پروگرام ضروري آهن اسان جو گڏيل مقصد اهڙي دنيا هئڻ گهرجي جتي گهٽ ۾ گهٽ ماڻهو پنهنجي گهر ڇڏڻ تي مجبور هجن ۽ بي گهر ماڻهو سلامتي، وقار ۽ امن سان پنهنجي گهرن ڏانهن واپس وڃي سگهن

* * *

1967ع کان اڳ جي سرحدن تي ٻڌل آزاد، خودمختيار فلسطيني رياست جنهن جي گادي وارو هنڌ القدس الشريف هو جي قيام لاءِ پاڪستان جي پختي موقف جو ورجاءُ ڪيو آهي چنجر ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان مطابق نائب وزيراعظم بيت المقدس جي حوالي سان عرب ليگ ۽ گروپ آف 4 اسلامي ملڪن (پاڪستان، ترڪيه، ملائيشيا، انڊونيشيا) جي گڏيل وزارتي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي اهو اجلاس هاشمي سلطنت اردن طرفان گهرايو ويو هو ۽ اهو 5 آگسٽ 2026ع تي عمان ۾ منعقد بيت المقدس جي وزارتي اجلاس جو فالو اپ هو نائب وزيراعظم مسجد اقصيٰ ۽ الحرم الشريف خلاف جاري ڇيڪڙين ۽ والاريل اوير بيت المقدس ۾ تاريخي ۽ قانوني صورتحال کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو هن بيت المقدس ۾ اسلامي ۽ عيسائي مقدس جاين تي هاشمي سرپرستي لاءِ پاڪستان جي پختي موقف جو ورجاءُ ڪيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير فلسطيني عوام جي خودارادي واري حق ۽ 1967ع کان اڳ جي سرحدن تي ٻڌل هڪ آزاد، خودمختيار رياست فلسطين جي قيام لاءِ پاڪستان جي پختي موقف جو ورجاءُ ڪيو جنهن جو گادي وارو هنڌ القدس الشريف هو

* * *

جي عزم جو ورجاءُ ڪرڻ ۽ ايٽمي هٿيارن سبب لاحق خطرن ۽ انهن جي مڪمل خاتمي جي ضرورت بابت آگاهي وڌائڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ آهي يو اين جنرل اسيمبلي قرارداد 32/68 تحت ان ڏهاڙي کي ملهائڻ جو فيصلو ڪيو هو جنهن جو مقصد ايٽمي هٿيارن جي مڪمل خاتمي جي عالمي ڪوشش کي هٿي وٺرائڻ آهي سڄي دنيا ۾ 26 سيپٽمبر 2014ع تي پهرين ڀيرو عالمي سطح تي اهو ڏهاڙو ملهايو ويو گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش ان ڏهاڙي جي حوالي سان پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته وڌندڙ ڇڪتاڻ، گڏيل عدم اعتماد، فوجي هڪجهڙائي ۽ ايٽمي هٿيارن جي جديد ڪاري عالمي خطرن ۾ اضافو ڪري رهيا آهن. هن ايٽمي هٿيارن جي مڪمل خاتمي لاءِ سفارتڪاري ۽ عالمي ڪوششون تيز ڪرڻ تي به زور ڀريو. اسٽاڪ هوم انٽرنيشنل پيس ريسرچ انسٽيٽيوٽ جي 2026ع جي رپورٽ مطابق جنوري 2026ع ۾ دنيا جي 9 ايٽمي هٿيار رکندڙ ملڪن وٽ مجموعي طور تي اٽڪل 12 هزار 187 ايٽمي وار هيڊز موجود آهن جن ۾ اٽڪل 9 هزار 745 فوجي ذخيري ۾ شامل آهن

* * *

ڪندي چيو آهي ته خيبرپختونخواهه جي باشعور عوام انتشار جي سياست کي رد ڪري ڇڏيو هتي جاري بيان مطابق انجنيئر امير مقام چيو ته صوبائي حڪومت جي ترجيح عوام نه انتشار آهي 27 سيپٽمبر ويو هاڻي 4 آڪٽوبر اچي رهي پر ڪي پي ڪي جو سوال اهو ئي آهي 14 سالن ۾ صوبي کي ڇا ڏنو؟ صوبو دهشتگردي ۽ بدامني کي منهن ڏئي رهيو آهي ۽ حڪومت جون سڀ توانائيون مارچن تي لڳل آهن هن چيو ته دهشتگردي سڀ کان وڏو مسئلو آهي. پر پي ٽي آءِ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سنجيده ناهي. ڪي پي ڪي جي حڪومت جي ترجيحن ۾ به دهشتگردي جي خاتمي جي ڪا واضح ايجنڊا نظر نه ٿي اچي اها ڳالهه به سوال جوڳي آهي ته اڄ تائين پي ٽي آءِ جي ڪنهن ريلي، عوامي اجتماع يا ڪنهن اڳواڻ کي دهشتگردي جي ڪنهن حملي کي منهن ڏيڻو پيو آهي. هن چيو ته عوام ڄاڻي ٿو ته اسان ماضي ۾ ڪيترائي ڀيرا اپگهاتي حملن کي منهن ڏئي چڪا آهيون ان ڪري اها صورتحال ڪيترا ئي سوال اٿاري ٿي دهشتگردي جو ڏک انهن هزارين خاندانن کان پڇيو جن پنهنجا پيارا وڃايا، ڪنهن به صورت ۾ پوليس تي قبضو يا ان کي پنهنجي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي وفاقي وزير چيو ته ڪي پي ڪي پوليس دهشتگردي خلاف جنگ ۾ بي مثال قربانيون ڏنيون آهن ۽ اسان پوليس کي سياست ۾ گهلڻ جي خلاف آهيون 4 آڪٽوبر جو واحد مقصد صوبي کي بند رکڻ عوام لاءِ وڌيڪ ڏکيائيون پيدا ڪرڻ ۽ انهن کي وڌيڪ سزا ڏيڻ آهي

* * *

ريسڪيو عملو پڻ پهچي ويو ڳولا ڪئي جڏهن ته پورهيت جي وارثن پڻ مسلسل ڳولا ڪئي هٿ نه اچي سگهيو هوڏانهن پورهيت جي گهر ۾ روڄ راڙو متل آهي سندس وارثن حيدرآباد جي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته سندس همراهه جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي

* * *

آهي ته فوتگيون مبينه طور تي غير معياري يا جعلي شراب جي استعمال سبب ٿيون آهن ناگالينڊ ۾ ساڍن 3 ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي کان شراب جي وڪري ۽ استعمال تي مڪمل پابندي لاڳو آهي رياستي حڪومت مبينه جعلي شراب وڪرو ڪندڙ جو پتو لڳائڻ لاءِ خصوصي ٽاسڪ فورس قائم ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته پوليس واقعي جي سلسلي ۾ ڪيترن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو آهي

* * *

ويزن کي ٺوس نتيجن ۾ تبديل ۽ علائقائي اقتصادي تعاون، رابطاڪاري ۽ انضمام کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي. چنجر ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس جي موقعي تي نيويارڪ ۾ اقتصادي تعاون تنظيم جي وزارتي ڪائونسل جي 27هين غير رسمي ويهڪ جي صدارت ڪئي پاڪستان هن وقت اي سي او جي وزيرن واري ڪائونسل جي صدارت 27-2026ع لاءِ ڪري رهيو آهي جنهن جو موضوع هڪ مستحڪم اي سي او لاءِ علائقائيت جو خواهشمند آهي نائب وزيراعظم اي سي او جي ميمبر ملڪن جو ٿورو مڃيو ته هنن پاڪستان تي اعتماد جو اظهار ڪيو ۽ تنظيم جي مقصدن کي اڳيان وڌائڻ ۽ علائقائي تعاون کي مضبوط بڻائڻ لاءِ پاڪستان جي عزم کي ورجايو پنهنجي خطاب ۾ نائب وزيراعظم خطي ۽ وچ اوڀر ۾ موجوده سيڪيورٽي صورتحال تي گهري ڳڻتي جو اظهار ۽ عالمي قانون موجب تڪرارن جي پرامن حل لاءِ پاڪستان جي عزم کي ورجايو هن زور ڀريو ته اي سي او ملڪن کي پنهنجي اجتماعي امڪان کي ڪتب آڻيندي امن لچڪ ۽ علائقي جي تقريباً اڌ ارب ماڻهن کي گڏيل خوشحالي کي هٿي ڏيڻ گهرجي نائب وزيراعظم اي سي او جي صدارت لاءِ پاڪستان جو ترجيحون بيان ڪيون جن ۾ خطي اندر واپار ۽ اقتصادي انضمام کي گهرو ڪرڻ، وچ ايشيا کي عربي سمنڊ سان جوڙيندڙ رابطن ۽ ٽرانزٽ ڪوريڊورز کي مضبوط بڻائڻ، ڊجيٽل طور فعال اي سي او فري ٽريڊ ايريا کي اڳتي وڌائڻ ۽ موسمياتي لچڪ تي علائقائي تعاون ۾ توسيع شامل آهي هن ويهڪ ۾ اي سي او ميمبر ملڪن جي پرڏيهي وزيرن ۽ سينيئر نمائندن شرڪت ڪئي اي سي او جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر اسد مجيد خان ڪائونسل کي بريفنگ ڏني ۽ شريڪ وزيرن ۽ وفدن جي سربراهن علائقائي ۽ عالمي اڀرندڙ خيالن جي ڏي وٺ ۽ وڌندڙ علائقائي تعاون جي حمايت جو اظهار ڪيو هي ويهڪ اسلام آباد ۾ نومبر 2026ع ۾ منعقد ٿيندڙ اي سي او جي وزيرن واري ڪائونسل جي 30هين اجلاس لاءِ تياري جو موقعو پڻ فراهم ڪيو پاڪستان سمورن اي سي او ميمبر ملڪن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو منتظر آهي ته جيئن تنظيم جي گڏيل ويزن کي ٺوس نتيجن ۾ تبديل ڪرڻ ۽ علائقائي اقتصادي تعاون رابطاڪاري ۽ انضمام کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي

* * *

بيرسٽر معشوق جتوئي جي نوجوان پٽ مير محمد جتوئي جي اوچتي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته مير محمد جتوئي جو اوچتو لاڏاڻو انتهائي ڏکوئيندڙ ۽ ناقابل تلافي صدمو آهي فريال ٽالپر چيو ته هن ڏکئي گهڙي ۾ پارٽي قيادت سميت سموري پاڪستان پيپلز پارٽي بيرسٽر معشوق جتوئي ۽ سوڳوار خاندان جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي هن مرحوم مير محمد جتوئي جي مغفرت ۽ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام لاءِ دعا ڪندي چيو ته الله پاڪ بيرسٽر معشوق جتوئي ۽ سندس سمورن وارثن کي هي وڏو صدمو برداشت ڪرڻ لاءِ صبر جميل عطا فرمائي

* * *

۾ گهٽتائي رڪارڊ ٿي ۽ 24 قيراط في تولو سون جي قيمت 2100 رپيا گهٽجي 4 لک 50 هزار 936 رپيا ٿي وئي ساڳئي طرح 24 قيراط 10 گرام سون جي قيمت 1800 رپيا گهٽجي 3 لک 86 هزار 604 رپيا ٿي وئي جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت ۾ 1651 رپين جي گهٽتائي ٿي ۽ قيمت 3 لک 54 هزار 399 رپيا ٿي وئي ايسوسيئيشن ٻڌايو ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت 21 ڊالر گهٽجي 4284 ڊالر في اونس ٿي وئي ٻئي پاسي چانديءَ جي في تولو قيمت 60 رپيا گهٽجي 6903 رپيا جڏهن ته 10 گرام چانديءَ جي قيمت 51 رپيا گهٽجي 5918 رپيا ٿي وئي ايسوسيئيشن مطابق عالمي مارڪيٽ ۾ به چانديءَ جي قيمت 0.60 ڊالر جي گهٽتائي سان 64.25 ڊالر في اونس ٿي وئي

* * *

جي علائقي مچر ڪالوني غفار خان گهٽي ابراهيم مسجد ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ 5 سالن جو ٻار واڻهوڙ مرشد ولد ذاڪر شاهه فوت ٿي ويو شاهه لطيف سٽي اسپتال جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 30 سالن جو نامعلوم فوت ٿي ويو

* * *

شراب 2500 گرام چرس ۽ ٻيون منشيات هٿ ڪيون ويون جوابدارن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي موجب پوليس کي اطلاع مليو هو ته منشيات سپلاءِ ڪندڙ گروهه جا 4 جوابدار وڏي مقدار ۾ منشيات کڻي خيرپور شهر ڏانهن اچي رهيا هئا ، جنهن تي پوليس کي جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. پوليس فورس قومي شاهراهه تي ناڪابندي ڪري ڪارروائي ڪندي چئن ئي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن ۾ محبوب عرف رانول منگريو غلام فريد ڦيٻس گيان چند ۽ حنيف ڀيو شامل آهن. پوليس موجب جوابدارن جي قبضي مان 46 بوتلون ولائتي شراب، 2500 گرام چرس ۽ ٻيون منشيات هٿ ڪيون ويون پڇا ڳاڇا دوران جوابدارن مبينا طور منشيات وڪرو ڪرڻ جو اعتراف ڪيو. جوابدارن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي. ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي چيو آهي ته منشيات وڪرو ڪندڙ ماڻهو سماج جا دشمن آهن ۽ انهن خلاف روزانو جي بنياد تي ڪارروايون جاري رکيون وينديون

* * *

اظهار ڪيو آهي شرجيل انعام ميمڻ ڌماڪي ۾ شهيد ٿيل پوليس ۽ ڪسٽمز اهلڪارن، عورتن ۽ معصوم ٻار سميت سمورن شهيدن جي وارثن سان تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته دهشتگردي جو هي بزدلاڻو واقعو سڄي قوم لاءِ انتهائي افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو آهي هن چيو ته دهشتگرد عنصر معصوم شهرين ۽ اهلڪارن کي نشانو بڻائي پنهنجن ناپاڪ ارادن ۾ ڪامياب نٿا ٿي سگهن ملڪ ۾ امن جي قيام لاءِ پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪندڙ شهيدن جون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عوام جنازا کڻي رهيو آهي ۽ خيبرپختونخوا جو وڏو وزير عمران خان جي آزادي جي ايجنڊا تي آهي خيبر پختونخوا جي وڏي وزير جي پهرين ترجيح سياست نه پر صوبي جي عوام هجڻ گهرجي

* * *

ميڊيڪل اسٽور تان رات جي پوئين پهر ۾ 6 نامعلوم هٿيارٻند 2 موٽر سائيڪلن تي سوار اسٽور مالڪ افضل حسين سهتو ۽ اتي موجود گراهڪ کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي کين کان موبائيل فون، روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري وڏي آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. واقعي جو اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ شهري وڏي انگ ۾ واقعي واري هنڌ پهتا، ان موقعي تي متاثر اسٽور مالڪ افضل حسين سهتو ٻڌايو ته اسين روزين مطابق اسٽور تي ويٺل هئاسين ته ٻن موٽرسائيڪلن تي نامعلوم منهن ڍڪيل 6 ماڻهو هٿيارن سان آيا، جن مون سميت اتي بيٺل گراهڪ فواد حسين سولنگيءَ کان موبائيل فون، روڪ رقم جنهن جي ماليت تقريبن 40 کان 50 هزار رپيا ان کان علاوهه ڪجهه ضروري دستاويز پڻ کڻي وڏي آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. جڏهن ته واقعي جي اين سي پوليس اسٽيشن تي وڃي داخل ڪرائي وئي آهي. ٻئي پاسي ڊي ايس پي گمبٽ صبر ميمڻ ۽ ايس ايڇ او راڻي پور متاثرن وٽ پهتا کين واقعي بابت تفصيل ورتا ۽ يقين ڏياري ڪرائي ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري ڦر ٿيل سامان واپس ڪرايو ويندو. ٻئي پاسي شهر ۾ وڌندڙ بدامنيءَ تي شهرين واپارين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته بدامنيءَ جو نوٽيس وٺي شهرين کي جاني ۽ مالي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي وينداسين

* * *

پورهيت 25 ورهين جو پرويز پٽ امين محمد گيچاٽي واهه ۾ ڪري ٻڏي ويو اطلاع تي ريسڪيو عملو پڻ پهچي ويو ڳولا ڪئي جڏهن ته پورهيت جي وارثن پڻ مسلسل ڳولا ڪئي هٿ نه اچي سگهيو هوڏانهن پورهيت جي گهر ۾ روڄ راڙو متل آهي سندس وارثن حيدرآباد جي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته سندس همراهه جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي

* * *

۾ بروهي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ 3 سالن کان هلندڙ پراڻي تڪرار جو نبيرو سندس لاڙڪاڻي واري رهائشگاهه تي ٿيو جنهن ۾ رحيم بخش بروهي، رحيم بخش جعفري، گلشير خان بروهي، مير احمد خان جڪراڻي، جاويد بروهي، شير احمد بروهي، زين مينگل، باز محمد خان مينگل، مير مصطفيٰ خان رند، مقدم محمد مراد جعفري مير ٻهرام خان بروهي سميت ٻين شرڪت ڪئي جنهن ۾ ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ بعد في خون 50 لک روپيا ڀها جي حساب سان ٻنهي ڌرين مٿان هڪ هڪ خون ثابت ٿيڻ تي سنڌن مٿان هڪ ڪروڙ روپيه ڏنڊ وڌو ويو جڏهن ته واڻهوڙ نينگري سميت ٻن ڄڻن کي زخمي ڪرڻ جو 5، 5 لک روپيه مقرر ڪيو ويو جن ڏانهن جهانگير بروهي جي ڌر وارا ميڙ ڪئي ويندا. جڏهن ته نبيري ۾ شهدادڪوٽ واسي لالو بروهي جو خون ثابت نه ٿيو ۽ ڌرين کي قسم ساک ڏنو ويو اهڙي طرح مستقبل ۾ اڳرائي ڪندڙ ڌر مٿان هڪ ڪروڙ روپيه ڏنڊ مقرر ڪري ٻنهي ڌرين کي پاڪ پاڙائي ڪيرڪنڊ ڪيو ويو واضح رهي ته 3 سال اڳ شهدادڪوٽ ۾ ڳڙهي ياسين واسي گلشير بروهي ڌر جو سنڌس سئوٽ لالو بروهي قتل ٿيو جنهن کان پوءِ ڳڙهي ياسين واسي جهانگير بروهي ڌر جي سنڌس پٽ بلاول بروهي کي قتل ڪيو هو جڏهن ته جهانگير ڌر جي ماڻهن پلاٽ ۾ مديجي پرسان ڳوٺ فقير پور واسي صادق بروهي کي قتل ڪيو هو جنهن واقعي ۾ نينگري سميت 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا هئا جنهن کان پوءِ ڌرين ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي هئي ڪجهه ڏينهن اڳ مير محمد امين مينگل جي اڳواڻيءَ ۾ ميرمنٽ قافلو سيد، پاڪ ڪتاب ۽ نياڻيون ساڻ ڪري ڌرين وٽ پهتو جتي ٻنهي ڌرين ميرمنٽ قافلي کي مان ڏيندي فيصلي تي راضپو ظاهر ڪيو هو

* * *

سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. جڏهن ته چورن اڪرم ڪنڀار جي هوٽل جي الماڙي ٽوڙي ايل سي ڊي ٽي وي پڻ چوري ڪري ورتي هڪ ئي رات ٻن وارداتن سبب شهرين ۽ واپارين ۾ خوف ۽ ڳڻتي پکڙجي وئي شهرين پوليس کان فوري طور نوٽيس وٺي چوري جي وارداتن ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري مسروقه سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي ٻي صورت ۾ ٽنڊو مٺاخان شهر ۾ هڙتال جو سڏ ڏنو ويندو

* * *

ٿي وئي آهي، جنهن ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ نوجوان PUBG موبائل جي مقابلن ۾ حصو وٺي رهيا آهن ٻئي طرف، اسلاميه ڪاليج ڪراچي ۾ ريلز ٽيبل ٽينس ٽورنامينٽ 4.0 جو انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف اسڪولن ڪاليجن ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي بوائز ۽ گرلز ٽيمن شرڪت ڪئي ان کان علاوه ، سنڌ يوٿ ڪلب ڪراچي ۾ راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي حڪومت سنڌ جي سهڪار سان آل سنڌ ڪراٽي چئمپين شپ 2026 پڻ جاري آهي سنڌ يوٿ ڪلب ڪراچي ۾ YouExcel جي سهڪار سان اي-دوڪان (E-Dukan) ورڪشاپ جو پڻ انعقاد ڪيو ويو جنهن جو مقصد نوجوانن کي ڊجيٽل ڪاروبار ۽ آن لائن واپار بابت آگاهي ۽ تربيت فراهم ڪرڻ هو سنڌ جي راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي سيڪريٽري منور علي مهيسر انهن سمورين سرگرمين ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي هن اي-اسپورٽس ۽ ڪراٽي جي مقابلن جو جائزو ورتو ۽ اي-دوڪان ورڪشاپ جي شرڪاءَ سان ملاقات ڪئي تقريب ۾ ڊائريڪٽر راندين ڊاڪٽر اسد اسحاق، ڊپٽي ڊائريڪٽر نوجوانن وارا معاملا سيد حبيب الله، ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر اسماعيل شاهه، پروگرام آرگنائيزر واجد شاهه ۽ ٻيون لاڳاپيل شخصيتون پڻ موجود هيون ان موقعي تي راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري سيڪريٽري منور علي مهيسر چيو ته راندين واري صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر جي هدايتن تي حڪومت سنڌ نوجوانن کي جديد ۽ روايتي راندين جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي اي-اسپورٽس نوجوانن لاءِ جديد راندين جي ميدان ۾ پنهنجون صلاحيتون مڃرائڻ جو هڪ اهم پليٽ فارم آهي. جڏهن ته ٽيبل ٽينس ۽ ڪراٽي جهڙيون رانديون نوجوانن ۾ نظم و ضبط، خوداعتمادي جسماني صحت ۽ صحتمند مقابلي جي جذبي کي هٿي وٺرائين ٿيون هن وڌيڪ چيو ته نوجوانن جي صلاحيتن کي نکارڻ ۽ انهن کي مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ راندين جا مختلف موقعا فراهم ڪرڻ ضروري آهن ان سان گڏوگڏ نوجوانن کي ڊجيٽل مهارتن ۽ آن لائن ڪاروبار بابت تربيت ڏيڻ پڻ وقت جي اهم ضرورت آهي ته جيئن هو روزگار ۽ ڪاروبار جي نون موقعن مان فائدو حاصل ڪري سگهن راندين واري سيڪريٽري ان عزم جو اظهار ڪيو ته راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي صوبي ۾ راندين کي هٿي وٺرائڻ نوجوانن جي فني تربيت ۽ انهن کي جديد دور جي تقاضائن سان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندو

* * *

هٿيارن جي زور تي پئسا ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن دوران هڪ علائقي جي ماڻهون ڦورن سان وڙهي پيا جنهن کانپوءِ هڪ ڦورو کي هٿيار سميت گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ٻيو ڦورو ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جنهن کانپوءِ ٽنڊو غلام حيدر پوليس پهچي پڪڙيل ڦورو کي گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪري ڇڏيو آهي

* * *

ڏهه ڏهه لک رپيا ڏنڊ ادا ڪرڻ جا نوٽيس موڪلڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽرن ٽوڙي ميڊيڪل سينٽرن جي مالڪن ڏنڊ جي رقم ڏيڻ کان انڪار ڪندي ايف بي آر جي اهڙي فيصلي خلاف ميڊيڪل سينٽرن تي ڪارا جهنڊا چاڙهي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ۽ پئرا ميڊيڪل اسٽاف ايسوسيئيشن سان گڏجي هٿن ۾ بئنر کڻي پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي، بعد ۾ هنن پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس پڻ ڪئي ان موقعي پرائيويٽ ميڊيڪل سينٽر ايسوسيئيشن جي صدر ۽ سينئر ڊاڪٽر خورشيد احمد عباسي تنظيم جي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر عبدالڪريم شيخ خزانچي ڊاڪٽر رياض شيخ پي ايم اي سنڌ جي صدر ڊاڪٽر ديالي گل ڊاڪٽر فاروق شيخ ڊاڪٽر سڪندر علي مغل سرجن ڊاڪٽر شير محمد شيخ ۽ ٻين ڊاڪٽرن ٽوڙي ميڊيڪل سينٽرن جي مالڪن سان گڏجي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته لاڙڪاڻي سميت سڄي ملڪ ۾ سڀ کان گهٽ ٽيڪس ڊاڪٽر ڪميونٽي ادا ڪري ٿي اسان عوام جي اهنجن جو علاج ڪري عوامي خدمت ڪريون ٿا، پر ان جي باوجود ڪجهه عرصي کان وٺي لاڙڪاڻي شهر جي ڊاڪٽرن ۽ خانگي ميڊيڪل سينٽرن جي مالڪن کي ايف بي آر سکر طرفان پنهنجي حدن کان اورانگهي بلاجواز تنگ ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي جڏهن ته سال اڳ ايف بي آر سکر طرفان خانگي ميڊيڪل سينٽرن ٽوڙي ڪلينڪ هلائيندڙ ڊاڪٽرن کي هڪ ليٽر جاري ڪري چيو ويو هو ته خانگي ميڊيڪل سينٽرن ۽ ڪلينڪن ۾ پرافٽ اينڊ لاس اسٽيٽمينٽ سسٽم (آمدني ۽ کپت جي حساب ڪتاب جو نظام) لاڳو ڪيو وڃي، جنهن معاملي تي اسان ڊاڪٽرن ايف بي آر سکر جي ڪمشنر ۽ ٻين عملدارن سان گڏجاڻيون ڪري ڳالهيون ڪيون هيون جنهن کان پوءِ سال گذرڻ باوجود ايف بي آر جي عملدارن طرفان نه ڪيو ويو ۽ تازو 10 ڏينهن اڳ ايف بي آر طرفان لاڙڪاڻي جي خانگي ميڊيڪل سينٽرن جي مالڪن ٽوڙي ڪلينڪ هلائيندڙ ڊاڪٽرن کي ڌار ڌار نوٽيس اماڻي 10 لک رپيا ڏنڊ ادا ڪرڻ جو چيو ويو آهي جيڪا سراسر ناانصافي آهي هن چيو ته اهڙي قسم جو سسٽم ڪاروباري ڌرين تي لڳايو ويندو آهي اسان ڪو ڪاروبار ته نه ٿا ڪيون ميڊيڪل سينٽرن ۽ ڪلينڪن تي خريد ۽ وڪرو وارو ڪو ڪاروبار نه ناهي هوندو اتي ته اسان گهٽ فيس وٺي مريضن جو علاج ڪندا آهيون اسان کي ايف بي آر جو اهڙو فيصلو ۽ رويو قبول ناهي جنهن خلاف اسان هاڻي قانوني رستو اختيار ڪرڻ سان گڏ احتجاج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي جيڪڏهن ڄاڻايل سسٽم لاڳو ڪرڻ جو مرحلو پورو ڪرڻو هو ته اسان سان باضابطه طور رابطو ڪيو وڃي ها، پر هتي ته بغير اطلاع جي اسان کي لکين رپين جا ڏنڊ ڀيارڻ جا اوچتو نوٽيسس اماڻيا ويا آهن جن جو بار وري به غريب مسڪين مريضن مٿان ئي پوندو هن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺندي موڪليل نوٽيس واپس وٺي ڊاڪٽرن وچ ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ قانوني رستو اختيار ڪرڻ سان گڏ پرامن احتجاجي تحريڪ هلائڻ ۽ شٽرينڊ هڙتال ڪرڻ جو حق رکون ٿا.

* * *

يونيورسٽي ايٽ آريجا ٿاڻي تي سرڪاري فرياد تي ٻه سڃاتل ٻن اڻ سڃاتل جوابدارن تي ڪيس داخل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس جا ڇاپا جاري، مقتولا ناري جي جنازي نماز بعد مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. رپورٽ موجب، باقراڻي لڳ يونيورسٽي ايٽ آريجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ نيٺن گڏ ۾ هڪ ڏينهن اڳ نوجوان ناري اٽڪل 20 سالا صدف ٻگهيو کي قتل ڪرڻ وارو ماسرو نئون رخ اختيار ڪري ويو. جڏهن ته ان سلسلي ۾ مليل معلومات موجب نيٺن گڏ ۾ گذريل ڏينهن پنهنجي پيءُ نديم ٻگهيو پنهنجي گهر ۾ ويٺل 20 سالا نوجوان ڌيءَ صدف ٻگهيو کي پسٽل جا فائر ڪري بي دردي سان قتل ڪري فرار ٿي ويو جڏهن ته اهڙي واقعي جو اطلاع ڳوٺائڻن حد جي ٿاڻي يونيورسٽي ايٽ آريجا ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو هو جنهن بعد يونيورسٽي ايٽ آريجا ٿاڻي جي پوليس پوسٽ مارٽم لاءِ ڏوڪري ڪنائي وٺي هئي جنهن بعد پوسٽ مارٽم ۽ جاچ ڪرڻ بعد سرڪاري فرياد تي فريادي اي ايس آءِ غلام عباس ٽونيو جي فرياد تي ٻن سڃاتل جوابدارن نديم ٻگهيو غلام سرور ٻگهيو ۽ ٻن اڻ سڃاتل جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته يونيورسٽي ايٽ آريجا ٿاڻي جي پوليس اهڙي قتل ڪيس ۾ گهربل مڪ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي رهي آهي. هوڏانهن واضح رهي ته گذريل رات ڏوڪري اسپتال ۾ مقتولا ناري جي امڙ حفيظان ٻگهيو پوليس ۽ صحافين کي اهو بيان ڏنو هو ته سندس جي ڌيءَ صدف کي سندس ناٽي سهيل گوپانگ ۽ ديدار ڪلهوڙو قتل ڪري فرار ٿي ويا آهن جنهن بعد پوليس مختلف رخن کان جاچ ڪئي ته مقتولا ناري جا قاتل سندس جا وارث پيءُ نديم ٻگهيو ۽ ٻيا نڪتا. هوڏانهن اهڙي واقعي بعد ڳوٺ نيٺن گڏ ۾ مقتولا ناري جي گهر ٻاهران پوليس پڪيٽ قائم ڪئي آهي ۽ اهڙي ماسري ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي ڪئي پئي وڃي.

* * *

آهي جنهن سبب گاڏين هڪ ٻئي لين تي هلڻ تي مجبور آهن ان جي نتيجي ۾ مورو کان راڻيپور تائين روزاني بنياد تي حادثا پيش اچن ٿا ۽ هڪ مهيني اندر 50 کان وڌيڪ ٽريفڪ حادثا ٿي چڪا آهن جنهن ۾ 60 کان وڌيڪ ماڻهو اجل جو شڪار ٿي رهيا آهن هن چيو ته نيشنل هائي وي مورو کان وٺي راڻي پور تائين روڊ کي اکيڙي ڇڏيو آهي جنهن ڪري ٽريفڪ هڪ روڊ تي هلي رهي آهي جيڪو سفر ڪراچي کان خيرپور تائين 6 ڪلاڪن ۾ ٿيندو هو اهو هاڻي 12 ڪلاڪن ۾ ٿي ٿو ۽ ٽريفڪ پڻ ڪلاڪن تائين جام رهي ٿي هن چيو ته نيشنل هاءِ وي اٿارٽي کي گهرجي ته 40 کان 50 ٺيڪيدارن کي ڪم ڏنو وڃي ۽ هر ٺيڪيدار کي هڪ هڪ ڪلوميٽر روڊ جو ڪم سونپيو وڃي، جنهن سان روڊ جو ڪم جلد مڪمل ٿيڻ سان گڏ حادثن کان به بچي سگهجي ٿو هن وڌيڪ چيو ته ڪيترائي ڀيرا قومي اسيمبلي ۾ پير فضل علي شاهه جيلاني ايم اين اي ۽ سيد ابرار شاهه پڻ اهڙو مطالبو ڪيو آهي ته روڊ جو ڪم هڪ هڪ ڪلو ميٽر اڳيئون ڏاهيو وڃي پر نيشنل هائي وي اٿارٽي ۽ ٺيڪيدار ڪنهنجي ٻڌڻ لاءِ تيار ناهين پروفيسر عبدالسميع پنهور وزيراعظم شهباز شريف کي اپيل ڪئي ته هو پاڻ روهڙي کان مورو تائين هن روڊ تي سفر ڪري، جيئن عوام کي پيش ايندڙ مشڪلاتن جو عملي طور اندازو ٿي سگهي هن مطالبو ڪيو ته روڊ جو ڪم تيز رفتاري سان مڪمل ڪيو وڃي ۽ هڪ وقت ۾ صرف هڪ ڪلوميٽر روڊ ٽٽي ان کي مڪمل ڪيو وڃي، جنهن کان پوءِ ٻئي ڪلوميٽر تي ڪم شروع ڪيو وڃي هن چيو ته سڄو روڊ ٽٽي ٺيڪيدار طرفان سست رفتاري سان ڪم ڪرڻ سبب مسافرن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جڏهن ته ايمبولينسون به ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين ٽريفڪ ۾ ڦاٿل رهن ٿيون هن وڌيڪ چيو ته رات جي وقت مسافرن سان ڦرلٽ جا واقعا پڻ پيش اچن ٿا هن وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ان اهم مسئلي تي سنجيدگي سان غور ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته هي روڊ سڄي پاڪستان کي ملائڻ وارو اهم شاهراهه آهي ۽ ان تي ٽريفڪ جو تمام گهڻو دٻاءُ هجڻ سبب حادثن جا خطرا پڻ وڌي وڃن ٿا

* * *

آهي ته اسان جي گهرن جي سامهون غير قانوني سرن جون ڀليون قائم ڪيون ويون آهن. جن مان نڪرندڙ خطرناڪ زهريلي دونهين سبب اسان جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي. هنن چيو ته ڀلين مان رات ڏينهن نڪرندڙ خطرناڪ بدبوءِ دار زهريلي دونهين سبب اسان جي معصوم ٻارڙن، عورتن ۽ بزرگن کي صحت جا تمام گهڻا مسئلا پيش اچي رهيا آهن. جن ۾ ساهه جي تڪليف، هيپاٽائيٽس، کنگهه ۽ ٻيون مختلف موذي بيماريون پڻ شامل آهن هنن وڌيڪ چيو ته ڀلين مان نڪرندڙ دونهون پوري علائقي جي ماحول کي به آلوده ڪري متاثر ڪري رهيو آهي. هنن ڪمشنر سکر ڊپٽي ڪمشنر خيرپور اسسٽنٽ ڪمشنر ٺري ميرواهه ۽ ٻين وس واري اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي غير قانوني ڀلن جي مالڪن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڀلين کي بند ڪرائي آبادي کان پري منتقل ڪيو وڃي ته جيئن رهواسي ۾ سڪون آلودگي کان صاف ماحول ۾ زندگي گذاري سگهن

* * *

بار جي ٻين ميمبرن ايڊووڪيٽ محمد يوسف مگسي، ايڊووڪيٽ راجا رجب مگسي ۽ ٻين سان پڻ ملاقات ڪئي ان موقعي تي ايڊووڪيٽ شفيع محمد کوسو سنڌس بطور ڊي ايس پي مقرري کي خوش آئند قرارڏيندي چيو ته ڪافي وقت کان شهدادڪوٽ ڏوهي ڪاروائين جو مرڪز رهيو آهي منشيات ۽ سماجي برائيون چوٽ چڙهي ويون آهن اسين توهان مان اميد ڪيون ٿا ته توهين امن امان کي برقرار رکڻ ۽ سماجي برائين جي خاتمي لاءِ موثر قدم کڻي قانون جي بالادستي قائم رکندا ڊي ايس پي مير ممتاز مگسي چيو ته شهدادڪوٽ ۾ قانون جي بالا دستي ۽ رٽ برقرار رکڻ ، سماجي برائين جو خاتمو آڻڻ منشيات ۽ ڏوهي ڪاروائين جو خاتمو سنڌن ترجيح ۾ آهي ڪنهن به ڏوهاري کي بخش نه ڪيو ويندو قانون کي هٿ ۾ کڻندڙن کي عدليه تائين ڪي آڻبو توهين وڪيل سهڪار ڪيو ان موقعي تي وڪيلن ساڻس سهڪار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي

* * *

گم نينگر جا والدين سخت پريشان . گم ٿيل فراز احمد جي والد نياز حسين ٻگهيو رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته پٽ کي گهران نڪري گم ٿئي مهيني کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي ڪو در نه ڇڏيوسين جتي اسان ڳولا نه ڪئي هجي هن چيو ته گهڻي ڳولا جي باوجود پتو نه پئجي سگهيو آهي جڏهن ته پٽ جي گم ٿيڻ جي پوليس پوسٽ تي رپورٽ داخل ڪرائڻ ويس جتي پوليس مون کي واپس موڪلي ڇڏيو ۽ چيو ته پهرين ايس ايس پي آفيس ۾ درخواست داخل ڪرائي اچ هن مطالبو ڪندي چيو آهي ته وس وارا ۽ پوليس جا اعليٰ عملدار پٽ جي ڳولا ۾ مدد ڪن

* * *

ڪري مٽن جو سفر ڪلاڪن ۾ تبديل ٿي ويو آهي ۽ لکين ماڻهو سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن. نارو–ڪوٽ بنگلو روڊ، چونڊڪو–تاجل روڊ، چونڊڪو–فاريارو روڊ، چونڊڪو–ساڌو روڊ سميت نارو تعلقي جا ڪيترائي اهم رابطا رستا ڊگهي عرصي کان مرمت جا منتظر آهن ڪيترن ئي هنڌن تي روڊن جي سطح ختم ٿي چڪي آهي. وڏا کڏا پئجي ويا آهن ۽ رستا گاڏين جي وچ لاءِ انتهائي ڏکيا بڻجي ويا آهن. خراب روڊن سبب ڳوٺاڻن کي نارو، چونڊڪو ڪوٽ بنگلو ۽ ٻين شهرن تائين پهچڻ ۾ اضافي وقت ۽ خرچ برداشت ڪرڻو پوي ٿو خاص طور تي ايمرجنسي جي صورت ۾ مريضن کي اسپتال پهچائڻ شاگردن کي اسڪولن ۽ ڪاليجن تائين پهچڻ جڏهن ته آبادگارن کي پنهنجي زرعي پيداوار مارڪيٽن تائين کڻي وڃڻ ۾ سخت مشڪلاتون پيش اچن ٿيون گئس جا وڏا ذخيرا ۾ روڊ بنيادي سهولت کان محروم علائقي واسين جو چوڻ آهي ته نارو تعلقي ۾ يو آءِ پي سميت گئس جا اهم ذخيرا موجود آهن ۽ علائقي مان وڏي پيماني تي قدرتي گئس جي پيداوار ٿئي ٿي جنهن مان ملڪ کي وڏي آمدني حاصل ٿئي ٿي، پر افسوس جو گئس پيدا ڪندڙ هن علائقي جي عوام کي بهتر روڊن جهڙي بنيادي سهولت به حاصل ناهي. شهرين سوال اٿاريو آهي ته جڏهن نارو تعلقي جي زمين مان قدرتي وسيلو ڪڍي قومي معيشت ۾ حصو وڌو وڃي ٿو ته پوءِ مقامي آبادي کي بنيادي انفراسٽرڪچر ڇو فراهم نٿو ڪيو وڃي؟ چونڊيل نمائندن کان عملي قدم کڻڻ جو مطالبو نارو تعلقي جي عوام ايم اين اي سيد فضل علي شاهه ۽ ايم پي اي ساجد بابڙ کان مطالبو ڪيو آهي ته هو نارو جي تباهه ٿيل روڊن جو مسئلو قومي ۽ صوبائي اسيمبلي سميت لاڳاپيل فورمن تي اثرائتي نموني اٿارين ۽ حڪومت کان فوري طور ترقياتي فنڊ منظور ڪرائي روڊن جي تعمير ۽ بحالي جو ڪم شروع ڪرائين. شهرين سنڌ حڪومت، ورڪس اينڊ سروسز کاتي، ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل اختيارين کان پڻ مطالبو ڪيو آهي ته نارو تعلقي جي سمورن خراب روڊن جو فوري ٽيڪنيڪل سروي ڪرائي، ترجيحي بنيادن تي اسڪيمون تيار ڪري روڊن جي ٻيهر تعمير شروع ڪئي وڃي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته روڊ صرف اچ وڃ جو ذريعو نه پر تعليم صحت زراعت، واپار ۽ روزگار سان سڌو سنئون لاڳاپيل آهن روڊن جي بحالي سان نه رڳو عوام جون سفري تڪليفون گهٽ ٿينديون پر نارو تعلقي جي معاشي سرگرمين ۾ پڻ اضافو ٿيندو نارو جي عوام جو مطالبو آهي ته اعلانن بدران هاڻي عملي قدم کنيا وڃن ۽ تباهه ٿيل روڊن جي تعمير لاءِ فوري طور فنڊ جاري ڪري ڪم شروع ڪرايو وڃي، جيئن گئس پيدا ڪندڙ نارو تعلقي جي عوام کي به بنيادي سهولتن مان فائدو ملي سگهي

* * *

اڻڄاتل جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪرائڻ کان پوءِ پوليس حرڪت ۾ اچي وئي حيدرآباد پوليس جي خاص ٽيم ٽنڊو الهيار ۾ ڪارروائي ڪري نريش ڪمار جي قتل ۾ ملوث مبينا جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جا اطلاع، جنهن کي وڌيڪ جاچ لاءِ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي. گذريل ڏينهن چانورن جي واپاري نريش ڪمار کي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو هو جنهن جو لاش ٽنڊو يوسف ٿاڻي جي حد مان سندس ئي گاڏيءَ تان مليو هو نريش ڪمار منجهند جو پنهنجي گهر واقع مير حسين آباد فيز 3 مان سائيٽ ايريا لاءِ وڃڻ جو چئي نڪتو جنهنجو بعد ۾ رات دير سان گوليون لڳل لاش هٿ آيو هو حيدرآباد ۾ قتل ٿيل واپاري نريش ڪمار جو ڪيس پيءُ جي فرياد تي اڻڄاتل جوابدارن تي داخل ڪيو ويو جڏهن ته ڪالهه واپاري نريش ڪمار جي قتل ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي ٿيڻ جا اطلاع مليا ته ذريعن موجب حيدرآباد پوليس جي هڪ خاص ٽيم ٽنڊو الهيار ۾ ڪارروائي ڪئي جنهن دوران نريش ڪمار جي قتل ۾ ملوث مبينا جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي جنهن کي وڌيڪ جاچ لاءِ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي پوليس طرفان گرفتاري بابت هن وقت تائين ڪا باضابطا تصديق يا ترديد ناهي ڪئي وئي، جڏهن ته ذريعن جو چوڻ آهي ته جوابدار کي گرفتار ڪري حيدرآباد آندو ويو آهي ذريعن موجب شروعاتي جاچ دوران اهو پڻ سامهون آيو آهي ته نريش ڪمار کي مبينا طور پئسن جي ڏيتي ليتي تان قتل ڪيو ويو پوليس پاران واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ته حيدرآباد پوليس جلد پڌرائي يا پريس ڪانفرنس ذريعي گرفتاري ۽ قتل جي سبب بابت وڌيڪ تفصيل سامهون آڻيندي

* * *

هيڊڪوارٽرز جي ترقياتي اسڪيمن بابت اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ پلاننگ اينڊ ڊوليپمينٽ بورڊ جي چيئرمين، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، لاڙڪاڻي سکر حيدرآباد، ميرپورخاص ۽ شهيد بينظير آباد ڊويزن ٽوڙي ضلعن جي ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ڪمشنر لاڙڪاڻو رشيد مسعود خان ڊپٽي ڪمشنر طارق منظور چانڊيو لاڙڪاڻي ڊويزن ۽ ضلعي ۾ روڊن پارڪن قبرستان ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ جي هلندڙ اسڪيمن بابت اجلاس کي بريفنگ ڏني چيف سيڪريٽري لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته هو جاري سمورين اسڪيمن جي معيار ۽ شفافيت سان گڏوگڏ وقت تي مڪمل ٿيڻ کي يقيني بڻائين هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ڊويزنل هيڊڪوارٽرز جي ترقي سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي چيف سيڪريٽري ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته هو ترقياتي ڪمن جي اڳڀرائي جي ذاتي طور تي نگراني ڪن ۽ ماهوار رپورٽون سنڌس آفيس ۾ جمع ڪرائين

* * *

خلاف دهشتگرد گروهن جي مدد ڪري رهيو آهي جن ۾ تحريڪ طالبان پاڪستان بلوچستان لبريشن آرمي ۽ ان جي مجيد برگيڊ شامل آهن اهي الزام پاڪستان طرفان پيش ڪيا ويا آهن هن چيو ته پاڪستان دهشتگردي خلاف جنگ ۾ وڏو جاني ۽ مالي نقصان ڪيو آهي، دهشتگردي سبب هلندڙ صدي جي شروعات کان هن وقت تائين اٽڪل هڪ لک پاڪستاني جانين کان محروم ٿي چڪا آهن صائمه سليم ڪشمير جي معاملي تي ڀارتي موقف جو جواب ڏيندي چيو آهي ته آزاد ۽ جمون ڪشمير ۽ ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ والاريل جمون ڪشمير جي صورتحال کي هڪجهڙو قرار نٿو ڏئي سگهجي هن چيو ته پاڪستان موجب آزاد ڪشمير ۾ ڪشميري سياسي عمل ۾ حصو وٺن ٿا ۽ پنهنجي راءِ جي اظهار جو حق رکن ٿا، جڏهن ته ڀارتي قبضي هيٺ والاريل ڪشمير کي بنيادي حقن ۽ خودارادي واري حق کان محروم رکيو ويو آهي هن سنڌو درياهه جي پاڻي بابت 1960ع جي سنڌ طاس معاهدي کي معطل رکڻ واري ڀارتي قدمن تي تنقيد ڪندي چيو ته پاڻي پاڪستان جي 24 ڪروڙ عوام جي زندگي جو بنيادي وسيلو آهي پاڪستاني نمائندي چيو آهي ته جمون ڪشمير عالمي طور تسليم ٿيل تڪراري علائقو آهي ۽ پاڪستان ڪشميري عوام جي خودارادي واري حق جي حمايت جاري رکندو

* * *

زرداري هائوس ۾ ملاقات دوران آزاد جمون ڪشمير سان لاڳاپيل سياسي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

* * *

ويب سائيٽ ايڪس تي فيلڊ مارشل عاصم منير سان ملاقات جي تصوير به جاري ڪئي فيلڊ مارشل سان ملاقات بابت سعودي بچاءَ واري وزير چيو ته مکي معاهدي ۾ شامل ملڪن جي فوجي سربراهن جي اجلاس جي نتيجن کي ساراهيو ويو جڏهن ته سعودي عرب ۾ شهري ۽ اقتصادي انفرااسٽرڪچر تي حملن بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي هن چيو ته حملن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ واري عزم جو پڻ ورجاءُ ڪيو ويو

* * *

پيشيوراڻي مهارت کي ساراهيو گهرو وزارت پاران جاري بيان ۾ وفاقي وزير آپريشن ۾ حصو وٺندڙ سموري ٽيم کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته منشيات جي اسمگلنگ خلاف پاڪستان نيوي جون ڪارروايون ساراهه جوڳيون آهن

* * *

تحفظ ۽ نقصان جي تلافي بابت آرڊيننس جي منظوري ڏئي ڇڏي ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان مطابق آرڊيننس جو مقصد سيف سٽي ڪئميرائن ۽ نگراني جي نظام کي نقصان کان محفوظ بڻائڻ ۽ نقصان جي صورت ۾ ان جي تلافي يقيني بڻائڻ آهي آرڊيننس تحت سيف سٽي ڪئميرائن ۽ سرويلنس انفرااسٽرڪچر کي نقصان پهچائڻ نقصان پهچائڻ تي اڪسائڻ يا ترغيب ڏيڻ تي مالي ڏنڊ لڳائي سگهبو سيف سٽي ڪئميرائن يا سرويلنس انفرااسٽرڪچر کي نقصان پهچائڻ جي صورت ۾ في ڪئميرا يا انفرااسٽرڪچر 20 لک روپين تائين ڏنڊ لڳائي سگهبو جلسن، جلوسن، ڌرڻن احتجاج هڙتال يا اجتماع دوران ٿيندڙ نقصان جي صورت ۾ انتظام سنڀاليندڙ کي نقصان جو ذميوار قرار ڏئي سگهبو ڏنڊ ۽ نقصان جي لاڳت جو تعين لاڳاپيل آفيسر طرفان ٻڌڻي جو موقعو فراهم ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيو ويندو لاڳاپيل شخص کي ڏنڊ يا نقصان جي لاڳت جي تعين خلاف 30 ڏينهن اندر ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج اسلام آباد آڏو اپيل جو حق حاصل هوندو ڏنڊ يا نقصان مقرر رقم جي عدم ادائيگي جي صورت ۾ ان کي ايراضي جي ٽيڪس جي بقاياجات طور وصول ڪري سگهبو لاڳاپيل شخص کي ڏنڊ يا نقصان جي لاڳت جي تعين خلاف 30 ڏينهن اندر ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج اسلام آباد آڏو اپيل جو حق حاصل هوندو

* * *

وزيراعظم راجه پرويز اشرف ملاقات ڪئي آهي پي پي پي سيڪريٽريٽ مان جاري بيان موجب چنجر ڏينهن زرداري هائوس ۾ ٿيل ملاقات دوران سياسي معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون

* * *

ڪائونسل جي چيئرمين ۽ انٽرنيشنل تنظيم حرمين شريفين ڪائونسل جي سيڪريٽري جنرل حافظ محمد طاهر محمود اشرفي وزيراعظم محمد شهباز شريف جي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس جي خطاب جي آجيان ڪندي چيو آهي ته وزيراعظم جو خطاب پاڪستاني قوم عالم اسلام فلسطيني عوام ۽ حرمين شريفين سان گهري عقيدت رکندڙ سمورن ماڻهن جي جذبن جي ترجماني ڪري ٿو چنجر ڏينهن پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته وزيراعظم عالمي برادري آڏو فلسطين، ڪشمير ۽ سعودي عرب جي مقدس ماڳن جي سلامتي ۽ تقدس جي حوالي سان پاڪستان جي پراڻي موقف کي واضح انداز ۾ پيش ڪيو آهي هن چيو ته پاڪستان فلسطيني عوام ۽ ڪشميري عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ حرمين شريفين جي سلامتي دفاع ۽ استحڪام کي بنيادي اهميت ڏئي ٿو هن چيو ته وزيراعظم جمعي ڏينهن نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي کي خطاب ڪندي سعودي عرب خلاف هاڻوڪي حوثي حملن جي شديد مذمت ڪندي چيو آهي ته حرمين شريفين جي سلامتي ۽ تقدس کي ڪنهن به خطري کي اهڙي ريڊ لائين قرار ڏنو جنهن کي ڪڏهن به پار نٿو ڪري سگهجي هن سعودي عوام سان گڏ پاڪستان جي يڪجهتي کي پڻ ورجايو هن چيو ته پاڪستان پنهنجي اصولي موقف تي قائم آهي ۽ عالمي فورمن تي ان کي مسلسل اجاگر ڪندو رهندو هن زور ڀريو آهي ته ڪنهن به خطري جو ذريعو يا نوعيت ڪجهه به هجي پاڪستان سعودي عرب، مڪي شريف ۽ مديني منوره جي تقدس يا حرمين شريفين جي سلامتي خلاف ڪنهن به قدمن کي قبول نٿو ڪري سگهي هن وزيراعظم طرفان سعودي عرب لاءِ پاڪستان جي حمايت جي عزم جي آجيان ڪندي چيو ته گڏيل قومن ۾ وزيراعظم جي خطاب سعودي عرب جي خودمختياري ۽ سلامتي لاءِ پاڪستان جي اهميت ۽ وابستگي کي واضح ڪيو

* * *

بااختيار بڻائڻ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن جي عڪاسي آهي شهيد بينظير ڀٽو عورتن جي خودمختياري ۽ بااختياري لاءِ ليڊي هيلٿ ورڪرز فرسٽ وومين بئنڪ سميت ڪيترائي اهم منصوبا شروع ڪيا ميرپورخاص ۾ عورتن ۾ مفت پنڪ اسڪوٽيز ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ ۾ اڳ عورتون ايتريون خودمختيار نه هيون جيتريون اڄ آهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت ڪانپوءِ صدر آصف علي زرداري مستحق عورتن لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام شروع ڪيو جنهن تحت وڏي انگ ۾ عورتن جا قومي شناختي ڪارڊ ٺهرايا ويا، جنهن سان ووٽرن جي انگ ۾ پڻ اضافو ٿيو هن چيو ته اڄ اسان جون عورت اڳواڻ جن ۾ ميڊم فريال ٽالپر ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو نفيسه شاهه شازيه مري ۽ ٻيون شامل آهن عام چونڊيل سيٽن تي اسيمبلين ۾ موجود آهن عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري خاص هدايتون جاري ڪيون آهن عورتن لاءِ پنڪ ٽيڪسيون پڻ جلد شروع ڪيون وينديون جيڪي عورتن جي ترقي ۽ بااختياري ڏانهن اهم ۽ انقلابي قدم هوندو سينيئر وزير چيو ته آبادگارن لاءِ هاري ڪارڊ ۽ مزدورن لاءِ ليبر ڪارڊ جاري ڪيا پيا وڃن جڏهن ته ٿر جي ڪوئلي سميت صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ سنڌ اڳڀري آهي هن چيو ته ڪيس خبر ناهي ته اڄ هتي اينڊز عورتون ڪير آهن ۾ سنڌ حڪومت بنا ڪنهن فرق ۽ امتياز جي عورتن ۾ پنڪ اسڪوٽيز ورهائي رهي آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هاڻي عورتن جا والد ۽ ڀائر به پنهنجين عورتن کي موٽرسائيڪل هلائڻ جي اجازت ڏئي رهيا آهن اڳ عورتن جي ڊرائيونگ لائسنس جو انگ تمام گهٽ هو پر هاڻي ان ۾ تيزي سان اضافو ٿي رهيو آهي هن واضح ڪيو ته عورتن کي پنڪ اسڪوٽيز فراهم ڪرڻ جو سلسلو بند نه ٿيندو حڪومت جو هدف آهي ته ڊرائيونگ لائسنس حاصل ڪندڙ 50 هزار عورتن کي اي وي اسڪوٽيز فراهم ڪيون وڃن هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن مرد کي پنڪ اسڪوٽي استعمال ڪندي ڏٺو ويو ته ان خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي، سنڌ ملڪ جو واحد صوبو آهي جيڪو عورتن کي مفت اي وي اسڪوٽيز فراهم ڪري رهيو آهي تربيت مڪمل ڪرڻ ۽ ٽيسٽ پاس ڪندڙ عورتن کي اي وي اسڪوٽيز ڏنيون پيون وڃن جڏهن ته اهو سلسلو سنڌ جي هر ضلعي تائين وڌايو ويندو سينيئر وزير چيو ته سنڌ جون عورتون زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيون آهن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ اهڙا قدم جاري رکندي شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي نيڪ نامي لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي تاريخي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن پاڪستان جو آئين ميزائل ٽيڪنالاجي ۽ ايٽمي پروگرام پيپلز پارٽي جي ڪوشش جو نتيجو آهن پيپلز پارٽي ايٽمي پروگرام سميت ملڪ جي دفاعي صلاحيتن کي مضبوط بڻائي پاڪستان جي دفاع کي ناقابل تسخير بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڀارت خلاف اختيار ڪيل موقف کي دنيا ۾ ساراهيو ويو تقريب ۾ صوبائي وزير ثقافت ذوالفقار علي شاهه ايم پي اي امداد پتافي قاسم سراج سومرو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

* * *

پڪوان ويجهو ميمڻ فليٽ مان 70 سالن جي عورت زليخان زال غلام علي جو ڪيترائي ڏينهن پراڻو لاش مليو آهي ايڌي ايمبولينس جي ذريعي لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

* * *

ٽيليويزن اٿارٽي ريڊيو جي مقابلن ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي آهي اهو اعزاز عرب ريڊيو اينڊ ٽيليويزن فيسٽول جي 26 هين سالياني تقريب دوران ڏنو ويو جنهن جي بجائي واري تقريب تيونس جي گادي واري شهر ۾ منعقد ٿي ميڊيا رپورٽن موجب ريڊيو جي شعبي ۾ پهريون انعام راندين جي پروگرام رحل تحدي جي عنوان سان ٿيل پروگرام کي ڏنو ويو تقريب دوران ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي مختلف شعبن ۾ بهترين پروگرامن کي پڻ انعام ڏنا ويا جڏهن ته ميڊيا نمائندن کي پڻ ايوارڊ ڏنا ويا

* * *

گرام کان وڌيڪ منشيات قبضي ۾ ورتي آهي آءِ ايس پي آر پاران جاري ڪيل پريس ريليز موجب معمول جي گشت دوران پاڪستان نيوي جي جهازن هڪ شڪي ٻيڙي کي روڪيو ۽ تلاشي ورتي جنهن دوران ٻيڙي جي ڳجهن خانن مان منشيات هٿ آئي چيف آف دي نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف آفيسرن ۽ عملي جي پيشوراڻين مهارتن جي تعريف ڪندي سامونڊي تحفظ ۽ سمنڊ رستي غير قانوني اسمگلنگ جي خاتمي لاءِ پاڪستان نيوي جي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي

* * *

ڪارروائي سمنڊ ذريعي منشيات جي اسمگلنگ جي هڪ وڏي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي پي پي پي ميڊيا سيل مان جاري بيان مطابق بلاول ڀٽو زرداري چيو ته 2800 ڪلو گرام کان وڌيڪ منشيات جي هٿ ڪرڻ پاڪستان جي منشيات جي خاتمي جي ڪوشش ۾ هڪ اهم ڪاميابي آهي هن چيو ته منشيات جي اسمگلنگ صرف قانون نه پر نوجوان نسل جي مستقبل ۽ معاشري جي سلامتي لاءِ به سنگين خطرو آهي هن چيو ته منشيات جي منظم نيٽ ورڪس ۽ اسمگلنگ جي رستن خلاف موثر نگراني ۽ ڪارروايون جاري رهڻ گهرجن هن چيو ته پاڪ بحريه جي آفيسرن ۽ جوانن جي وقت سر پيشيوراڻي ڪارروائي تعريف جوڳي آهي

* * *

اينڊ سيشن عدالت ڏکڻ ڪراچي جي علائقي بوٽ بيسن ۾ عورت سان زيادتي واري ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي 10 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي عدالت جوابدار کي متاثر عورت کي 2 لک رپيا هرجاڻو ادا ڪرڻ جو به حڪم ڏنو عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو ته جوابدار پنهنجي دعويٰ جي حق ۾ ڪو به ثبوت پيش نه ڪري سگهيو جڏهن ته جوابدار خلاف متاثر عورت جو بيان ۽ شاهدين جو تسلسل موجود آهي عدالت قرار ڏنو ته جنسي ڏوهن جي ڪيس جي داخل ٿيڻ ۾ دير ٿيڻ سان پاڻمرادو ڪيس ختم نٿو ٿي سگهي

* * *

علاج لاءِ وٺي ويا، جتي ڊاڪٽر کيس انجيڪشن هنيو. انجيڪشن لڳڻ کان پوءِ نياڻي جي طبيعت بهتر ٿيڻ بدران اوچتو وڌيڪ خراب ٿي وئي. وارثن موجب نياڻي کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ خيرپور نيو پئي ويو پر معصوم نياڻي رستي ۾ ئي دم ڏنو. نياڻي جي اوچتي موت تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو متاثر وارثن عطائي ڊاڪٽر خلاف فوري قانوني ڪارروائي ۽ واقعي جي شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو آهي.

* * *

دورو ڪيو مالديپ جي پارلياماني وفد مزار قائد تي حاضري ڀري ۽ قائداعظم محمد علي جناح جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحه پڙهي وفد سان گڏ سنڌ اسيمبلي جو سيڪريٽري جي ايم عمر فاروق ۽ ڊائريڪٽر جنرل ميڊيا عرفان احمد ميمڻ پڻ موجود هئا. مالديپ جي پارلياماني وفد سنڌ اسيمبلي جو دورو ڪيو جتي سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه وفد جي آجيان ڪئي ان موقعي تي ڊپٽي اسپيڪر اينٿو نويد، سنڌ جي وڏي وزير جو صلاحڪار گيان چند ايسراڻي سنڌ اسيمبلي جا ميمبر تنزيلا ام حبيبا، سعديه جاويد، سميتا افضل سيد، ڊاڪٽر سڪندر علي شورو، جام شبير علي خان، سيد فرخ شاهه محمد فاروق، مهيش ڪمار، زبير احمد جونيجو، فياض علي ڀٽ، سيد اعجاز حسين شاهه، عادل الطاف انڙ ۽ محمد يوسف بلوچ موجود هئا. سنڌ اسيمبلي جو سيڪريٽري جي ايم عمر فاروق، سينيئر اسپيشل سيڪريٽري محمد حسن شاهه ۽ ڊائريڪٽر جنرل ميڊيا عرفان احمد ميمڻ پڻ اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سان گڏ هئا. مالديپ جي اسپيڪر عبدالرحيم عبدالله سان گڏ پيپلز مجلس جا ميمبر ابراهيم شجاع محمد شاهه محمد اسماعيل حسني مبارڪ ابراهيم نسيم محمد علي محمد ممدوح حنان محمد رشيد، ابراهيم ديدي، محمد داؤد، حسن وحيد، احمد عيفان آدم ظاهر حماد عبدالله ۽ ابراهيم شيفاز پڻ وفد ۾ شامل هئا. پاڪستان- مالديپ پارلياماني فرينڊشپ گروپ جي ڪنوينر ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر شائسته خان پڻ وفد سان گڏ هئي. مالديپ جي پارلياماني وفد کي سنڌ اسيمبلي جي سينيئر اسپيشل سيڪريٽري محمد حسن شاهه سنڌ ۽ سنڌ اسيمبلي جي تاريخ ارتقا ۽ پارلياماني اهميت بابت بريفنگ ڏني ان موقعي تي سنڌ ۽ سنڌ اسيمبلي جي تاريخ تي ٻڌل دستاويزي فلم پڻ ڏيکاري وئي ان موقعي تي ڳالهائيندي سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه مالديپ جي پارلياماني وفد جي آجيان ڪندي چيو ته هي ملاقات سنڌ ۽ مالديپ وچ ۾ پارلياماني لاڳاپن لاءِ نئون روڊ ميپ جوڙڻ جو موقعو آهي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه واپار، سياحت، تعليم صحت، نوجوانن جي ترقي ۽ موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ سميت مختلف شعبن ۾ پارلياماني رابطن ۽ سهڪار کي وڌائڻ تي زور ڏنو اسپيڪر سنڌ اسيمبلي ڪراچي ذريعي سنڌ ۽ مالديپ وچ ۾ واپاري ۽ معاشي سهڪار وڌائڻ جي وسيع امڪانن کي اجاگر ڪندي فضائي ۽ سامونڊي رابطن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو هن صوبائي سطح تي پاڪستان- مالديپ پارلياماني فرينڊشپ گروپ قائم ڪرڻ جي تجويز پڻ ڏني، ته جيئن باقاعده پارلياماني ڏي وٺ ۽ اداراجاتي سهڪار کي هٿي وٺرائي سگهجي ان موقعي تي پيپلز مجلس مالديپ جي اسپيڪر عبدالرحيم عبدالله سنڌ اسيمبلي پاران گرمجوشي سان ميزباني تي ٿورا مڃيندي پاڪستان ۽ مالديپ وچ ۾ لاڳاپن کي پراڻا ۽ پائيدار لاڳاپا قرار ڏنو هن پاڪستان ۽ مالديپ وچ ۾ واپاري ۽ سامونڊي رابطي طور ڪراچي جي اهميت کي اجاگر ڪندي سڌن فضائي ۽ سامونڊي رابطن جي ضرورت تي زور ڏنو مالديپ جي اسپيڪر مالديپ لاءِ پاڪستان جي سهڪار کي ساراهيندي خاص طور تي 1998ع ۾ پاڪستان پاران مالديپ کي تحفي طور ڏنل پارليامينٽ هائوس جي عمارت جو ذڪر ڪيو ۽ ان کي ٻنهي ملڪن وچ ۾ دوستي جي هڪ دائمي علامت قرار ڏنو مالديپ جي پارلياماني وفد جي ميمبرن ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن جو پاڻ ۾ تعارف ڪرايو ويو وفد کي تاريخي پراڻي اسيمبلي هائوس جو دورو پڻ ڪرايو ويو جتي کين عمارت جي تاريخي ۽ آئيني اهميت بابت بريفنگ ڏني وئي وفد نئين اسيمبلي هائوس جو پڻ دورو ڪيو جتي سنڌ اسيمبلي جي موجوده پارلياماني معاملن ۽ ڪارروائي بابت آگاهي ڏني وئي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه پاران اسيمبلي لابي ۾ مالديپ جي پارلياماني وفد جي مان ۾ مانجهاندو پڻ ڏنو ويو دوري جي پڄاڻي تي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه مالديپ جي اسپيڪر عبدالرحيم عبدالله ۽ وفد جي ميمبرن کي يادگاري شيلڊون سنڌي ٽوپي اجرڪ سنڌ ۽ صوبائي سنڌ اسيمبلي جي تاريخ بابت ڪتاب پيش ڪيا پيپلز مجلس مالديپ جي اسپيڪر عبدالرحيم عبدالله اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه جا وفد جي ميزباني ۽ گرمجوشي سان مهمان نوازي تي ٿورا مڃيا

* * *

تحويل ۾ وٺي ڇڏيو پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪنڌڪوٽ منتقل ڪيو ويو جتي نوجوان شاهد گولو جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو پوليس موجب واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي

* * *

قبضن کي خالي ڪرائڻ لاءِ ايس ايڇ او مظاهر عباسي ايس آءِ پي رحمان الله ۽ ايس آءِ پي محمد علي ڪوسو جي اڳواڻي ۾ ريلوي پوليس جي اهلڪارن ليڊي پوليس ۽ ڪنڊڙو ٿاڻي جي پوليس گڏجي ڪارروائي ڪئي ڪارروائي دوران ريلوي اسٽيشن جي مختلف ڪوارٽرن ۽ ريلوي جي زمين تي ويٺل ماڻهن کي اٿاريو ويو جڏهن ته ريلوي پوليس پاران مبينا قبضن واري هنڌن جو جائزو پڻ ورتو ويو ريلوي پوليس موجب ريلوي جي ملڪيت تي ٿيل مبينا غيرقانوني قبضن کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪارروائي جاري رکي ويندي

* * *

ڪونهارو ، حسين بخش چانڊيو ۽ هاءِ ڪورٽ بار جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري اسرار حسين چانگ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان جي جدوجهد کي 65 ڏينهن گذري چڪا آهن سنڌ اسٽوڊنٽ ايڪشن ڪميٽي جي احتجاجي ڪيمپ 65 ڏينهن گذرڻ باوجود جاري آهي اسان مشعل بردار ريلي نسيم نگر چوڪ کان ايس پي ايس سي جي سامهون احتجاجي ڪيمپ تائين ڪڍي ، اسان ميرٽ جي جنازي جي ريلي ڪڍي

* * *

ڊاڪٽر سومار مگريو سميت پارٽي جي سينٽرل ڪميٽي، مختلف ضلعن ۽ ڊويزن جا اڳواڻ شريڪ آهن اجلاس جي شروعاتي مرحلي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جو چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي ابتدائي خطاب ڪري رهيو آهي جنهن ۾ هن سنڌ جي وحدت، قومي وجود، ملڪ جي موجوده سياسي ۽ معاشي صورتحال ڪرپشن بدعنواني ۽ نون صوبن بابت ٿيندڙ ڳالهين تي پارٽي جو موقف پيش ڪندي چيو آهي ته سنڌ هڪ تاريخي وطن آهي جنهن جي پنهنجي هزارين سالن جي تاريخ تهذيب، ثقافت، ٻولي ۽ قومي سڃاڻپ آهي. سنڌ جي وحدت جي بقاءَ جي جدوجهد ۾ اسان هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون ۽ سنڌ جي تاريخي ۽ جاگرافيائي حدن سان ڇيڙڇاڙ ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏينداسين هن چيو ته نون صوبن جو راڳ ڳائيندڙ تاريخ کان اڻ واقف آهن تاريخي وطن جي وحدت سان هٿ چراند ڪرڻ بدران ملڪ جي حقيقي مسئلن ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي ملڪ اندر نظام نون صوبا ٺاهڻ سان نه پر ڪرپشن بدعنواني، نااهلي ۽ اقرباپروري جي خاتمي سان بهتر ٿيندو ڪرپشن ۽ بدعنوانين سبب ملڪ جي معيشت تباهه ٿي وئي آهي حڪمران عوام کان قربانيون گهرن ٿا پر پنهنجا شاهاڻا خرچ ۽ غيرضروري مراعتون ختم ڪرڻ لاءِ تيار ناهن ملڪ مٿان وڌيڪ تجربا ڪرڻ بند ڪيا وڃن ۽ شفاف حڪمراني، آئين ۽ جمهوريت جي بالادستي، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ عوام جي بنيادي حقن کي يقيني بڻايو وڃي ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ جا ماڻهو سجاڳ آهن

عبرت سنسار
IBRAT SANSAR
سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 27 سيپٽمبر 2026ع

پي ٽي آءِ جي اسلام آباد ڏانهن لانگ مارچ جي اعلان سان پاڪستان جي سياست هڪ ڀيرو ٻيهر روڊن، احتجاجن ۽ حڪومتي انتظامن جي دائري ۾ داخل ٿي چڪي آهي. پارٽيءَ طرفان پهريان 27 سيپٽمبر (اچوڪي ڏينهن) تي مارچ جو اعلان ڪيو ويو هو جيڪو پوءِ 4 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪيو ويو آهي. پر مارچ جي تاريخ تبديل ڪرڻ باوجود ان جي چوڌاري وٺ روڊن کي بند ڪرڻ کان سواءِ ڪهڙا رستا باقي بچيا آهن؟

لانگ مارچ کي روڪڻ لاءِ اسلام آباد ۽ پنجاب ۾ ڪنٽينر لڳائڻ، هاءِ ويز ۽ موٽر ويز کي بند ڪرڻ، سيڪيورٽي فورسز جي اضافي نفري ۽ موبائل سروس محدود ڪرڻ جهڙا قدم کنيا ويا آهن. حڪومت انهن قدمن کي امن امان ۽ عوام جي تحفظ سان ڳنڍي ٿي. پر ساڳئي وقت آهي، جڏهن ته حڪومت لاءِ رستن کي بند ڪرڻ امن امان برقرار رکڻ جي ذميواري، پنهنجي دعوائن وچ ۾ عام شهري بيٺل آهي، جيڪو سياسي ڇڪتاڻ جو معاشي نقصان ۽ روزمره واري خرچ جي صورت ۾ برداشت ڪري ٿو.

حڪومت جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار رانا ثناءُالله اسلام آباد ۾ احتجاجن جي حوالي سان سخت پاليسيءَ سياسي دٻاءَ ۾ تبديل ڪري سگهي ٿي ۽ ان دٻاءَ کي سياسي ڳالهين جي ميز تائين ڪيئن ڪٽي وڃي ٿي.

هتي صورتحال جو سڀ کان وڏو تضاد اهو سامهون اچي ٿو ته هڪ پاسي حڪومت چوي ٿي ته هوءَ احتجاج کي انتظامي طاقت سان روڪي سگهي ٿي، ٻئي پاسي پي ٽي آءِ جي هام آهي ته عمران خان جي مقبوليت ۽ عوامي حمايت کي نظرانداز ڪري سياسي بحران ختم نٿو ڪري سگهجي.

جيڪڏهن پي ٽي آءِ عمران خان جي مقبوليت کي اڃا به وڏي عوامي سياسي طاقت ۾ تبديل ڪري سگهي ٿي، ته حڪومت ان سان سياسي ڳالهين جو رستو ڇو نٿي کولي؟ ۽ جيڪڏهن حڪومت واقعي مضبوط پوزيشن ۾ آهي، ته پوءِ واضح رستو موجود آهي؟

ملڪ جو سياسي بحران رڳو اسلام آباد جي رستن تي ناهي. اصل مسئلو اهو آهي ته سياسي طاقت، انتظامي اختيار ۽ ڳالهين جي عمل کي هڪ ئي وقت ڪهڙي طريقي سان اڳتي وڌايو پيو وڃي. رستا بند ڪرڻ سان ڪجهه وقت لاءِ احتجاج کي روڪي سگهجي ٿو، پر سياسي اختلاف ختم نٿا ٿين. ۽ احتجاج سان دٻاءُ پيدا ٿي سگهي ٿو، پر جيڪڏهن سياسي حل جو دروازو کليل نه هوندو ته پوءِ بند ٿيل رستن جي پويان ساڳيو سياسي سوال ٻيهر اٿندو ته اختلاف جو آخري رستو روڊ آهي يا ڳالهين جي ميز؟

پي ٽي آءِ جو لانگ مارچ: بند ٿيل رستا ۽ ڳالهين جا دروازا

فريد احمد

پيدا ٿيل سياسي ۽ انتظامي ڇڪتاڻ برقرار آهي.

پي ٽي آءِ جو موقف آهي ته عمران خان جي آزادي، سياسي ڪارڪنن خلاف ڪارروائين جي خاتمي، عدليه جي آزادي ۽ آئيني مٿيرائپ سميت مختلف مطالبن لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي. ٻئي طرف حڪومت جو موقف آهي ته اسلام آباد ۾ ڪنهن به اهڙي احتجاج جي اجازت نه ڏني ويندي، جنهن سان شهر جي امن، عوام جي جان ۽ مال يا عام زندگيءَ تي اثر پوي.

پر معاملو رڳو اهو ناهي ته لانگ مارچ ٿيندو يا نه. اصل ڳالهه اها آهي ته سياسي اختلافن کي حل ڪرڻ لاءِ نواز ليگ سرڪار اهي قدم عام ماڻهن جي چرپر، ڪاروبار، ٽرانسپورٽ ۽ روزمره زندگيءَ تي به اثر وجهن ٿا.

ان ڇڪتاڻ واري صورتحال جا معاشي نقصان بابت به مختلف انگ سامهون آيا آهن. ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب احتجاجن ۽ رستا بند ٿيڻ سبب روزاني وڏي معاشي نقصان جو خدشو ظاهر ڪيو آهي. پر اهو نٿو ٻڌايو وڃي ته جيڪڏهن احتجاج سان معاشي ۽ شهري نقصان ٿئي ٿو ته ان جو بار رڳو احتجاج ڪندڙن تي پوي ٿو يا احتجاج کي روڪڻ لاءِ ڪيل حڪومتي انتظام به ان نقصان ۾ حصيدار بڻجي ٿو؟

هي سوال ان ڪري به اهم آهي، جو احتجاج ڪندڙ ڊر لاءِ 'روڊن تي اچڻ' سياسي دٻاءُ پيدا ڪرڻ جو ذريعو جو اعلان ڪندي چيو آهي ته احتجاجن جو سلسلو هميشه لاءِ ختم ڪيو ويندو. سُڌسماءَ واري وزير عطا تارڙ پڻ پي ٽي آءِ جي احتجاجي سياست تي سخت تنقيد ڪئي آهي. حڪومت طرفان پي ٽي آءِ ۽ خيبرپختونخوا حڪومت ۽ پي ٽي آءِ تي دهشتگردن سان ويجهڙائي ۽ جي سهولتڪاريءَ جهڙا الزام پڻ هنيا ويا آهن، جن کي پي ٽي آءِ رد ڪري ٿي. تنهنڪري انهن الزامن کي ثابت ٿيل حقيقت بدران سياسي الزام طور ڏسڻو پوندو.

ٻئي طرف پي ٽي آءِ لاءِ به مسئلو رڳو ماڻهن کي اسلام آباد تائين آڻڻ جو ناهي. اصل معاملو اهو آهي ته پارٽي پنهنجي احتجاجي سياست کي ڪهڙي حد تائين هڪ منظم سياسي لچڪ ڇو نظر نٿي اچي؟ ساڳئي وقت اهو سوال پي ٽي آءِ کان به پڇي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن احتجاج جو بنيادي مقصد سياسي مطالبا مڃرائڻ آهي ته پوءِ ان جو آخري نتيجو ڪهڙي سياسي حل ڏانهن وڃڻ گهرجي؟ ڇا هر سياسي اختلاف جو جواب رڳو روڊن تي اچڻ آهي، يا احتجاج کان پوءِ ڳالهين جي ميز تي به ڪو

گڏيل قومن ۾ امن جون تقريرون، جنگ جون ڌمڪيون

فيضان احمد

گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ جو 81هون اجلاس اهڙي وقت ٿيو آهي، جڏهن نيويارڪ ۾ دنيا جا ملڪ امن، سفارتڪاري، عالمي قانون ۽ گڏيل اعتماد جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن، پر ساڳئي وقت وچ اوڀر ۾ جنگ، معاشي دٻاءُ ۽ طاقت جي ٻولي به جاري آهي. هن سال جنرل اسيمبليءَ جو بنيادي نعرو آهي: "اعتماد بحال ڪرڻ، تبديليءَ کي سنڀالڻ: اهڙيون گڏيل قومون، جيڪي سڀني لاءِ ڪم ڪن." سوال اهوئي آهي ته جڏهن طاقتور ملڪ به هڪ ٻئي تي اعتماد ڪرڻ لاءِ تيار ناهن، تڏهن اهو مقصد ڪيترو ممڪن آهي؟

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش پنهنجي آخري جنرل اسيمبلي خطاب ۾ جنگين، غزه، بک، موسمي تبديلي ۽ مصنوعي ذهانت جهڙن چئلينجن جو ذڪر ڪندي گڏيل قومن جي سڌارن ۽ عالمي تعاون جي ضرورت تي زور ڏنو. پر جنرل اسيمبليءَ جي تقريرن کان ٻاهر زميني حقيقت اها آهي ته جنگ اڃا به سفارتڪاريءَ تي حاوي آهي.

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي تقرير ان تضاد جو نمايان مثال هئي. هن ايران بابت هڪ طرف ڳالهين ۽ معاهدي جو در کليل رکيو، ته ٻئي طرف خبردار ڪيو ته جيڪڏهن امن معاهدو نه ٿيو ته ايران کي "تباهه" ڪري سگهجي ٿو. هن ايران کي معاشي طور اڪيلو ڪرڻ تي به زور ڏنو ۽ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ مان بين الاقوامي فوجداري عدالت (ICC) جي ميمبر ملڪن کي ان مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ چيو.

پر ساڳئي وقت نيويارڪ ۾ آمريڪي ۽ ايراني عملدارن وچ ۾ لڳ ڀڳ ٽن ڪلاڪن جون ڳالهيون ٿيون، جن کي ٽرمپ "تمام سٺو" ۽ "تمام ڪارائتو" قرار ڏنو. ڳالهين ۾ هرمز سامونڊي لنگهه ۽ جنگ ختم ڪرڻ جي امڪانن تي به بحث ٿيو. يعني تقرير ۾ ڌمڪي ۽ ساڳئي وقت پردي پٺيان ڳالهين جي ڪوشش، ٻئي هڪ ئي وقت هلي رهيا هئا.

ايران جي صدر مسعود پزشڪيان جنرل اسيمبليءَ ۾ پنهنجي ملڪ جو موقف رکندي چيو ته ايران ڌمڪي اڳيان هٿيار ڦٽا نه ڪندو ۽ پنهنجي پرامن ايٽمي پروگرام تان به پوئتي نه هٽندو، پر سفارتڪاريءَ جو در بند به نه ڪيو. تهران جو موقف اهو آهي ته ڳالهين لاءِ پهرين اعتماد بحال ڪرڻ ضروري آهي.

جنگ جو اثر هاڻي سفارتي هال کان ٻاهر عالمي آمدرفت ۽ واپار تائين پهچي چڪو آهي. جنگ کان اڳ هرمز مان روزانو لڳ ڀڳ 125 وڏا تجارتي جهاز گذرندا هئا. جڏهن ته 21 سيپٽمبر تائين نظر ايندڙ سامونڊي آمدرفت تمام گهٽجي چڪي هئي. رائٽرز موجب ان هفتي جي آخر ۾ رڳو 17 ڪموڊيٽي جهازن هرمز پار ڪيو، جڏهن ته هڪ هفتو اڳ اهو انگ 37 هو.

هرمز جو سوال ان ڪري رڳو ايران ۽ آمريڪا جو سوال ناهي: اهو تيل، گئس، واپار ۽ عالمي سپلاءِ چين جو سوال به آهي. انهيءَ پسمنظر ۾ ايران طرفان هرمز ٻيهر کولڻ لاءِ ڳالهين جو رستو پيش ڪيو ويو. رائٽرز موجب تهران آمريڪي فوجي دٻاءُ گهٽائڻ ۽ بندش ختم ڪرڻ جي صورت ۾ هڪ هفتي اندر هرمز کولڻ لاءِ تيار هجڻ جو پيغام ٽياڪڙي ڪندڙن ذريعي واشنگٽن تائين پهچايو.

پر 26 سيپٽمبر تي وال اسٽريٽ جرنل جي رپورٽ موجب ٽرمپ ايران جي سٽن ڏينهن واري جنگبنديءَ واري تجويز رد ڪري ڇڏي آهي. اها ڳالهه هتي رپورٽ طور اهم آهي، حتمي معاهدي يا سرڪاري اعلان طور نه.

جنگ جو دٻاءُ هوائي رابطن تائين به پهتو آهي. آمريڪي پابندين جي نتيجي ۾ گڏيل عرب رياستن ۽ عمان سميت ڪجهه پاڙيسري ملڪن ۾ ايراني ايئرلائنز جون اڏامون روڪيون يا محدود ڪيون ويون. گڏيل عرب رياستن 24 سيپٽمبر کان ايراني ايئرلائنز جون اڏامون ايندڙ حڪم تائين معطل ڪري ڇڏيون. رائٽرز موجب عراق ۽ ٻين هنڌن تي به ايراني اڏامن ۾ رڪاوٽون سامهون آيون.

يعني هڪ طرف جنرل اسيمبليءَ ۾ سفارتڪاريءَ جا آواز اٿي رهيا آهن، ٻئي طرف جنگ جا اثر ملڪ جي هوائي رابطن، سامونڊي رستن ۽ معاشي سرگرمين تائين پکڙجي رهيا آهن. اهوئي هن سڄي صورتحال جو بنيادي تضاد آهي.

اسرائيلي وزيراعظم بينجمن نيتن ياهو جي جنرل اسيمبلي خطاب دوران به اهو تضاد کليل نظر آيو. سندس تقرير شروع ٿيڻ سان ڪيترن ملڪن جا نمائندا هال مان ٻاهر نڪري ويا. ايران جي خالي سيٽ تي شهيد ٿيل ايراني فوجي اڳواڻ قاسم سليماني جي تصوير پڻ نظر آئي. هي منظر جنرل اسيمبليءَ جي اندر موجود سياسي ورهاست جو هڪ نمايان اظهار بڻجي ويو.

هتي هڪ ٻيو سوال به اهم آهي: جڏهن عالمي نظام جو بنيادي مقصد جنگ کي روڪڻ، قانون جي بالادستي ۽ ڳالهين لاءِ جاءِ پيدا ڪرڻ آهي، تڏهن طاقتور ملڪ پاڻ بين الاقوامي ادارن ۽ انهن جي فيصلن کي ڪيتري حد تائين قبول ڪن ٿا؟ ICC بابت ٽرمپ جو موقف ۽ ان جي ابتڙ يورپي ملڪن جو ردعمل اهو اختلاف وڌيڪ نمايان ڪري ٿو.

پاڪستان لاءِ صورتحال وڌيڪ پيچيده آهي. وزيراعظم شهباز شريف جنرل اسيمبليءَ ۾ چيو ته پاڪستان آمريڪا ۽ ايران کي اسلام آباد ۾ هڪ ئي ڇت هيٺ آڻي سفارتڪاريءَ لاءِ جاءِ پيدا ڪئي. هن چيو ته "ميزائلن، ڊرونن ۽ گولين جي شور ۾ سفارتڪاريءَ جو آواز وڌيڪ اڀرڻ گهرجي." ساڳئي وقت هن هرمز ۽ باب المندب کي عالمي معيشت جون اهم شريانون قرار ڏيندي چيو ته اهي تڪرار جا "چوڪ پوائنٽ" نه بڻجڻ گهرجن.

هي پاڪستان جي لاءِ رڳو سفارتي بيان نه آهي. هڪ طرف سعودي عرب سان دفاعي لاڳاپا ۽ نار وارن ملڪن جي سلامتي، ٻئي طرف ايران سان پاڙيسري تعلق، چين سان اسٽريٽجڪ شراڪت ۽ آمريڪا سان لاڳاپا—انهن سڀني کي هڪ ئي وقت اڳتي وڌائڻ پاڪستان لاءِ توازن جو نازڪ معاملو آهي.

جنرل اسيمبليءَ جو 81هون اجلاس آخرڪار دنيا آڏو هڪ ئي تصوير جا ٻه رخ رکي ٿو: هڪ رخ تي امن جون تقريرون، سفارتڪاري، عالمي قانون ۽ اعتماد بحال ڪرڻ جا واعدا؛ ٻئي رخ تي جنگ، معاشي پابنديون، بند سامونڊي رستا، متاثر ٿيندڙ هوائي رابطن ۽ طاقت جي ڌمڪي.

اصل سوال اهو ناهي ته جنرل اسيمبليءَ ۾ امن جون ڪيتريون تقريرون ٿيون. اصل سوال اهو آهي ته ڇا عالمي سياست واقعي قانون ۽ ڳالهين ڏانهن موٽڻ چاهي ٿي، يا طاقت جي ميز تي ويٺل ملڪ پنهنجي لاءِ الڳ اصول مقرر ڪندا رهندا؟ جيڪڏهن طاقت قانون کان مٿي ٿي وئي، ته پوءِ گڏيل قومن جا منبر تقريرن لاءِ ته رهندا، پر عالمي امن لاءِ انهن جي اثرائتي طاقت تي سوال برقرار رهندو.

اتر ڪوريا جو نئون هٿيار ۽ نئون تجسس

محمد علي ناريجو

اتر ڪوريا ۾ ڪِم جونگ اُن هڪ نئين هٿيار جي تجربي جو پاڻ جائزو ورتو آهي. هٿيار ڇا آهي، ان جي مڪمل ڄاڻ پيونگ يانگ طرفان سامهون ناهي آندي وئي. سرڪاري ميڊيا ان کي جديد فوجي ٽيڪنالاجيءَ جي وڏي اڳڀرائي قرار ڏنو آهي. ساڳئي ڏينهن اتر ڪوريا جي اوڀر سامونڊي ڪناري کان به مختصر فاصلي وارا بيلسٽڪ ميزائل به فائر ڪيا ويا، جن کي ڏکڻ ڪوريا ۽ جاپان جي نگراني نظامن سڃاڻي ورتو. سو معاملو رڳو هڪ نئين هٿيار جي تجربي تائين محدود ناهي. سوال اهو آهي ته اتر ڪوريا پنهنجي فوجي صلاحيت کي ڪهڙي طرف وٺي وڃي رهيو آهي؟ ڇا ميزائلن، ايٽمي هٿيارن ۽ نئين قسم جي فوجي نظامن جا اهي تجربا الڳ الڳ قدم آهن، يا پيونگ يانگ پنهنجي جنگي صلاحيت جو دائرو وڌائي رهيو آهي؟

ان سوال جو هڪ جواب اتر ڪوريا جي ايٽمي تجربن جي تاريخ مان ملي ٿو. پيونگ يانگ 2006ع کان 2017ع تائين 'پُنگي-ري' جي ماڳ تي زمين اندر ڇهه ايٽمي تجربا ڪيا. ان ئي علائقي ۾ موجود 'مائونٽ منٽاپ' جي چوڌاري 2008ع کان 2025ع تائين زلزلي جي انگن اکرن جو جائزو وٺندڙ نئين تحقيق ۾ 1,399 ننڍن زلزلن جو پتو پيو آهي. تحقيق موجب 2017ع جي آخري ۽ سڀ کان وڏي ايٽمي ڌماڪي کان پوءِ زلزلي واري سرگرمي ڪيترن سالن تائين جاري رهي ۽ ڪيترائي زلزلا اڳ ۾ موجود فالٽ لائينن جي ويجهو آيا. 2017ع واري ڌماڪي سان لڳ ڀڳ 6.3 شدت جو زلزلو رڪارڊ ٿيو هو. سائنسدانن جو خيال آهي ته زمين اندر ٿيندڙ ڌماڪن سان جبل جي چٽانن ۾ ڏار وڌيا ۽ اڳ ۾ موجود ڀڃڪڙيون ٻيهر حرڪت ۾ آيون. انهن ڏارن ۾ پاڻي داخل ٿيڻ ۽ دٻاءُ وڌڻ سان چٽانن جا ڪجهه حصا سرڪيا، جنهن سبب ننڍا زلزلا پيدا ٿيا. گهڻا زلزلا ننڍي شدت جا هئا، پر انهن جو سالن تائين جاري رهڻ غيرمعمولي قرار ڏنو ويو آهي.

مائونٽ منٽاپ جو اهو مثال ٻڌائي ٿو ته زمين اندر ڌماڪن جا اثر رڳو ڌماڪي جي وقت تائين محدود نٿا رهن، چٽانن ۽ زمين جي اندر موجود ڀڃڪڙين ۾ تبديليون گهڻو وقت برقرار رهي سگهن ٿيون. پر اتر ڪوريا جو ايٽمي پروگرام رڳو زمين اندر ڌماڪن تائين نه رهيو آهي. 2022ع کان پوءِ ان جو ميزائل پروگرام تيز ٿيو. نومبر 2022ع ۾ 'هواسونگ-17' بيلسٽڪ ميزائل جو تجربو ڪيو ويو. 2023ع ۾ سولڊ فيول واري بيلسٽڪ ميزائل ٽيڪنالاجي، مختلف بيلسٽڪ ميزائلن ۽ ڪروز ميزائلن جا تجربا سامهون آيا. ساڳئي عرصي ۾ پيونگ يانگ 'هيئل' نالي پاڻيءَ اندر هلندڙ ايٽمي ڊرون ۽ 'هيرو ڪِم ڪُن اوڪ' نالي حڪمتِ عملي واري ايٽمي آبدوز به ظاهر ڪئي. 2023ع ۾ 'هواسونگ-18' سولڊ فيول وارو، هڪ کنڊ کان ٻئي کنڊ تائين مار ڪندڙ بيلسٽڪ ميزائل به آزمايو ويو. سولڊ فيول ٽيڪنالاجيءَ سان ميزائل کي فائر ڪرڻ کان اڳ تيار ڪرڻ جو وقت گهٽجي سگهي ٿو ۽ ان جي منتقلي به نسبتاً آسان ٿي سگهي ٿي. نومبر 2024ع ۾ 'هواسونگ-19' جو تجربو ڪيو ويو. اتر ڪوريا ان کي طاقتور

جنوري 2025ع ۾ اتر ڪوريا هڪ هائپرسونڪ ميزائل جي تجربي جو اعلان ڪيو. ساڳئي سال آڪٽوبر ۾ 'هواسونگ-20' پهريون ڀيرو فوجي پريڊ ۾ ڏيکاريو ويو. ان وقت ان جي مڪمل جنگي صلاحيت اڃا واضح نه هئي. ميزائل ناهڻ ۽ ان کي جنگ ۾ اثرائتي نموني استعمال ڪرڻ به الڳ ڳالهيون آهن. ميزائل ڪيترو پري وڃي سگهي ٿو اهو هڪ سوال آهي، وارهيڊ صحيح هنڌ تائين پهچي سگهي ٿو يا نه، فضا ۾ ٻيهر داخل ٿيڻ وقت محفوظ رهي ٿو يا نه ۽ دشمن جي ميزائل بچاءَ واري نظام کي پار ڪري سگهي ٿو يا نه، اهي ٻيا سوال آهن.

هاڻي واپس ان نئين هٿيار ڏانهن اچون، جنهن جي تجربي جو ڪِم جونگ اُن پاڻ جائزو ورتو آهي. اتر ڪوريا جي سرڪاري رپورٽ ۾ هٿيار جي نالي ۽ مڪمل نوعيت بابت وضاحت ناهي ڪئي وئي. جاري ڪيل تصويرن جي بنياد تي ڪجهه ماهرن جو خيال آهي ته اهو 'هواسونگفو-11 ايم اي-1' سان لاڳاپيل نئون يا تبديل ٿيل ميزائل نظام ٿي سگهي ٿو ۽ ان ۾ هائپرسونڪ گلائيڊ ٽيڪنالاجي استعمال ٿيل هجي. پر اها ماهرن جي راءِ آهي، سرڪاري تصديق نه.

ان ئي وقت اوڀر سامونڊي ڪناري کان به بيلسٽڪ ميزائل فائر ٿيڻ به اهم آهي. ڏکڻ ڪوريا جي فوج موجب پهريون ميزائل لڳ ڀڳ 450 ڪلوميٽر ۽ ٻيو 600 ڪلوميٽر کان وڌيڪ فاصلو طئي ڪري ويو. جاپان موجب اهي ان جي خاص اقتصادي سامونڊي حد کان ٻاهر ڪريا. پيونگ يانگ هڪ طرف پنهنجي ايٽمي حيثيت کي اٽوٽ قرار ڏئي رهيو آهي، ٻئي طرف ميزائلن جي حد، رفتار، لانچنگ ٽيڪنالاجي ۽ مختلف قسمن جي هٿيارن تي ڪم جاري رکي ٿو.

آمريڪا، ڏکڻ ڪوريا ۽ جاپان جون گڏيل فوجي مشقون اتر ڪوريا کي پنهنجي خلاف دٻاءُ لڳن ٿيون، جڏهن ته اهي ملڪ اتر ڪوريا جي ايٽمي ۽ ميزائل پروگرام کي علائقائي سلامتيءَ جو مسئلو سمجهن ٿا. هن سڄي پسمنظر ۾ نئون هٿيار اڃا پردي ۾ آهي. ان جي نوعيت بابت اندازا ضرور آهن، پر حتمي ڄاڻ سامهون ناهي آئي. سوال اهو ئي آهي ته نئون هٿيار ڇا آهي، ۽ اتر ڪوريا

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پبلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڪٽي ڪاٽو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 27 سيپٽمبر 2026ع

مهانگائيءَ جي چڪيءَ ۾ پيڙهجندڙ عوام

ملڪ ۾ مهانگائيءَ بابت شماريات کاتي جا تازا انگ اکر هڪ اهڙي معاشي صورتحال ڏانهن اشارو ڪن ٿا، جنهن کي رڳو هفتيوار شرح جي واڌ يا گهٽتائي سمجهڻ ڪافي ناهي. شماريات کاتي پاران مهانگائيءَ بابت هفتيوار رپورٽ جاري ڪئي وئي آهي، جنهن مطابق گذريل هفتي دوران مهانگائيءَ ۾ 0.99 سيڪڙو اضافو ۽ سالياني بنيادن تي 11.92 سيڪڙو واڌ ٿي آهي ڊيزل جي قيمت ۾ هڪ سال دوران 51.80 سيڪڙو ۽ پيٽرول ۾ 47.49 سيڪڙو اضافو رڳو پيٽرول پمپ تائين محدود رهڻ وارو معاملو ناهي، ڇو ته ٻارڻ معيشت جي تقريبن هر شعبي سان ڳنڍيل آهي. زرعي مشينريءَ کان وٺي سامان جي ٽرانسپورٽ، مسافر گاڏين کان وٺي ننڍي ڪاروبار تائين، ڊيزل ۽ پيٽرول جي قيمت وڌڻ سان پيداوار ۽ ورڇ جا خرچ وڌن ٿا. نتيجي ۾ مارڪيٽ ۾ ڪيترين ئي شين جون قيمتون به وڌي وڃن ٿيون. ان ڪري ٻارڻ مهانگو ٿيڻ سان صرف هڪ شيءِ جي قيمت ۾ واڌ سمجهڻ معاشي حقيقت نه آهي.

ان ڪري حڪومت لاءِ اصل امتحان رڳو مهانگائيءَ جي شرح کي ڪنٽرول ڪرڻ نه پر عوام جي قوتِ خريد کي برقرار رکڻ پڻ اهم آهي. جيڪڏهن قيمتون وڌنديون رهيون ۽ پگهار ان رفتار سان نه وڌي ته مهانگائيءَ جو بار ماڻهن کان برداشت نه ٿي سگهندو. اهڙي صورتحال ۾ ماڻهو ساڳئي آمدنيءَ سان گهٽ شيون خريد ڪري سگهندو جنهن سان زندگيءَ جو معيار متاثر ٿيندو ۽ بچت جي گنجائش به گهٽ ٿيندي. مهانگائيءَ سان مقابلو رڳو انتظامي قدمن سان ممڪن ناهي. بازارن ۾ اگهن جي چڪاس ۽ ناجائز منافعي خوري خلاف ڪارروائي ضروري آهي پر ان سان گڏ حڪومت کي انهن معاشي سببن تي به ڪم ڪرڻو پوندو. جيڪي قيمتن ۾ مسلسل واڌ جو سبب بڻجن ٿا. توانائيءَ جا خرچ، ٻارڻ جون قيمتون، پيداوار جا خرچ، سپلاءِ چين جون رڪاوٽون ۽ مارڪيٽ ۾ طلب ۽ رسد جو توازن، اهي سڀ عنصر گڏجي قيمتن جو رُخ طئي ڪن ٿا.

ساڳئي وقت حڪومت کي پنهنجي معاشي پاليسين جي اثرن بابت وڌيڪ شفاف هجڻ گهرجي. عوام کي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته مهانگائيءَ جي شرح ڇو وڌي رهي آهي؟ ڪهڙيون شيون ان واڌ کي وڌيڪ متاثر ڪري رهيون آهن ۽ ان کي گهٽائڻ لاءِ ڪهڙا قدم کنيا پيا وڃن؟ جنهن سان ئي عوام جو معاشي پاليسين بابت اعتماد وڌندو. حڪومت کي هاڻي مهانگائيءَ جي انگن اکرن کي رڳو رپورٽ جو حصو سمجهڻ بدران پاليسيءَ لاءِ خبرداريءَ جو اشارو سمجهڻ گهرجي. ٻارڻ ۾ لڳ ڀڳ 50 سيڪڙو جي سالياني واڌ ۽ اٽي ۾ 32 سيڪڙو کان وڌيڪ اضافو اهڙا انگ آهن، جيڪي معاشي دٻاءَ جي شدت کي ظاهر ڪن ٿا. جيڪڏهن انهيءَ واڌ جا اثر ٻين شعبن تائين منتقل ٿيا ته عام ماڻهوءَ جي خريداريءَ جي قوت تي وڌيڪ دٻاءُ پئجي سگهي ٿو. مهانگائي رڳو مارڪيٽ جو مسئلو ناهي؛ اهو آمدني، روزگار، پيداوار، توانائي، زراعت، ٽرانسپورٽ ۽ حڪومتي پاليسيءَ سان ڳنڍيل هڪ مجموعي معاشي مسئلو آهي. ان ڪري ان جو حل به مجموعي سوچ سان ئي ممڪن آهي. عوام کي اهڙي معاشي پاليسي جي ضرورت آهي جنهن ۾ انگ اکر بهتر ڪرڻ سان گڏ عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ بهتري کي بنيادي مقصد بڻايو وڃي. هڪ هفتي دوران مهانگائيءَ ۾ 0.99 سيڪڙو جي واڌ انگ اکر صرف ناهن پر جڏهن اها واڌ اڳ ۾ ئي بلند قيمتن جي مٿان ٿئي ٿي ته ان جو اثر عام ماڻهوءَ تي تمام گهڻو محسوس ٿئي ٿو. اسان سمجهون ٿا ته حڪومت لاءِ سڀ کان وڏو امتحان اهو آهي ته مهانگائيءَ جي شرح گهٽائڻ سان گڏ عوام جي قوتِ خريد به بحال ڪري، ڇو ته معاشي ترقيءَ جو اصل فائدو تڏهن ئي سمجهيو ويندو، جڏهن عام ماڻهوءَ پنهنجي محدود آمدنيءَ مان گهر جو گاڏو هلائي سگهي، ٻارن کي پڙهائي ۽ بيماريءَ جي وقت علاج ڪرائڻ سميت پنهنجيون ضرورتون پوريون ڪري سگهي.

وطن ۽ عوام دوستيءَ جو مرڪب- انجنيئر رميش راجا!

نور نبي راهوجو

ته رڳو اهو دنيا بلڪ زندگي به هلچل جي بستي آهي، جتي ماڻهو ايندا ويندا رهن ٿا. ڪن ماڻهن جي زندگي سڪل تلاءَ وانگر خشڪ ۽ ويران هوندي آهي ۽ ڪي ڪي ماڻهو موتي داڻن وانگر پل پل جرڪندا ۽ جڳمڳائيندا رهن ٿا. مان جڏهن به پنهنجي ماضيءَ جي مها ساگر ۾ پيهي ويندو آهيان ته ڪيترا ئي چهرا مهڪي پوندا آهن ۽ ماضيءَ جون اهي سُنهريون ۽ سُونهن ڀريل مهڪندڙ ٻهڪندڙ ۽ ڇهڪندڙ گهڙيون دل ۽ دماغ تي برکا رُت جي بوندن جيان پرسي پونديون آهن. اڄ 27هين سيپٽمبر آهي ۽ منهنجي ذهن تي هڪ پرين پياري همسفر ۽ همدرد دوست انجنيئر رميش راجا جي ياد موتيءَ جي مهڪ جيان تڪري آئي آهي. اڄ سندس جنم ڏينهن آهي ۽ دل چاهي ٿي ته ڪيس رڳو مبارڪباد ڏيڻ بجاءِ سندس جنم ڪنڊلي اوهان اڳيان آڻيان. مرشد لطيف فرمايو آهي ته:

ڪوڙين ڪاياڻون تُنهنجيون، لِکن لَکَ هزار،
جيءِ سڀ ڪنهن جيءَ سين، ڏِرسن ڏارون ڏار،
پريم، تنهنجا پار، ڪهڙا ڳڻي ڪيئن چوان.

سو انجنيئر رميش راجا به گهڻ گُڻو، گهڻ رخو ۽ گهڻ طرفو انسان آهي، تنهنڪري هر ماڻهوءَ کي سندس ڏار ڏار خوبيون، عڪس ۽ اولڙا نظر اچن ٿا. اهو 1989ع جو زمانو هو جڏهن مان سنڌي شاگرد تحريڪ جو مرڪزي صدر چونڊيو ويو هئس. انهن ئي ڏينهن ۾ اتر سنڌ جو دورو ڪري انجنيئرنگ ڪاليج نواب شاهه سياسي تنظيم جي گڏجاڻيءَ ۾ انجنيئر موهن لال وليچا جي ڪمري تي پهتو هئس ته اتي ئي رميش راجا سان پهرين ۽ مختصر ملاقات ٿي هئي. ان کان پوءِ ڪافي عرصي تائين ملاقاتن جو سلسلو گهٽجي ويو. ڪافي عرصي کان پوءِ جڏهن مونکي عوامي تحريڪ ڪراچي ڊويزن جو صدر چونڊيو ويو، تڏهن انجنيئر رميش راجا سان ملاقاتن ۽ صلاح مصلحتن جو سلسلو شروع ٿي ويو هو. چوندا آهن ته: ’هر ڪامياب ماڻهوءَ جي پٺ ۾ عورت جو ڪردار هوندو آهي‘ هر سرگرميءَ ۾ سندس مشاورت ۽ معاونت شامل ۽ شريڪ هئي، جنهن سبب ’ڳوٺ بچايو تحريڪ‘ کان وٺي لانگ مارچن جهڙا ڪم مون لاءِ آسان ٿي پيا هئا. هو گمبٽ ۾ سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري رهيو، سگا شاخ جو نائب صدر رهيو. گمبٽ جي هندن جي سنت آڏورامشيوا منڊليءَ جو صدر پڻ رهيو. ان ۾ بيجا ريتن رسمن، ڏاج جي رسمن خلاف جدوجهد ڪئي سماجي برائين خلاف ٿي اسٽيج ڊراما لکيا ۽ هدايتڪاري ڪئي ان ڪڙي جو ’سماجي سور‘ نالي ڊرامو تمام گهڻو مقبول ٿيو ۽ اتر سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ پڻ اسٽيج ٿيو. اسان جو هي ’درويش صفت دوست‘ خاموشيءَ سان عملي ڪم ڪرڻ جو عادي آهي. دوستن کي همٿائي ڪتاب پڙهائڻ لکائڻ جو شوق اٿس، جنهن جي شروعات گمبٽ جي شاعرن ۽ اديبن جي ڪتاب لکائڻ کان پوءِ ڪئي عوامي تحريڪ جي ۽ ٻين دوستن جي ڪتاب ڇپائڻ ۾ مالي مدد ۽ سهائتا ڪري ٿو.

رميش راجا پنهنجي نوڪريءَ دوران هڪ آفيسر طور هميشه اهو خيال رهندو آهي ته ’ان پابند حالتن ۾ سنڌ ۽ سنڌي عوام کي ڪهڙو ۽ ڪيئن فائدو ڏئي سگهجي ٿو؟ حدن اندر رهي ڪم ڪري سگهجي ٿو ۽ ضرور ڪرڻ گهرجي، ان لاءِ ماڻهوءَ کي اونهو ۽ گهرو ادراڪ ضرور هجڻ گهرجي.‘ جڏهن فيلڊ ۾ آيو هن ڏٺو ته انجنيئرنگ فيلڊ ۾ ڪهڙن ماڻهن جي کوٽ آهي ۽ اها ڪيئن پوري ڪري سگهجي ٿي پوءِ هن مسلسل ڪوشش ڪئي ته سنڌ ۾ سٺا سرويئر پيدا ڪجن، ان سان گڏ ڪائونٽٽي سرويئر (Quantity Survet)جيڪي بل ناهيندا آهن. پيدا ڪجن فيلڊ ۾ ان قسم جا تجربيڪار ماڻهو صرف گهٽ هئا. ڪيس هي کوٽ اها محسوس ٿي ته وڏين تعميري مشينن جا آپريٽر سنڌي ناهن، اهو ڪم به سولو آهي ۽ پگهارون به وڏيون آهن، اهو ڪم ڊرائيورن لاءِ نهايت آسان آهي، جو ته بنيادي مهارت اها ئي آهي. ان ۾ به ٻين صوبن جا ماڻهو جام هئا. اهو ئي سبب آهي جو اڄ سون جي تعداد ۾ سنڌي ماڻهو رولر، ڊمپر، گريڊر آپريٽر آهن. جيڪي سڄي پاڪستان ۾ ڪم ڪن پيا.

اها عوام دوستي رڳو وطن دوستي ۽ ذاتي مفادن جي طابع نه هئي پر مٿس انسان دوستي ۽ بين القواميت جي جذبن جو رنگ به حاوي هو اهو ئي سبب آهي جو هو نه رڳو سنڌي عوام خاص طور تي نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪيا آهن. سندن رهبري ۽ رهنمائي ڪئي پر سندس سرڪاري نوڪري جو گهڻو عرصو بلوچستان ۾ گذريو اتي به هن بلوچ نوجوانن کي نه رڳو اڳتي وڌڻ جي سکيا ڏني پر ڪين ڀرپور موقعا فراهم پيدا ڪري ڏنا. سندن پرتين جو مرڪز ڪنهن ميں پير، رئيس پوتارن ۽ سردارن جا ماڻهو هجڻ نه هو بلڪ غريب ۽ ضرورتمند نوجوان هئا. هن خاص دلچسپي وٺي انهن نوجوانن کي سکيا ڏئي روزگار سان لڳايو جنهن سبب بلوچستان جي ڳنڀير صورتحال ۾ به ڪيس اتي رهڻ ۽ نوڪري ڪرڻ ۾ آساني ٿي هو جڏهن به پنهنجي سائيٽن جي وزٽ ڪرڻ ويندو آهي ته رستي ۾ ايندڙ اسڪولن جي وزٽ به لازمي ڪندو هو ۽ اسڪولن کي درپيش مسئلن کي به ذاتي ڪوششن ۽ ذاتي معاونت سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. نه ايترو پر رميش راجا برادري، دوستن ۽ مٽن مائٽن جي ڏُکَ توڙي سُکَ ۾ مددگار رهي ٿو پر محنتي ٻارن جي تعليمي ميدانن ۾ به مدد ڪندو رهي ٿو. اڄ انجنيئر رميش راجا کي سندس سالگره جون لک لک مبارڪون ڏيان ٿو. گڏوگڏ اميد ٿو ڪريان ته رميش راجا ان ئي جوش ۽ جذبي سان ملڪ، عوام ۽ انسان دوستيءَ جو ڪم جاري رکندو.

آمريڪا جي فضائن مان

۽ جڏهن تاريخ کي ڪنهن ڊگهي تقرير يا پريس ڪانفرنس جي ضرورت نه ٿي پوي...

راجا زاهد اختر خانزاده

نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ جو اجلاس جاري هو. 25 سيپٽمبر 2026ع تي پاڪستان جو وزيراعظم شهباز شريف پنهنجو خطاب مڪمل ڪري چڪو هو. جنرل اسيمبليءَ جي هال ۾ عالمي سياست، سفارتڪاري، جنگ، امن، پاڻيءَ جي بندش ۽ رياستي موقف جا لفظ اڃا فضا ۾ گونجي رهيا هئا ته پاڪستان جو دفاعي وزير خواجه آصف ٻاهر اچڻ لڳو.

گڏيل قومن اندر ماڻهن جو ميڙ هو. ڪو هٿ ملائي رهيو هو، ڪو سلام ڪري رهيو هو، ڪو موبائل فون مٿي ڪري اُن لمحي کي تصوير ۾ محفوظ ڪرڻ چاهي رهيو هو. خواجه آصف سان تصويرون ڪڍرائيندڙن ۾ آئون به شامل هئس.

ڪجهه دير ڪانپوءِ هُو گڏيل قومن جي عمارت جي مکيه دروازي مان ٻاهر نڪتو. سندس فوٽوگرافر کين هڪ لمحي لاءِ روڪيو. پٺيان گڏيل قومن جي بلند عمارت هئي، سامهون دنيا جي ملڪن جا جهنڊا هوا ۾ لهرائي رهيا هئا. اُن وقت سندن مختلف پوز ۾ به ٽي تصويرون ڪڍيون ويون: هڪ دفاعي وزير، پٺيان دنيا جي قومن جا جهنڊا ۽ سامهون نيويارڪ. تصوير مڪمل ٿي ته شايد پروٽوڪول به اتي ئي ختم ٿي ويو.

خواجه آصف اُتان نڪرندي ڪاهي پاسي بيٺل اندر ڪور پوليس جي گاڏين ڏانهن ڏٺو ۽ قونصليٽ جي عملي کان پڇيو:

’گاڏي آهي يا پيادل ٿي هلڻو پوندو؟‘

جواب اشاري ۾ مليو: پيادل.

مون کي اُن لمحي بي اختيار مُرڪ اچي وئي. مون سان گڏ پاڪستان مان آيل ڪوهِ نور ٽي وي جو نيوز ڊائريڪٽر اعجاز ڊوگر به موجود هو. مون سندس طرف ڏسي چيو:

’ڊوگر صاحب، هي آمريڪا آهي ۽ اُتين به توهان جا دفاعي وزير پاڪستان ۾ پنهنجي علائقي جي واهن ۾ ٽپا ڏيندا رهندا آهن. شايد اڃا به پاڻ کي نوجوان سمجهن ٿا، تنهن ڪري ڪين چند قدم پيادل هلڻ ۾ ڪهڙي ڏکيائي ٿيندي!‘

ڊوگر صاحب پنهنجي مخصوص شرارتي مُرڪ سان منهنجي ڳالهه جي تائيد ڪئي. مون چيو: ’اسان جي ٽيڪساس وارو اڳوڻو آمريڪي صدر جارج ايڇ ڊبليو بش (سينيئر) ته نوي ورهين جي عمر ۾ به جهاز مان پيراشوٽ سان ٽپو ڏئي چڙهڻ عمر کي چئلينج ڪندو هو. خواجه صاحب ته سندس پيٽ ۾ اڃا چڱو خاصو نوجوان آهي.‘

۽ پوءِ اسان هلڻ لڳاسين. اڳيان پاڪستان جو دفاعي وزير هو، ساڻس گڏ چند ماڻهو ۽ ڪجهه فاصلي تي اسان به صحافي. گڏيل قومن جي عمارت پٺيان رهجندي پئي وئي.

مون ڊوگر صاحب کي چيو: ’ٿورو اڳتي وڃي خواجه صاحب جي هلندي هڪ وڊيو ڪلپ ناهي وٺو.‘

هُو اڳتي وڌيو، موبائل ڪڍيائين ۽ لڳ ڀڳ ٽِن سيڪنڊن جي وڊيو ناهي واپس مون وٽ آيو. هن ڪئميرا بند ڪري ڇڏي. شايد هُو ڏاڍو شرميلو هو. آئون اڃا ڪين ڪجهه چوڻ وارو ئي هئس ته اوچتو فٽ پاٿ تي هڪ زوردار آواز اڀريو:

’خواجه آصف صاحب!‘ آواز ۾ اهڙي سڃاڻپ هئي جو هڪ لمحي لاءِ مون کي لڳو ته شايد ڪو سندس واقف آهي. ڪو پاڪستاني هوندو جيڪو پنهنجي ملڪ جي دفاعي وزير کي اوچتو نيويارڪ جي رستي تي ڏسي خوش ٿي ويو آهي. خواجه آصف جو ڌيان به لمحي لاءِ اُن پاسي ويو ۽ اسان جو به.

اُهو شخص مخالف طرف کان اچي رهيو هو. چند قدم، چند سيڪنڊ. هُو خواجه آصف جي ويجهو پهتو، کين ڪراس ڪيائين ۽ پوءِ ڪجهه لفظ چيائين. ڪڏهن ڪڏهن هڪ صحافيءَ جي ڪئميرا صرف واقعي کي محفوظ ناهي سگهندي پر سندس اکيون ۽ ڪن اُن کي پاڻ ۾ محفوظ ڪري ڇڏيندا آهن.

خواجه آصف پٺتي مُڙي ان شخص کي ڪو جواب نه ڏنو، نه بحث ڪيائون، نه ڪو ردعمل ظاهر ڪيائون. هنن ڪيس نظرانداز ڪيو ۽ پنهنجي ساڄي پاسي هلندڙ شخص سان ڳالهه ٻولهه جاري رکي ۽ شايد هن سڄي واقعي ۾ منهنجي لاءِ سڀ کان وڌيڪ معنيٰ خيز منظر اِهو ئي هو.

هڪ آواز آيو.

اختلاف جو اظهار ٿيو.

۽ ٻئي پنهنجي پنهنجي رستي تي هليا ويا.

پاڪستاني سياسي ٻوليءَ ۾ ’مرده باد‘ هڪ پراڻو احتجاجي نعرو آهي. اُن کي لفظي انگريزي ترجمي جي مفهوم ۾ پڙهڻ شايد اُن سياسي ۽ ثقافتي پسمنظر کي پوريءَ طرح بيان نه ڪري، جنهن ۾ هيءُ نعرو اسان وٽ استعمال ٿيندو رهيو آهي. اُتي به اُن شخص نه ڪا جسماني مزاحمت ڪئي، نه ڪا ڌمڪي ڏني. ظاهري طور هن پنهنجي سياسي ڪاوڙ ۽ ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪيو ۽ اڳتي وڌي ويو. آئون نٿو ڄاڻان ته اِهو شخص ڪير هو. ڪهڙي جماعت سان وابسته هو يا ڪنهن جماعت سان وابسته به هو يا نه. سندس دل ۾ حڪومت، شهباز شريف يا خواجه آصف بابت ڇا ڇا ڳالهه ٿيل هو، اُن جي دعويٰ به نٿو ڪري سگهان.

صحافيءَ جو ڪم هر خاموش جاءِ کي پنهنجي مفروضي سان ڀرڻ ناهي. ڪڏهن ڪڏهن سندس ڪم رڳو ايترو هوندو آهي ته جيڪو ڏٺو اهو ڏسي، جيڪو ٻڌو، ان کي درست نموني بيان ڪري ۽ فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏي ڏئي.

آئون هن واقعي کي ڪنهن جماعت جي مقبوليت يا غير مقبوليت جو پيمانو به نٿو بڻايان. هي رڳو هڪ واقعو هو پر ڪي ننڍا واقعا پاڻ ۾ وڏا سوال لڪائي گذري ويندا آهن.

اُن لمحي منهنجي سامهون هڪ عجيب تضاد هو. چند منٽ اڳ اِهو ئي شخص دنيا جي وڏن سفارتي مرڪزن مان هڪ، گڏيل قومن جي عمارت اندر هو. اُتي پروٽوڪول هو، وفد هئا، عالمي اڳواڻ هئا، سيڪيورٽي هئي، قومي جهنڊا هئا. چند منٽ پوءِ اِهو ئي شخص نيويارڪ جي هڪ عام فٽ پاٿ تي پيادل هلي رهيو هو. نه ڪو سرڪاري قافلو، نه رستو بند، نه عام ماڻهوءَ جي آواز کي روڪڻ لاءِ ڪو گهيرو.

شايد جمهوريت جي هڪ خوبصورتي اِها ئي آهي ته اقتدار عمارت اندر ڪيترو به بُلند هجي، فٽ پاٿ تي اچي اُن کي عام ماڻهوءَ جي برابر زمين تي ئي هلڻو پوي ٿو.

۽ شايد اظهار جي آزاديءَ جي سڀ کان سادي وصف به اِها ئي آهي ته هڪ پاسي وزير هلي رهيو هجي ۽ ٻئي پاسي هڪ شهري پنهنجي ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪري سگهي، شرط اِهو آهي ته اختلاف اختلاف ئي رهي، تشدد ۽ ڌمڪيءَ ۾ تبديل نه ٿئي.

اقتدار ڪيترو به وڏو ڇو نه هجي، اُن کي ڪڏهن نه ڪڏهن بند دروازن مان نڪري عوام جي وچ ۾ اچڻو پوي ٿو ۽ عوام جي ڪاوڙ ڪيتري به شديد ڇو نه هجي، آزاديءَ جي اصل عظمت تڏهن ئي قائم رهي ٿي، جڏهن زبان اختلاف ڪري پر هٿ تشدد ڏانهن نه وڌي.

اقتدار جو امتحان اِهو آهي ته اُهو مخالف آواز ٻڌي سگهي ۽ آزاديءَ جو امتحان اِهو آهي ته اُها پنهنجي حد سڃاڻي سگهي.

اسان ان ڏينهن پنهنجي پنهنجي رستي تي مُڙي وياسين. خواجه آصف ساڄي پاسي ۽ اسان ٽرين اسٽيشن ڏانهن سڌا.

پر آهي چند سيڪنڊ مون سان گڏ هلندا رهيا. شايد اُن ڪري جو ڪڏهن ڪڏهن هڪ پوري سياسي دور کي سمجهڻ لاءِ هزار لفظن جي تقرير به ڪافي نه هوندي آهي.

ڪڏهن گڏيل قومن مان نڪرندي چند قدم، نيويارڪ جو هڪ فٽ پاٿ ۽ ميڙ مان اوچتو اڀرندڙ هڪ آواز به پوري ڪهاڻي چئي ويندو آهي.

سنڌ جي تاريخ، جدا صوبي جي جدوجهد ۽ ورهاڱي جي سازش

ظفر ثناءُ الله چانڊيو

سنڌ جي تاريخ پنج هزار سال پراڻي آهي. موهن جي دڙي جي تهذيب دنيا جي قديم تهذيبن مان هڪ آهي. سنڌ کي ماءُ چيو ويندو آهي، ڇو ته سنڌو درياهه هن ڌرتي کي زندگي ڏني آهي. تاريخ ۾ سنڌ کي مختلف نالن سان سڏيو ويو آهي. قديم دور ۾ سنڌو سپيتا، پوءِ سنڌو ديش ۽ پوءِ سنڌ.

هند ۽ سنڌ جو دور: انگريزن جي اچڻ کان اڳ سنڌ هڪ آزاد رياست هئي. ٽالپرن جي حڪومت هئي. 1843ع ۾ انگريزن جنرل چارلس نيپئر جي اڳواڻي ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو. مياڻي ۽ دبي جي جنگين ڪانپوءِ سنڌ کي فتح ڪيو ويو. 1847ع ۾ انگريزن سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسي سان ملائي ڇڏيو. اُن وقت کان وٺي سنڌي عوام ۽ سنڌي اڳواڻن جدوجهد شروع ڪئي ته سنڌ کي بمبئي کان الڳ ڪيو وڃي. سائين جي ايم سيد، شاهه نواز ڀٽو، سر غلام حسين هدايت الله ۽ ٻين وڏن اڳواڻن وڏي جدوجهد ڪئي. آخرڪار پهرين اپريل 1936ع تي سنڌ بمبئي کان الڳ ٿي هڪ الڳ صوبو بڻيو. اهو ڏينهن سنڌ جي تاريخ ۾ سونهري ڏينهن آهي. سنڌ کي پنهنجي اسيمبلي، پنهنجو وزيراعظم ۽ پنهنجي سڃاڻپ ملي.

پاڪستان ٺهڻ ۾ سنڌ جو ڪردار: 3 مارچ 1943ع تي سنڌ اسيمبلي سائين جي ايم سيد جي صدارت ۾ پاڪستان ٺاهڻ جي قرارداد پاس ڪئي. سڄي هندستان ۾ سڀ کان پهرين قرارداد سنڌ اسيمبلي پاس ڪئي. اُن ڪري سنڌ کي باب الاسلام به چيو ويندو آهي. 1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ سنڌ پاڪستان جو حصو بڻي. 1955ع ۾ ون يونٽ ناهي سڀني صوبن کي ختم ڪيو ويو پر 1970ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي جدوجهد سان صوبا ٻيهر بحال ٿيا.

هاڻوڪي ورهاڱي جي سازش: هاڻي وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي ته جڏهن صوبن ۾ وڌيڪ انتظامي يونٽ ناهيا ويندا ۽ ان تي بيڪ ڊور کان ڪم هلي رهيو آهي. ان بيان سان سنڌ جي عوام ۾ سخت بيچيني پيدا ٿي آهي. ان تي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري واضح چيو آهي ته سنڌ ۾ ڪنهن به انتظامي يونٽ جي ضرورت ناهي. جتي ضرورت آهي اُتي ناهيو. پنجاب اسيمبلي ٻه ڀيرا سرائيڪي صوبي جي قرارداد پاس ڪئي آهي. خيبرپختونخواهه ۾ به مطالبو آهي، پر سنڌ ۾ عوام ڪڏهن به اهڙو مطالبو ناهي ڪيو. پيپلز پارٽي سنڌ جو صدر نثار احمد کهڙو سنڌ اسيمبلي ۾ ڇهه ڀيرا ٻه ٽهائي اڪثريت سان قرارداد پاس ڪرائي آهي ته سنڌ کي ورهائڻ نه ڏينداسين.

ايم ڪيو ايم جي مايوس ڪوشش: ٻئي پاسي ايم ڪيو ايم وارا ڪراچي جي روڊن تي بار بار ريليون ڪڍي چئي رهيا آهن ته اسان سنڌ ۾ انتظامي يونٽ ناهي رهنداسين. حقيقت اِها آهي ته سندن ريلين ۾ ڪو دم ناهي رهيو. سندن جماعت مڪمل طور تي ختم ٿي چڪي آهي. اِهي صرف ڪنهن جي اشاري تي بندر وانگر ڪراچي جي روڊن تي ڏيڍ سئو ٻه سئو ماڻهن سان نچي رهيا آهن. انهن جو سنڌ کي ورهائڻ وارو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو. اِهو خواب رسوا ۽ خراب رهندو. سندن سياست مڪمل طور تي دفن ٿي چڪي آهي ۽ سنڌ کي الڳ صوبو بڻائڻ وارو سندن خواب پيپلز پارٽي ۽ سنڌ جي عوام هميشه لاءِ دفن ڪري ڇڏيو آهي.

سنڌ جي عوام جو موقف: سنڌ هڪ آهي، سنڌو درياهه کان ڪارونجهر تائين. سنڌ هڪ تاريخي، جاگرافيائي، ثقافتي ۽ لساني وحدت آهي. سنڌ کي انتظامي بنيادن تي ورهائڻ سنڌ جي عوام جي مينڊيٽ جي توهين آهي. سنڌ جو ٻار ٻار چوي ٿو ته سنڌ جي ورهاڱي جي ڪا به سازش ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين.

81 سالن کان دنيا امن جي منتظر!

منظور ڪوسو

ٻي مهاڀاري جنگ جي تباهين ڪانپوءِ دنيا کي جنگين، تشدد ۽ انساني الميا کان بچائڻ، عالمي امن قائم ڪرڻ ۽ قومن وچ ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ لاءِ 24 آڪٽوبر 1945ع تي گڏيل قومن جو ادارو، يعني United Nations Organization (UNO) وجود ۾ آيو. نيويارڪ ۾ قائم هن عالمي اداري کي دنيا جي اهم ترين عالمي فورم جي حيثيت حاصل آهي، جتي مختلف ملڪن جا نمائندا عالمي بحرانن، جنگين، انساني حقن ۽ ٻين اهم مسئلن تي بحث ڪندا آهن. 81 سال گذرڻ ڪانپوءِ به اڄ دنيا هڪ اهڙي موڙ تي بيٺل آهي، جتي اِهو سوال وڌيڪ شدت سان اڀري رهيو آهي ته آخر عالمي امن، انصاف ۽ انساني حقن جي تحفظ لاءِ قائم ڪيل هيءُ ادارو پنهنجا بنيادي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ٿيو آهي؟ اڄ، جڏهن دنيا کي امن جي سڀ کان وڌيڪ ضرورت آهي، تڏهن فلسطين، خاص طور تي غزه، انساني الميي جي ور چڙهيل آهي. آمريڪا پاران فلسطيني قيادت کي ويزا جاري نه ڪرڻ هڪ نهايت ئي افسوسناڪ عمل آهي. فلسطيني صدر جي ذاتي طور اجلاس ۾ شرڪت ممڪن نه ٿي سگهي، جنهن سبب هن وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. اهڙي صورتحال ۾ اِهو سوال فطري طور تي پيدا ٿئي ٿو ته جيڪڏهن عالمي ادارو ئي هر ملڪ ۽ هر قوم کي برابر نموني پنهنجو موقف پيش ڪرڻ جو موقعو نٿو ڏئي سگهي ته پوءِ عالمي انصاف جو تصور ڪيترو مضبوط رهجي وڃي ٿو؟

دنيا جي موجوده صورتحال تي نظر وجهون ٿا ته محسوس ٿئي ٿو ڄڻ عالمي امن جو خواب اڃان تائين هڪ خواب ئي آهي. غزه ۾ ڊگهي عرصي کان جاري جنگ، بمباري، انساني جانين جو نقصان، عمارتن جي تباهي، پاڻي، خوراڪ ۽ دوائن جي کوٽ، دنيا جي ضمير کي جنجهوڙي رهيا آهن. هزارين ماڻهو مارجي چڪا آهن، لکين ماڻهو متاثر ٿيا آهن ۽ بي شمار خاندان پنهنجا گهر پنهنجا پيارا ۽ پنهنجو مستقبل وڃائي ويٺا آهن. جنگ جي تباهين جو سڀ کان وڏو بار هميشه عام ماڻهو برداشت ڪندا آهن. جيڪي ماڻهو جنگ شروع نٿا ڪن، فيصلا نٿا ڪن ۽ هٿيار به نٿا کڻن، اهي ئي بمباري، بُک، بيماري، بي گهر ٿيڻ ۽ موت جو شڪار ٿين ٿا. غزه جي صورتحال به انهيءَ تلخ حقيقت جو هڪ وڏو مثال بڻجي سامهون آئي آهي. هڪ طرف غزه ۾ انساني بحران شدت اختيار ڪري رهيو آهي ته ٻئي طرف وچ اوڀر ۾ ڇڪتاڻ جا نوان محاذ به دنيا لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻيل آهن. ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ وڌندڙ تڪرار، حملن، معاشي پابندين ۽ علائقائي ڇڪتاڻ عالمي امن لاءِ نوان خطرا پيدا ڪيا آهن. ڪنهن به خودمختيار ملڪ خلاف طاقت جي استعمال، عام شهرين کي نقصان پهچائڻ يا ڪنهن ملڪ کي مڪمل تباهي جون ڌمڪيون ڏيڻ بابت عالمي قانون جا اصول واضح آهن. سوال اِهو آهي ته انهن اصولن تي عملي طور ڪيترو عمل ڪرايو وڃي ٿو. گڏيل قومن وٽ سلامتي ڪائونسل، جنرل اسيمبلي، عالمي عدالت ۽ ڪيترائي ٻيا ادارا موجود آهن. دنيا جا تقريباً سڀئي ملڪ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ هن عالمي نظام جو حصو آهن. پر جڏهن جنگين کي روڪڻ، عام شهرين کي تحفظ ڏيڻ ۽ انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙين کي ختم ڪرائڻ جي ڳالهه اچي ٿي ته ڪيترن ئي موقعن تي عالمي ادارن جي عملي قوت محدود نظر اچي ٿي. خاص طور تي سلامتي ڪائونسل ۾ ويٽو جو اختيار به عالمي فيصلا سازيءَ تي گهرو اثر وجهي ٿو. طاقتور ملڪن جا سياسي مفاد جڏهن عالمي فيصلي جي راهه ۾ اچي وڃن ٿا ته هڪ سوال ضرور پيدا ٿئي ٿو: ڇا دنيا جي سڀني قومن کي واقعي برابري جا حق حاصل آهن؟ تازو گڏيل قومن جي اجلاس دوران اسرائيلي وزيراعظم جي تقرير جو ڪيترن ئي ملڪن جي نمائندن طرفان بائيڪاٽ پڻ عالمي راءِ جي هڪ اهم علامت طور ڏٺو ويو. اُن مان گهٽ ۾ گهٽ اِهو ضرور ظاهر ٿئي ٿو ته غزه جي انساني صورتحال بابت عالمي برادريءَ اندر سخت اختلاف ۽ ڳڻتي موجود آهي. اهڙي صورتحال ۾ گڏيل قومن جي ڪارڪردگي تي تنقيد جو آواز ارجنٽينا جي صدر جي تقرير دوران پڻ سامهون آيو. هن پنهنجي تقرير ۾ گڏيل قومن جي ڪارڪردگي، عالمي معاملن ۾ اُن جي ڪردار ۽ اجتماعي سلامتيءَ جي نظام تي سخت سوال اٿاريا ۽ اداري کي انتهائي سخت لفظن ۾ تنقيد جو نشانو بڻايو. هن جو مؤقف هو ته گڏيل قومن جو ادارو عالمي امن، اجتماعي سلامتي ۽ انساني حقن جي ضمانت ڏيڻ واري پنهنجي ذميواري پوري ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. هن اِهو به چيو ته عالمي اصولن جي پاسداري ڪندڙ ملڪن کي اُن جو مناسب صلو نٿو ملي، جڏهن ته انهن اصولن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن کي به ڪيترن ئي موقعن تي نتيجا ڀوڳڻا نٿا پون.

ارجنٽينا جي صدر گڏيل قومن کي سخت لفظن ۾ تنقيد جو نشانو بڻائيندي اُن کي ’بيڪار تنظيم‘ تائين قرار ڏنو. سندس تقرير ۾ عالمي اداري جي ڪارڪردگيءَ بابت جيڪي سوال اٿاريا ويا، اهي يقيناً سخت ۽ تڪراري هئا، پر انهن سوالن جي پسمنظر ۾ دنيا جي موجوده صورتحال کي نظرانداز به نٿو ڪري سگهجي. ڇو ته سوال صرف اِهو ناهي ته گڏيل قومن ڪيترا اجلاس ڪرايا، ڪيتريون قراردادون منظور ڪيون يا ڪيترا بيان جاري ڪيا. اصل سوال اِهو آهي ته جڏهن ڪنهن شهرن تي بم وسي رهيا هجن، جڏهن معصوم ٻار مري رهيا هجن، جڏهن خاندان اجڙي رهيا هجن، جڏهن اسپتالون ۽ گهر تباهه ٿي رهيا هجن ۽ جڏهن لکين ماڻهو بُک ۽ بي گهر ٿيڻ کي منهن ڏئي رهيا هجن، تڏهن عالمي ادارن جي عملي طاقت ڪٿي آهي؟ اڄ دنيا ۾ جنگ صرف هٿيارن سان نٿي وڙهي وڃي. ان سان گڏ معاشي پابنديون، سياسي دٻاءُ، سفارتي اتحاد ۽ عالمي ادارن ۾ طاقت جو استعمال پڻ اُن جو حصو بڻجي چڪا آهن. اهڙي ماحول ۾ گڏيل قومن جي اصل آزمائش اِها آهي ته ڇا اهو طاقتور ۽ ڪمزور ملڪن لاءِ هڪجهڙا اصول لاڳو ڪرائي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن عالمي قانون سڀني لاءِ برابر آهي ته پوءِ اُن جي عملداري به سڀني لاءِ برابر هجڻ گهرجي. جيڪڏهن انساني حق واقعي عالمگير آهن ته پوءِ انهن جو تحفظ به سرحدن، مذهبن، نسلن ۽ سياسي اتحادن کان مٿانهون ٿيڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن امن واقعي گڏيل قومن جو بنيادي مقصد آهي ته پوءِ جنگين کي صرف بحث جو موضوع نه، پر روڪڻ جي عملي ڪوشش جو مرڪز بڻائڻو پوندو. اڄ غزه هجي يا ايران انساني جان جي قيمت ساڳي آهي. ڪنهن ماءُ جو ٻار فلسطين ۾ مري يا ايران ۾، ان ماءُ جو ڏک هڪجهڙو آهي. ڪنهن خاندان جو گهر بمباريءَ ۾ تباهه ٿئي يا جنگ جي ڪنهن ٻئي محاذ تي، ان خاندان جو الميو ساڳيو آهي. انهيءَ ڪري گڏيل قومن جي مستقبل جو سڀ کان وڏو سوال اُن جي وجود جو نه، پر اُن جي اثرائتي ڪردار جو آهي. دنيا کي اهڙي گڏيل قومن جي ضرورت آهي، جيڪا رڳو قراردادون پاس نه ڪري، پر انهن تي عمل ڪرائڻ جي طاقت پڻ رکي، جيڪا رڳو جنگين ڪانپوءِ تباهيءَ جو انگ اکر گڏ نه ڪري، پر جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ ان کي روڪڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻي، جيڪا طاقتور ملڪن جي سياسي مفادن کان مٿانهين ٿي انساني جان ۽ عالمي قانون کي اوليت ڏئي.

81 سال اڳ گڏيل قومن جي قيام وقت انسانيت جنگ جي تباهين مان گذري رهي هئي. اڄ 81 سال پوءِ به دنيا جا لکين ماڻهو جنگ، بُک، غربت، بي گهر ٿيڻ ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙين کي منهن ڏئي رهيا آهن. اِهو منظر گڏيل قومن سميت پوري عالمي برادريءَ لاءِ هڪ وڏو سوال آهي. گڏيل قومن کي پنهنجي ڪارڪردگي، اختيارن، فيصلا سازيءَ جي نظام ۽ عالمي انصاف جي اصولن تي به سنجيدگيءَ سان نظرثاني ڪرڻ گهرجي ڇو ته انسانيت کي هاڻي وڌيڪ بيانن، قراردادن ۽ مذمتي لفظن کان وڌيڪ عملي امن، برابري انصاف ۽ انساني جان جي تحفظ جي ضرورت آهي.

اڄوڪو ڏينهن ---- 27 سيپٽمبر

الهورايو نظاماڻي

الهورايو نظاماڻي سنڌ جو نامور سگهڙ هو. هن جو جنم 27 سيپٽمبر 1857ع تي بدين ضلعي جي ڳوٺ مير محمد نظاماڻيءَ ۾ ٿيو. هن مختلف مدرسن مان سنڌي، عربيءَ ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪئي. ڪيس سرائيڪي، براهوي ۽ هندي ٻولين تي به عبور حاصل هو. هُو لوڪ ادب جو وڏو ڄاڻو، قادرلڪلام شاعر ۽ سگهڙ هو. سندس شاعريءَ ۾ ڳجهارتون ڏٺ، بيت، ڏور، دوها، سينگار بيت ۽ ٻيون صنفون شامل آهن. سندس شاعريءَ جا ڪيترائي رسالا موجود آهن پر "سالڪ جي سمجهه" گهڻو مشهور آهي. هن جا حمل فقير، سانوڻ فقير، سمن سرڪار ۽ سيد ميران محمد شاهه اول سان دوستيءَ وارا لاڳاپا هئا. ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي پروگرامن ۾ به شرڪت ڪندو هو.

مرزا علي بخش بيگ ڪوثر

هن نامور شاعر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1911ع ۾ ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ ٿيو. هن مرزا مدد علي بيگ ۽ مرزا قربان علي بيگ جي صحبت ۾ رهي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. سندس شمار ان وقت جي قادرالڪلام غزل گو ۽ مرثيه گو شاعرن ۾ ٿئي ٿو. هن 8 آگسٽ 1961ع تي وفات ڪئي.

سندر پوتاڻي

هن مشهور ڊراما نگار، ڊائريڪٽر ۽ اداڪار جو جنم 27 سيپٽمبر 1933ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ پهريائين هندستان جي شهر ناگپور ۽ پوءِ ممبئيءَ ۾ وڃي ٽانيڪو ٿيو ۽ بي اي تائين تعليم حاصل ڪيائين. هن کي ناٽڪن جي دنيا جو بادشاهه چئجي ته غلط نه ٿيندو. هن سنڌو ڪلا ڪندرا نالي اسٽيج ڊرامن جي هڪ منڊلي قائم ڪئي ۽ 1977ع کان 2000ع تائين انهيءَ منڊليءَ پاران ڪيترائي اسٽيج ڊراما پيش ڪيا جن ۾ پاڻ هڪ ڊائريڪٽر ۽ اداڪار طور به ڪم ڪيو. سندس مشهور ڊرامن ۾ "ياد ڪندا"، "سوريءَ سڏ ڪيو"، "هڪ عجيب داستان"، "قتا"، "رام اچا بنواس ۾ آهي" ۽ "هيءَ پياسو منهنجو من" شامل آهن. ڊراما نگار هئڻ سان گڏ هُو هڪ سٺو شاعر پڻ هو. هن سنڌيءَ سان گڏ هنديءَ ۾ به ڊراما پيش ڪيا.

ڊاڪٽر مولوي محمد ادريس سومرو

سنڌ جي هن جيد عالم ۽ برک اديب جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1961ع ۾ ڳوٺ ڇنيهاڻي تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهروفيروز ۾ ٿيو. سندس والد محمد قاسم سومرو به سنڌ جو وڏو عالم ۽ ليکڪ هو. هن شهادة العالميه جي سند وفاق المدارس العربيه پاڪستان مان حاصل ڪئي ۽ اسلامڪ ڪلچر ۾ پي ايڇ ڊي جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي. تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ پهريائين جامعه ارشاد العلوم ۾ صدرالمدرسين ۽ پوءِ جامعه انوارالعلوم ڪنڊياري ۾ شيخ الحديث طور ڪم ڪندو رهيو آهي. هن پنهنجي مدرسي ۾ "قاسميه لائبريري" نالي سان هڪ عظيم الشان لائبريري قائم ڪئي آهي، جنهن ۾ 30000 کان به وڌيڪ ڪتاب موجود آهن. پاڻ مختلف ديني موضوعن تي لڳ ڀڳ 70 ڪتاب تصنيف ڪيا آهن.

ذوالفقار هاليپوٽو

اڄ مشهور سماج سڌارڪ، ڪالم نگار ۽ اديب ذوالفقار هاليپوٽي جي جنم جو ڏينهن آهي سندس جنم 27 سيپٽمبر 1970ع تي ٽنڊي محمد خان ضلعي جي ڳوٺ عمر هاليپوٽي ۾ ٿيو. هن مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو. 1995ع ۾ قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد مان ايم اي (تاريخ) جي سند ۽ 2010ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ماسٽر آف فلاسافيءَ جي سند حاصل ڪيائين. هن اٽڪل 20 سالن تائين سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ ڪالم نگار طور ڪم ڪيو. هن سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. هن سنڌي ٽيليويزن چئنلن جي مختلف پروگرامن جي ميزباني پڻ ڪئي آهي. سياسي طور تي پاڪستان تحريڪ انصاف سان لاڳاپيل رهيو آهي.

رينوڪا ٽيڪواڻي

هندستان جي هن مشهور گلوڪاره جو اڄ جنم ڏينهن آهي. هن جي ڀيڻ روشني ۽ ڀاءُ آنند به سريلا راڳي آهن. هن فرانس مان گريجوئيشن ۽ پوسٽ گريجوئيشن ڪئي. ڪجهه عرصو بينڪ آف اسڪاٽلينڊ ۾ ڪم ڪيو. ممبئيءَ ۾ رهندڙ هن ڪلاڪاره 9 سالن جي ننڍي ڄمار کان ڳائڻ شروع ڪيو. ڳائڻ جي ابتدائي سکيا پنهنجي ماءُ کان حاصل ڪيائين. هن ڪجهه سنڌي فلمن ۽ اسٽيج ڊرامن ۾ به ڪم ڪيو آهي. مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن جي ثقافتي ۽ راڳ رنگ جي محفلن، شادين مرادين ۽ ثقافتي پروگرامن ۾ سندس آواز کي گهڻو ساراهيو ويو آهي.



سيد پناه علي شاه

مختيار انڙ

سيد پناه علي شاه سنڌ جو هڪ وڏو تعليمي ماهر، ناٽڪ نويس ۽ ليکڪ هو. اڄ سندس ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 22 مئي 1929ع تي موري ۾ ٿيو. 1946ع ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. اڳتي هلي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان بي اي، ايم اي (اسلامڪ ڪلچر)، ايم اي (مسلم هسٽري) ۽ ايم اي (رليجن) جون سندون حاصل ڪيائين. ڪراچيءَ مان ٽي بي ٽي جي سند به حاصل ڪيائين. هن عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪئي. بعد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي رليجن ۽ اسلامڪ ڪلچر شعبن ۾ استاد طور ڪم ڪيائين. هن ٻارن لاءِ ڪيترائي اصلاحي اسٽيج ڊراما لکيا. ان کان علاوه سندس ڪيترائي مضمون سنڌي رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻيا. عمر جي آخري حصي ۾ قرآن شريف جي تفسير لکي رهيو هو پر افسوس اهو پراجيڪٽ پورو ڪرڻ کان پهرين 27 سيپٽمبر 1966ع تي دم ڌڻيءَ جي حوالي ڪيائين.

ڪامريڊ قادر بخش نظاماڻي

ڪامريڊ قادر بخش نظاماڻي سنڌ جو مشهور ڪميونسٽ اڳواڻ، هارين جي حقن لاءِ جاکوڙيندڙ، ليکڪ ۽ صحافي هو. هن جي شروعاتي زندگيءَ جو احوال گمناميءَ جي ڪوهيڙي ۾ گم ٿي ويو آهي. هن جو جنم حيدرآباد ضلعي جي ننڍڙي شهر ٽنڊي قيصر ۾ ٿيو هو. هڪ ويب سائيٽ تي سندس جنم جي تاريخ 23 مارچ 1914ع ۽ والد جو نالو فتح علي نظاماڻي ڄاڻايل آهي پر انهيءَ جي تصديق لاءِ ڪو مستند حوالو نه ملي سگهيو آهي. پاڻ هڪ بهترين ليکڪ، صحافي ۽ ڪميونسٽ اڳواڻ هو. هن جي ڪاوشن ۽ ڪارنامن جو هڪ مختصر خاڪو ڪامريڊ مير محمد ٽالپر پنهنجي ڪتاب "آديسي اٿي ويا" ۾ ڏنو آهي. هو سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي بنيادي ميمبرن مان هڪ هو. ڪامريڊ مير محمد ٽالپر مطابق هُو 1932ع ۾ ماسڪو ويو هو ۽ ڪيتريون ئي ٻوليون ڄاڻندو هو. هُو مختلف اخبارن جو ايڊيٽر رهيو. گڏوگڏ هن ڪيترائي ڪتاب تصنيف ۽ ترجمو ڪيا. عمر جو آخري حصو لنڊن ۾ گذاريائين. هن 27 سيپٽمبر 1996ع تي وفات ڪئي.

نواز علي ڪوسو

ٿر جي هن ديو مالائي ڪردار جو جنم 1926ع ڌاري ننگرپارڪر ويجهو ڪٻڙي ڳوٺ ۾ ٿيو. هُو فقط سنڌيءَ جا ٻه چار درجا پڙهيو. 1942ع ۾ کيس ايڪسائيز کاتي ۾ پوليس جي نوڪري ملي. سڄي عمر ايمانداريءَ سان اها نوڪري ڪري 1984ع ۾ رٽائر ٿيو. هن سڄي عمر ٿر واسين جي ڀلائيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي. ڪيس ٿر جي تاريخ، لوڪ ادب ۽ ثقافت جي وڏي ڄاڻ حاصل هئي. انڪري هن کي "ٿر جي انسائيڪلوپيڊيا" طور ياد ڪيو وڃي ٿو. هن 27 سيپٽمبر 2013ع تي هي جهان ڇڏيو.

شيخ حسن

اڄ سنڌي ۽ اردو فلمن جي مشهور هدايتڪار ۽ اداڪار شيخ حسن جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هُو 14 مئي 1922ع تي ممبئيءَ ۾ پيدا ٿيو. هن کي ننڍي هوندي کان ئي فلمن ۾ اداڪاريءَ جو شوق هو. نائون ڪلاس پاس ڪرڻ بعد رنجيت فلمس ۾ نوڪري ڪرڻ شروع ڪيائين. هن انهيءَ فلم ڪمپنيءَ جي هڪ فلم "نرس" ۾ پهريون ڀيرو اداڪاري ڪئي. اُن بعد مختلف فلمن ۾ ننڍا وڏا ڪردار ادا ڪيائين. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ پاڪستاني فلمن ۾ هدايتڪاري شروع ڪيائين. هن پاڪستان جي پهرين سنڌي فلم "عمر مارئي" ۾ هدايتڪار طور ڪم ڪري ڪافي مشهوري ماڻي. هن سنڌي فلمن "شهروفيروز"، "نوري ڄام تماچي" ۽ "مهراڻ جا موتي" وغيره ۾ به هدايتڪار طور ڪم ڪيو. هن جي هدايتڪاريءَ ۾ جيڪي اردو فلمون ٺهيون تن ۾ "ڄاڳ اٿا انسان"، "هماري زبان"، "پرائي زمين"، "لاکون فساني"، ۽ "ٽرڪ ڊرائيور" وغيره شامل آهن. سنڌي فلمي هيرو مشتاق چنگيزي هن ئي متعارف ڪرايو هو. هن 27 سيپٽمبر 2009ع تي وفات ڪئي.

شاهن باڊاهي

هن مشهور شاعر، صحافيءَ ۽ براڊڪاسٽر 2 فيبروري 1950ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي باڊهه شهر ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. 1972ع ۾ تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو. 1978ع ۾ روزاني هلال پاڪستان ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ 1982ع ۾ ريڊيو پاڪستان اسلام آباد تي سب ايڊيٽر نيوز مقرر ٿيو. هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، ڪراچي، لاهور، خيرپور ۽ لاڙڪاڻي تي پڻ ڪم ڪيو. اڳتي هلي ڊپٽي ڪنٽرولر نيوز طور رٽائر ٿيو. هُو سنڌي ٻوليءَ جو هڪ سرموڙ شاعر هو. سندس شاعري فوزيه سومرو، سينگار علي سليم ۽ برڪت عليءَ سميت سنڌ جي مختلف فنڪارن ڳائي آهي. هن جي ڇپيل شاعريءَ جي مجموعن ۾ "ڪل ته سهي" ۽ "جيون سارو ڳوڙها" شامل آهن. ان کان علاوه سندس ڪالمن جو ڪتاب "جوڳي ڏاڍي ذات" ڇپيل آهي. هن 27 سيپٽمبر 2013ع ۾ قاسم آباد حيدرآباد ۾ دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

بقايا 1 روزاني عبرت

مشڪل حالتن ڪي منهن ڏيڻو آهي ته ميدان ۾ لهڻو پوندو هن چيو ته جماعت اسلامي پيٽرول ليوي جي معاملي تي عوامي حقن لاءِ تحريڪ شروع ڪئي آهي.هن ملڪ جي معاشي صورتحال بابت ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان ۾ معاشي نظام سخت بحران جو شڪار آهي جڏهن ته عالم اسلام پڻ سنگين بحرانن کي منهن ڏئي رهيو آهي سنڌس چوڻ هو ته پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ ڇڪتاڻ ۽ دهشتگردي، جڏهن ته بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه ۾ امن امان جي صورتحال ڳڻتي جوڳي آهي، لياقت بلوچ چيو ته سنڌس نظر ۾ ملڪ ۾ آئيني دائري کان ٻاهر نظام ۽ طاقت جي بالادستي جا مسئلا موجود آهن جڏهن ته موجوده نظام عوام جي مسئلن جي حل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي.هن چيو ته عام ماڻهو لاءِ زندگي گذارڻ مشڪل بڻجي وئي آهي پيداوار جي لاڳت وڌي رهي آهي بجلي، گئس يوٽيلٽي سروسز ۽ پيٽرول مهانگا ٿيڻ سبب عام ماڻهو ۽ ڪاروباري طبقو متاثر ٿي رهيو آهي.هن چيو ته پاڪستان جا عوام سياستدانن مان مايوس ٿي رهيا آهن ۽ نوجوانن ۾ بي چيني وڌي رهي آهي. سنڌس چوڻ هو ته عوام جو هڪ طبقو اهو سمجهي ٿو ته سياسي بحثن ۾ سنڌن بنيادي مسئلن کي مناسب اهميت نه ٿي ڏني وڃي.جماعت اسلامي جي اڳواڻ چيو ته امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان عوامي مسئلن تي آواز اٿاريو آهي ۽ نوجوانن ۾ روزگار ۽ مهارتن جي فراهمي لاءِ "بنو قابل" پروگرام شروع ڪيو ويو. هن دعويٰ ڪئي ته حافظ نعيم الرحمان آءِ پي پيز جي معاملي کي پڻ عوام آڏو اجاگر ڪيو. لياقت بلوچ چيو ته شروعات ۾ آءِ پي پيز بابت اهو موقف سامهون آيو ته معاملو عالمي معاهدن ۽ ڊيوارين سان لاڳاپيل آهي پر جماعت اسلامي ان معاملي تي آواز اٿاريو ۽ پنهنجي موقف جي حق ۾ تفصيل پيش ڪيا. هن دعويٰ ڪئي ته آءِ پي پيز ۾ مختلف سياسي ۽ ڪاروباري ڌرين جي شموليت آهي ۽ عوام تي بجلي جي مهانگي قيمت جو بار وڌو ويو وڃي.پيٽرول ليوي بابت ڳالهائيندي لياقت بلوچ چيو ته عالمي منڊي ۾ پيٽرول جي قيمت پاڪستان جي سڌي ڪنٽرول ۾ ناهي، پر ليوي جي نالي تي عوام کان وڌي رقم وصول ڪئي پئي وڃي هن دعويٰ ڪئي ته ليوي مان حاصل ٿيندڙ رقم وفاق وٽ رهي ٿي ۽ صوبن کي سنڌن حصي کان محروم رکيو وڃي ٿو.هن چيو ته جماعت اسلامي پيٽرول ليوي خلاف ملڪ گير احتجاج ۽ ڌرڻا ڪيا، جنهن ڪانپوءِ حڪومت طرفان ڳالهين لاءِ ڪميٽي موڪلي وئي سنڌس چوڻ موجب حڪومت ۽ جماعت اسلامي وچ ۾ ڇهه دور ڳالهيون ٿي چڪيون آهن. جن ۾ وفاقي وزير پڻ شريڪ ٿيا.لياقت بلوچ موجب ڳالهين دوران حڪومتي نمائندن چيو ته پيٽرول ليوي ختم ڪرڻ ممڪن ناهي، ڇاڪاڻ ته اهو عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) سان ڪيل واعدن سان لاڳاپيل آهي. هن چيو ته جماعت اسلامي فوري طور بجيٽ يا آءِ ايم ايف معاهدي کي چئلينج ڪرڻ بدران مختلف تجويزون حڪومت آڏو پيش ڪيون آهن

بقايا 2 روزاني عبرت

جاري رکيو ويندو پوليس ڪارروائي تي شهرين ۽ علائقي جي سياسي سماجي ادبي صحافتي تنظيمن پاران پوليس جي منشيات سماجي برائين خلاف هلندڙ ڪريڪ ڊائون کي ساراهيو ويو ۽ گڏوگڏ عوام مطالبو ڪيو آهي ته ٻالاتر منشيات فروشن ۽ سماجي برائين ميں ملوث جوابدارن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي

بقايا 3 روزاني عبرت

ارباب عمر، حسن پنهور، دلمراد ڪمبوهه، مسعود پنهور، دلشاد مغل، نثار ڪشميري، بابر چانگ، نسيم قائمخاني، شڪيل راجپوت، شيري ڪشميري ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ٻنان ڪنهن سرچ وارنٽ جي سول ڪپڙا پهريل ۽ ڏاڙهيل جيان منهن ٻڌل پوليس اهلڪار رات جي پيٽ ۾ راڌڻ جي سينئر صحافي مظفر گورڙ جي گهر تي ڏاڙيل جيان گهر تي چڙهائي ڪري عورتن ۽ ٻارن کي حراسان ڪيو آهي اها سنئين سڌي پوليس جي دهشتگردي آهي هنن چيو ته آڌي رات جو ديوارون ٽپي گهر ۾ داخل ٿي چادر ۽ چارديواري کو تقدس پائمال ڪيو آهي جنهن جي هو سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي هنن چيو ته ٻنان پوليس وردي پهريل ۽ چهرا ڍڪيل هجڻ سان شڪ پيدا ٿين ٿا. صحافين جو چوڻ آهي ته جيئوڳي گهرو وزير پاران واقعي جي جاچ جو اعلان ته ڪيو آهي پر اجان تائين نه اهلڪارن خلاف ڪا ڪاروائي ٿي سگهي آهي ۽ نه ئي وري مٿن ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ماٺلي جي قلم ڏٺين گهر ڪئي ته مظفر گورڙ جي گهر تي چڙهائي ڪندڙن ۽ ڪين اهڙي قدم جي اجازت ڏيندڙن خلاف ڪاروائي ڪري صحافي برادري مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 4 روزاني عبرت

جمالي حاڪم جمالي اظهر ڪلهوڙو منير جوڻيجو کان نامعلوم ڦورو گڏيل طور تي 60 هزار روڪ هڪ موٽر سائيڪل ۽ 5 موبائل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا پر اڳوا ٿاڻي جي پوليس کي ڪانو ڪان خبر ئي نه پئجي سگهي ۽ آرامي ٿي گشتيءَ واري نند کي ترجيح ڏيندي ننڊ جا نعرا گوگهرا ماريندي رهي ياد رهي ته اڳوا ٿاڻي جي حد چورن لوڦرن ڦورن جي لاءِ سوني جهرڪيءَ مثل ٿي وئي آهي جڏهن اهڙي سستيءَ جو ٻڌي ايس ايس پي خيرپور اڳوا ايس ايڇ او کي هٽائي نئون ايس ايڇ او مقرر ڪري چڪيو آهي يار ياد رهي ته بدامنيءَ خلاف ريلون پڻ نڪتيون هيون ان جو نوٽيس نه ورتو ويو ايس ايس پي خيرپور پاران ۽ صوبيدار کي هٽايو ويو

بقايا 5 روزاني عبرت

موقعي تي نينگري تهذيبه فاطمه جي ماءُ ثمينه شيدي ۽ ڏاڏي فضا شيدي صحافين آڏو ڏانهيندي چيو ته سنڌس ڪن ورهين جي نياڻي پاڙي جي دڪاندار هادي بخش ملاح جي دڪان تان شيءِ وٺڻ لاءِ وئي جتي جوابدار نينگري سان زيادتي جي ڪوشش ڪئي جنهن دوران پاڙي جي ماڻهن ڪيس ڏسي ورتو ۽ نينگري کي اتان ولي آيا هن چيو ته واقعي ڪانپوءِ هو پوليس وٽ پهتا پر شروعاتي طور ڪيس داخل نه ڪيو ويو جنهن سبب احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿياسين هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جي جاچ ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي احتجاج دوران ايس ايس پي بدين واقعي جو نوٽيس ورتو جنهن کان پوءِ بدين جي ماڏل ٿاڻي تي جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري ڪيس گرفتار ڪيو ويو هوڏانهن الزام هيٺ آيل ريٽائرڊ پوليس اي ايس آءِ عبدالهادي ملاح پنهنجي موقف ۾ چيو آهي ته سنڌس مٿان لڳايل الزام ۾ ڪا به صداقت ناهي هن چيو ته سنڌس گهر جي سامهون منشيات جو ڪاروبار ڪندڙ ماڻهن پاران معصوم نينگري واري واقعي جو الزام مٿس لڳائڻ انتهائي افسوسناڪ ۽ شرمناڪ عمل آهي هن وڌيڪ چيو ته الزام لڳڻ کان پوءِ هو پاڻمرادو ماڊل ٿاڻي بدين جي ايس ايڇ او علاؤالدين خاصخيلي وٽ پيش ٿيو آهي کيس اميد آهي ته ايس ايس پي ۽ ايس ايڇ او علاؤالدين خاصخيلي معاملي جي شفاف جاچ ڪري سائس انصاف ڪندا

بقايا 6 روزاني عبرت

قائم آهن تنهن هوندي به روينيو اختيارين جي مبينا ملي ڀڳت سان انهن جي معاوضي جي رقم ٻاٿر خانگي ماڻهن کي ادا ڪئي پئي وڃي.تفصيل موجب ناراتعلقي جي ريگستاني علائقي ديهه جبو ۾ تيل ۽ گئس جي 41 کوهه کيٽرن ئي سالن کان پيداوار ڏئي رهيا آهن.

بقايا 7 روزاني عبرت

گاڏي سميت واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويو.اطلاع ملڻ تي زخمي نوجوان کي فوري طور تعلقه اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو ويو جتي ديوٽي ڊاڪٽر سنڌس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ سوڳ واري فضا ڇانئجي وئي. جڏهن ته وارثن حادثي جي ڊيوار ڊرائيور جي گرفتاري ۽ قانوني ڪاروائي جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

سعيد احمد، راشد، احسان علي واحد طرفان مرحوم جي چاليهي جي تقريب جوڻيجا هائوس جامع مسجد ڳوٺ علي بخش جوڻيجو ۾ منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ روحاني محفل ڪرائي وئي جنهن ۾ درگاهه عاليه مشوري شريف جي گادي نشين مولانا سائين منظور احمد مشوري ۽ ٻيا عالم سڳورا شريڪ ٿي خطاب ڪيو ان دوران نعت خوانن نعتون پيش ڪري محفل کي چارچند لڳائي ڇڏيا محفل ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي مولانا منظور احمد مشوري جلسي کي خطاب ڪندي چيو ته نماز قائم ڪرڻ ۽ غريب بي ڀهج انسان جي خدمت ڪرڻ ۾ دل کي روحاني سڪون ملندو آهي غريب مسڪين کي تڪليف نه ڏيو ، پاڙي وارن جو خيال ڪيو ڪامل بزرگن جي صحبت اختيار ڪيو

بقايا 9 روزاني عبرت

مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو قومي عوامي تحريڪ ضلعي بدين بدين جو گيانچند مهيشوري، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر شازيا احمداڻي نصرت خاصخيلي، زينت سمون ، شهربانو راهوجو ، قومي عوامي تحريڪ جا اڳواڻ نثار پرڳڙي، الطاف خاصخيلي شوڪت تنيس مقصود پرڳڙي، بابو نوحاڻي شوڪت نوحاڻي رزاق بوزدان سنڌي هاري تحريڪ جو مرڪزي صدر ڪرڙ ريباري، چانڊيو سنڌي شاگرد تحريڪ جي اڳواڻ نعيم شر اشفاق اشرف پليجو سميت واپارين ۽ شهرين شرڪت ڪئي حاجي سانول ٿنڊو غلام علي ۽ نئون ڏمبالو پهچڻ تي اياز لطيف پليجي جو گلن جي ورکا سان شاندار استقبال ڪيو ويو نئون ڏمبالو ۽ ڪامريڊ بچل احمداڻي جي چاليهي جي موقعي تي محبت سنڌ جلسه عام ڪيو ويو ان موقعي تي خطاب ڪندي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ پاڪستان ڏاهين آهي ان کي ديوار سان نه لڳايو عالمي سامراجي طاقتن ملڪ خلاف سازش لاءِ سنڌ کي ٽارگيٽ ڪيو آهي.اردو ڳالهائيندڙ باشعور ماڻهو سنڌ ٽوڙڻ جي سازش ۽ نفرت واري سياست کي رد ڪن ٿا.اياز لطيف پليجي چيو ته چيو ته نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جو ڪتراڳ ايم ڪيو ايم محسن نقوي شروع ڪيو آهي. اهو مهاجرن جي لاءِ يا پاڪستان جي مفادن لاءِ ناهي ۽ نه روڳو سنڌين سان دشمني آهي پر اها پاڪستان سان دشمني آهي اياز لطيف پليجي چيو ته اُنهن انهن کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان اسلام آباد کان ڪراچي تائين جيڪي به آهن هي سنڌ اسان جي ڪنهن کان تحفي ۾ نه ملي آهي هي سنڌ ڪنهن کان ڪسي نه ورتي آهي هي هزارين سالن کان اسان جو تاريخي وطن آهي سنڌ اسان جي آهي سنڌ اسان جي ايندڙ نسلن جي آهي.اياز لطيف پليجي چيو ته اسلام آباد جي هڪ اي سي واري آفيس ۾ ويهي هو سمجهن ٿا ته سنڌ جي 8 ڪروڙ ماڻهن کي گهمائي لاهيداسين توهان ڪراچي جي ڳالهه ڪيو ٿا مگر اسان سنڌ جو هڪ ڳوٺ به نه ڏينداسين سنڌ جا ماڻهون توهان کي ڪڙيو گهنور ،ڏڙ ۽ جوهي جي هڪ گهٽي به ڪون ڏيندا. اياز لطيف پليجي چيو ته هي سنڌ ۽ پاڪستان اسان جو آهي اٺ ڪروڙ سنڌي ۽ 25 ڪروڙ پاڪستاني اسان جا آهن ۽ سڀ اسان جا آهن انهن ڏک، غم، تڪليفن، درد، جدوجهدون اسان جون آهن ۽ انهن سڀني جو اهو اعلان آهي پاڪستان نئين تجربي گاهه بنجڻ ڪون ڏينداسين صوبن ۽ انتظامي يونٽن جو نئون تجربو نه ڪيو جنهن سان ملڪ کي ڪو نقصان ٿئي اياز لطيف پليجي چيو ته اڳئين توهان کي پڻي پڙهايون ته بنگالين کي سبق ٿا سيکاريون ڍاڪا ۾ قومي اسيمبلي جو اجلاس ٿيڻ نه ڏينداسين مجيب الرحمان کي اقتدار ڪون ڏينداسين عوامي ليگ کي اڇڻ ڪون ڏينداسين بنگالي کي زبان کي قبول نه ڪريون جيڪو ڪرڻو اٿو ڪريو پوءِ نتيجو ڏٺو اياز لطيف پليجي چيو ته عوام کي عوام سان وڙهائيندڙ ٻاهرين ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيا آهن حڪومت کي نون تجربن ۽ بيان بازي بدران عوام جي مسئلن جي حل کي ترجيح ڏيڻ گهرجي سنڌ جي سمورن وسيلن جا مالڪ سنڌ جا عوام آهن سنڌ جي وسيلن زمين پاڻي ۽ ساموندي علائقن بابت فيصلن ۾ مقامي آبادي جي مفادن قومي آئيني ۽ صوبائي اختيارن کي بنيادي اهميت ڏني وڃي سيني سياسي قيدين کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي.اياز لطيف پليجي چيو ته حڪمران طاقت جي نشي ۾ ملڪ کي بحرانن ۽ انارڪي جي دلدل ۾ ڌڪي رهيا آهن مهانگائي، بک، بدحالي بيروزگاري، بدامني ۽ ڪرپشن جي ڪري ماڻهو عوام سخت پريشان آهي پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ روزانو اضافو جي ڪري پاڪستان جي 25 ڪروڙ عوام کي ڪيستائين مهانگائي جي سمنڊ ۾ ٻوڙيندا رهندا.ملڪ جو عوام هاڻ مهانگائي جو بار نٿو کڻي سگهي حڪمران پنهنجا شاهي خرچ بند ڪري عوام بدترين مهانگائي جي چڪي ۾ پيسي رهيو آهي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جا ماڻهو پاڻي بجلي امن امان صحت، تعليم روزگار جي سنگين مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن سنڌ جي عوام کي صاف پاڻي سيوريج صفائي، صحت، تعليم ۽ ميرٽ فراهم ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي سنڌ جا هاري ۽ مزدور ڏرڀدر ۽ غربت جي لڪير کان هيٺ آهن

بقايا 10 روزاني عبرت

ڪوسو ايڊووڪيٽ عبدالرحيم ٻگهيو صابر راڌڻ محمد اسماعيل بروهي حافظ منظور احمد چانڊيو ايڊووڪيٽ پنهل ڪوسو حبيب حضوري، محمد عرس ڪوسو، محمد خان ڪوسو نبي بخش تيٽو سائين عبدالفتاح شاهه زبير سمون نبيل پنهور دلبر ڪوسو ۽ ٻين شهرين شرڪت ڪئي احتجاج ڪندڙن شهر جي مختلف علائقن مان ريلي جي صورت ۾ مارچ ڪندي پنهنجا مطالبا پيش ڪيا ان موقعي تي شهري اتحاد جي اڳواڻن ۽ شهرين چيو ته ميهڙ شهر جي ڪيترن ئي علائقن ۾ پيئڻ لاءِ صاف پاڻي جي فراهمي جو مسئلو سنگين بڻجي ويو آهي، جنهن سبب شهري سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته جتي پاڻي فراهم ڪيو وڃي ٿو اتي به پاڻي جي معيار بابت شهرين ۾ خدشا موجود آهن جڏهن ته ڪيترن ئي علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي به مناسب طريقي سان نه ٿي رهي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته شهر جي مختلف پاڙن گهٽين ۽ روڊن تي گندگي جا ڍير موجود آهن جڏهن ته صفائي جو نظام پڻ بهتر نموني ڪم نه ڪري رهيو آهي گندگي جي ڪري ماحول متاثر ٿي رهيو آهي جنهن سبب شهرين کي روزمره جي زندگي ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي اڳواڻن چيو ته ميهڙ هڪ اهم شهر هجڻ باوجود شهرين کي پيئڻ جو صاف پاڻي، بهتر صفائي ۽ ٻيون بنيادي سهولتون مڪمل طور تي فراهم نه ٿيڻ افسوسناڪ صورتحال آهي هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته شهر جي پاڻي ۽ صفائي واري نظام جو فوري جائزو وٺي عملي قدم کنيا وڃن شهري اتحاد جي اڳواڻن چيو ته جيڪڏهن شهرين جا مسئلا نظرانداز ڪرڻ بدران انهن جي حل لاءِ مستقل بنيادن تي قدم کنيا وڃن پاڻي جي فراهمي کي بهتر بڻايو وڃي، صفائي لاءِ باقاعده شيڊول تحت ڪم ڪرايو وڃي ۽ شهر جي مختلف علائقن مان گندگي فوري طور ڪٺائي وڃي احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته ميهڙ شهر ۾ صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائي، صفائي جو نظام بهتر ڪيو وڃي، گندگي جا ڍير ختم ڪيا وڃن ۽ شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن شهري اتحاد جي اڳواڻن اعلان ڪيو ته سنڌن جائز مطالبا تسليم ۽ عملي طور حل ٿيڻ تائين احتجاجي جدوجهد جاري رهندي

بقايا 11 روزاني عبرت

جي قبضي مان 3 ڪلو گرام چرس هٿ ڪئي وئي ايس ايڇ او ٿاڻو شهيد فاضل راهو انسپيڪٽر محمد خان ڪلوئي عملي سان گڏ ڪارروائي ڪري چرس فروش جوابدار قاسم يوسفزئي کي گرفتار ڪري ورتو جنهن جي قبضي مان 510 گرام چرس هٿ ڪئي وئي ساڳئي ٿاڻي جي پوليس بي ڪارروائي دوران گٽڪا فروشن جوابدارن دلشير چانڊيو ۽ خير محمد چانڊيو کي گرفتار ڪري ورتو جوابدارن جي قبضي مان 35 ڪلو گرام تمباڪو ۽ 950 تيار ٿيل گٽڪا هٿ ڪيا ويا ايس ايڇ او ٿاڻو ماتلي انسپيڪٽر محمود احمد خان عملي سان گڏ ديهي شراب جي ڀٽي تي ڇاپو هڻي 125 ليٽر ديهي شراب هٿ ڪري ورتي ڪارروائي دوران جوابدار خان محمد شيدي کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته هڪ جوابدار فرار ٿي ويو ايس ايڇ او ٿاڻو ٽنڊيرو انسپيڪٽر مولچند ميگهواڙ عملي سان گڏ ڪارروائي ڪري ريوش جوابدار نويد لغاري کي گرفتار ڪري ورتو ٽنڊيرو پوليس بي ڪارروائي دوران چوري جي ڪيس ۾ گهربل بن جوابدارن جاويد علي شاهه ۽ زمان نوحاڻي کي گرفتار ڪري ورتو جوابدارن جي قبضي مان موٽرسائيڪل ۽ چوري ٿيل بيٽري هٿ ڪئي وئي ايس ايڇ او ٿاڻو ٽنڊو غلام علي انسپيڪٽر ثابت علي چانڊيو عملي سان گڏ ڪارروائي ڪري اشتاق عرف ڪي ڪي کي گرفتار ڪري ورتو جوابدار جي قبضي مان 20 ليٽر ديهي شراب هٿ ڪئي وئي ايس ايڇ او ٿاڻو ڳوزاهو انسپيڪٽر لياقت علي پنهور عملي سان گڏ ڪارروائي ڪري 1500 گٽڪا هٿ ڪري ورتا جڏهن ته جوابدار عمر جت موقعي تان فرار ٿي ويو ايس ايڇ او ٿاڻو ٽنڊو ڪارروائي ڪري جوابدار سجاد کي 10 ليٽر ديهي شراب سميت گرفتار ڪري ورتو ايس ايڇ او ٿاڻو ٽنڊو باگو انسپيڪٽر محمد انور لغاري عملي سان گڏ ڪارروائي ڪري گٽڪا فروش جوابدار نويد عمراڻي کي گرفتار ڪري ورتو جوابدار جي قبضي مان 500 گٽڪا هٿ ڪيا ويا پوليس موجب گرفتار جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي جاري آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

سنڌس پٽ کي ونود ڏرماڻي ۽ سنڌس ئي دوستن جن ۾ دسرت پرمان ڪمليش ۽ ٻيا شامل آهن موبائيل نمبر تان مسلسل بليڪ ميل ڪري ذهني طور پريشان ڪندا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ هن 29 جون تي انتهائي قدم کنيو هن وڌيڪ ٻڌايو ته واقعي جي ايف آءِ آر 23 ڏاخل هجڻ باوجود اڃا تائين جوابدار آزاد گهمي رهيا آهن. تنهن ڪري اسان وس وارن کان مطالبو ٿا ڪريون ته پٽ جي ناحق موت ۾ ملوث جوابدارن کي سخت سزا ڏئي ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 13 روزاني عبرت

چاٺايل بنهي اي ايس آءِ پائين مبينا طور بين نامعلوم ماڻهن سان گڏجي سنڌس گهر ۾ داخل ٿي سنڌس پٽ نور حسن ۽ ٿنهن شهناز کي گلين جا وار ڪري زخمي ڪيو هن الزام هنيو ته ڪيس سنڌس ٻارن ۽ ٻين گهرڀاتين کي مسلسل مبينا طور تنگ ۽ هراسان ڪيو پيو وڃي.هن ٻاٿر پوليس اهلڪارن سنڌس زرعي زمين تان بي دخل ڪري اسان جي اچ وڃ جو گس به بند ڪري ڇڏيو آهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌس 14 ورهين جي پٽ کي پڻ ڪوڙي ڪيس ۾ رکيو ويو آهي جنهن جي آزادي لاءِ هو لاڳاپيل اختيارين کي اپيل ڪري رهيو آهي صوفي فقير محمد شير خان چانڊيو موجب اي ايس آءِ علي خان پاران معزز عدالت ۾ داخل ڪرايل ڪيس پڻ عدالت رد ڪري ڇڏيو هو پر ان باوجود مبينا طور ڪيس ۽ سنڌس گهرڀاتين کي هراسان ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي صوفي فقير محمد شير خان چانڊيو لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته پوليس اهلڪارن پائين جي زيادتين جو نوٽيس وٺي معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي ڪيس انصاف فراهم ڪيو وڃي ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪيس ۽ سنڌس گهرڀاتين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 14 روزاني عبرت

ڪري سنڌس قبضي مان هٿيار هٿ ڪيو ويو آهي. پوليس ترجمان موجب پوليس پارٽي شڪي ماڻهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته جوابدارن پوليس تي فائرنگ ڪري ڏني، جنهن تي پوليس جوابي ڪارروائي ڪئي فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ ڏاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سنڌس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا گرفتار زخمي ڏاڙيل جي سڃاڻپ ميرالي شرجي نالي سان ٿي آهي. گرفتار جوابدار جي قبضي مان ٽي ٽي پستول ميگزين ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون آهن پوليس موجب گرفتار زخمي ڏاڙيل ڦرڻ چوري، ڌاڙن پوليس مقابلن سميت ٻين مختلف وارداتن ۾ ملوث ۽ گهربل هو

بقايا 15 روزاني عبرت

ڪيو ويو آهي پوليس موجب ڪيس ۾ غلام بارڻ طاهر بارڻ اصغر بارڻ جميل بارڻ سميت پنج ڄڻن کي نامزد ڪيو ويو آهي جاتي پوليس مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي ڪيس ۾ نامزد وڌيڪ بن جوابدارن طاهر بارڻ ۽ اصغر بارڻ کي گرفتار ڪري ورتو آهي هوڏانهن ايس ايڇ او جاتي امجد چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته معمولي ڳالهه تان پيش آيل قتل واري واقعي جي جاچ غير جانبدارانه نموني ڪئي ويندي ۽ مقتول جي وارثن کي انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي

بقايا 16 روزاني عبرت

پروفيسر ممتاز خان جوڻيجو سميت مختلف معززين شرڪت ڪئي جوڻيجا خوني تڪرار ۾ هن وقت تائين 20 کان مٿي انساني جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن ڌرين پاران فيصلي لاءِ راضيو ڏيکارڻ کان پوءِ ڪميٽ راڻيپور سميت پوري علائقي ۾ خوشي جي لهرڇانئجي وئي آهي.

بقايا 17 روزاني عبرت

ورڪرن جيالن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ايم پي اي هالارخان وسڻ کي ڪائونسلر ظهير احمد راڄپر سنڌ جي ثقافت موجب پٽڪو پارايو ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا .

بقايا 18 روزاني عبرت

تي ضابطو آڻڻ لاءِ ٺوس قدم کنيا وڃن

بقايا 19 روزاني عبرت

هنڌ پهچي لاش ڪٽائي سول اسپتال منتقل ڪيو جڏهن ته لاش جي سڃاڻپ ست سالا دائود ولد بلاول سومرو جي نالي طور ٿي آهي پوليس موجب ٻارڙي جي زخمن مان لڳي پيو ته ڪيس ڪنهن گاڏي زوردار ٽڪر هنيو آهي ٻارڙي جا وارث پهچي ويا آهن جن پوسٽ مارٽم ناهي ڪرايو پر اسان سي سي ٽي وي ڪيمرائن ذريعي واقعي جي جاچ ڪريون پيا جلد حقيقت تائين پهچي ويندا.سين بي پاسي ٻارڙي جي چاچي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجو والد اسپتال مان گهر آيو هو جنهن کي ڏسڻ لاءِ منهنجو پاءُ ۽ ننڍڙو پائيٽو ويا هئا فجر مهل پاءُ واپسي پنهنجي گهر اچي ويو سنڌس پٽ منهنجي والد جي گهر هو جيڪو شايد پنهنجي پيءُ جي پويان نڪري آيو هوندو معصوم پائيٽي جي جسم تي روڙن جا نشان آهن پوليس جاچ ڪري رهي آهي ته حادثو ڪيئن پيش آيو

بقايا 20 روزاني عبرت

هنڌ پهچي لاش ڪٽائي سول اسپتال منتقل ڪيو جڏهن ته لاش جي سڃاڻپ ست سالا دائود ولد بلاول سومرو جي نالي طور ٿي آهي پوليس موجب ٻارڙي جي زخمن مان لڳي پيو ته ڪيس ڪنهن گاڏي زوردار ٽڪر هنيو آهي ٻارڙي جا وارث پهچي ويا آهن جن پوسٽ مارٽم ناهي ڪرايو پر اسان سي سي ٽي وي ڪيمرائن ذريعي واقعي جي جاچ ڪريون پيا جلد حقيقت تائين پهچي ويندا.سين بي پاسي ٻارڙي جي چاچي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجو والد اسپتال مان گهر آيو هو جنهن کي ڏسڻ لاءِ منهنجو پاءُ ۽ ننڍڙو پائيٽو ويا هئا فجر مهل پاءُ واپسي پنهنجي گهر اچي ويو سنڌس پٽ منهنجي والد جي گهر هو جيڪو شايد پنهنجي پيءُ جي پويان نڪري آيو هوندو معصوم پائيٽي جي جسم تي روڙن جا نشان آهن پوليس جاچ ڪري رهي آهي ته حادثو ڪيئن پيش آيو

بقايا 21 روزاني عبرت

مقتول محمد صديق ميمڻ جا پٽ جاويد ميمڻ نويد ميمڻ ۽ وحيد ميمڻ شامل آهن گرفتار جوابدارن کي ڪوٽ گهنور پوليس ٿاڻي تي آٿي لاڪ اپ ڪيو ويو آهي جتي ڪاٺن واقعي بابت وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي. ذريعن موجب ٽرائي ۾ پيرسن محمد صديق ميمڻ جي مبينا قتل ڪانپوءِ جوابدار فرار ٿي ويا هئا، جنهن بعد پوليس پاران جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪيون ويون مقتول جي ننڍي پٽ اختر ميمڻ جي فرياد تي ڪوٽ گهنور ٿاڻي تي قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي مختلف رخن کان جاچ جاري آهي ۽ گرفتار جوابدارن کان پڇا ڳاڇا بعد قتل جي اصل سبب ۽ واقعي بابت وڌيڪ حقيقتون سامهون اچڻ جا امڪان آهن

بقايا 22 روزاني عبرت

ڪچي کي گرفتار ڪري ورتو هوڏانهن الزام هيٺ آيل مڪ جوابدار شبير ڪنڀار کي ٿلو پوليس گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪري ڇڏيو آهي پوليس موجب معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون ملوث جوابدارن ڪنهن صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو ڊي ايس پي محمدعلي ڌامرا ۽ ايس ايڇ او گلزار تنيو جو اهڙو چوڻ آهي

بقايا 23 روزاني عبرت

۾ ٻين علائقن کان ڏوهن ۾ ملوث عناصر جي آمد سان بدامني پيدا ٿي رهي آهي جنهن ۾ رات جي وقت روڊن رستن تي نشي جي حالت دوران بدمعاشي جي ذريعي شهرين کي تشدد مارڪٽ جو نشانو بڻائين ٿا ، پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر تاجران فيڊريشن جي جنرل سيڪريٽري عبدالڪريم شيخ کي حيدرآباد کان واپسي دوران مرتضيٰ چوڪ تي اغوا جي ڪوشش دوران مزاحمت تي مارڪٽ تشدد جو نشانو بڻائي زخمي ڪيو ، جنهن تي ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان حسيب جاويد سومار ميمڻ فوري طور نوٽيس ورتو آهي ، واقعي بابت ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي پوليس هڪ جوابدار گرفتار ڪيو آهي پر اڃان 4 جوابدار گرفتار ٿي نه سگهيا آهن ، گرفتاري کان رهجي ويل جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري واقعي جي اعليٰ سطح تي جاچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي ، ٽنڊو محمد خان جا شهري هميشه پرامن رهيا آهن ، پيش آيل واقعو انتهائي مذمت جوڳو ۽ دهشتگردي جو واقعو آهي جنهن جو نوٽيس نه ورتو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 24 روزاني عبرت

ڪجهه عرصو اڳ آڻون آصف علي مغيري کان شهر اندر پراپرٽي خريد ڪئي جنهن تي منهنجو ۽ وڪيل جو مسئلو ٿيو جنهن جو ڪيس عدالت ۾ هلندڙ آهي پر سٽي پوليس جو ايس ايڇ او اسان سان ذاتيات ڪري رهيو آهي هن چيو ته ايس ايڇ او سٽي اسانجي گهرن ۾ داخل ٿي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائيمال ڪيو آهي هن چيو ته وڪيل راجيش ڪمار منهنجي پراپرٽي تي بغير ڪنهن جواز جي قبضو ڪري رهيو آهي ان لاءِ ايس ايس پي جيڪب آباد واقعي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪري ٻئي پاسي وڪيل راجيش ڪمار پنهنجي ساٿي وڪيلن عبدالرحمان مغل محمد نواز رند ظفر الله سرهيو ۽ ٻين سان گڏجي پريس ڪلب ۾ جوابي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ساجن داس جنهن پراپرٽي تي قبضي جي ڳالهه ڪري رهيو آهي اها پراپرٽي منهنجي آهي جنهن جا سون وٽ ڪاٿا به موجود آهن ساجن داس جا ڪرائيدار منهنجي پراپرٽي تي قابض آهن جنهن خلاف آئون قانون موجب ايس ايس پي جيڪب آباد ڏانهن ويس ۽ عدالت سگهوري جو در کڙڪايو ڪافي وقت ڪيس عدالت ۾ هليو جنهن بعد فيصلو اسان جي حق ۾ آيو آهي هن چيو ته ساجن داس ڪوڙو آهي ۽ ان سان گڏ هندو جنرل پنچائت جو صدر لالچند سيٺلاڻي به ڪوڙو آهي جيڪو پاڻ گڏريل ڪيترن ئي سالن کان هندو جنرل پنچائت جي صدارتي عهدي تي قابض ٿي ويٺو آهي جيڪڏهن لالچند کي حق سچ جي ايتري جي پرواهه آهي ته پهريان هندو جنرل پنچائت جي صدارتي عهدي تان استعيفي ڏئي هن ايس ايس پي جيڪب آباد کان گهر ڪندي چيو ته اسان سان انصاف ڪندي پراپرٽي خالي ڪرائي ڏني وڃي

بقايا 25 روزاني عبرت

ذميوارين ايمانداري سان نڀايون ٿا، پر ان جي باوجود ڪين صرف 15 هزار رپيا ماهوار پگهار ڏني وڃي ٿي ملازمن چيو ته موجوده مهانگائي جي دور ۾ 15 هزار رپين جي معمولي پگهار مان گهر جو خرچ هلائڻ انتهائي ڏکيو بڻجي ويو آهي. جنهن سبب هو سخت معاشي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ته حڪومتي حڪمن ۽ مقرر ڪيل اجرت جي شرح موجب سنڌن پگهارن ۾ فوري واڌ ڪري واجب اجرت ادا ڪئي وڃي ملازمن خبردار ڪيو ته جيستائين پگهارن ۾ واڌ نه ڪئي ويندي، تيستائين ڪم جو بائيڪاٽ جاري رکيو ويندو

بقايا 26 روزاني عبرت

ڪالوني ۾ موجود سرڪاري تاريخي عمارتن بنگلن ۽ ٻين سرڪاري ملڪيتن بابت ڊپٽي ڪمشنر خيرپور پاران ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي کي رپورٽ پيش ڪئي وئي هئي رپورٽ جي بنياد تي ڪمشنر سکر پاران سوموٽو ريفرنس ۽ سيڪشن 164 تحت ڪارروائي ڪندي مبينا ملڪيت جي دعويٰ/حق کي رد ڪرڻ ڪانپوءِ سرڪاري ملڪيتن تان قبضو ختم ڪرائي انهن کي سرڪار جي تحويل ۾ وٺڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون هيون ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪمشنر سکر پاران لاڳاپيل انتظاميا کي سرڪاري ملڪيتن تان قبضا ختم ڪرائڻ ۽ انهن کي سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ جو حڪم ڏنا ويا، پر هڪ هفتو گذرڻ باوجود حڪمن تي مڪمل عملدرآمد نه ٿي سگهيو ۽ مبينا قبضا اڃا تائين برقرار آهن سرڪاري تاريخي ملڪيتن تان قبضا ختم نه ٿيڻ تي شهرين ۽ شهر جي مختلف باشعور حلقن پاران سوال اٿاريا پيا وڃن شهرين ۽ سماجي حلقن ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي کان مطالبو ڪيو آهي ته جي او آر ڪالوني ۾ موجود سمورين سرڪاري تاريخي عمارتن بنگلن ۽ دڪانن جو رڪارڊ ٻيهر چيڪ ڪرايو وڃي، غيرقانوني قبضا ختم ڪرائي سرڪاري ملڪيتن کي تحويل ۾ ورتو وڃي ۽ غيرقانوني طور استعمال ٿيندڙ عمارتن ۽ دڪانن کي قانون موجب سيل ڪيو وڃي.شهرين ۽ تاريخي ورثي سان لاڳاپيل حلقن وڌيڪ مطالبو ڪيو آهي ته خيرپور جي تاريخي عمارتن ۽ سرڪاري بنگلن جي تحفظ لاءِ فوري انتظامي قدم کنيا وڃن جيئن قيمتي سرڪاري ۽ تاريخي ورثي کي وڌيڪ نقصان، قبضي ۽ غيرقانوني استعمال کان محفوظ بڻائي سگهجي

بقايا 27 روزاني عبرت

KGD-7392، گهر جي پارڪنگ مان چوري ڪري فرار ٿي ويا، ٻئي طرف شهري ۽ سماجي حلقن ۾ اهڙي صورتحال تي ڳڻتي پکڙيل آهي جن بالا اختيارين سميت ايس ايس پي سکر کان نوٽيس وٺي ڏوهاري عنصرن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 28 روزاني عبرت

خيرپور جي ڊاريڪٽر توڙي ٻين کو به نوٽيس نه ورتو ته ئي معاشر علائقن ۾ وڃي زراعت ڪاتي جي ڪنهن به آفيسر وزٽ نه ڪيو آباديگار فصل کي بيماري لڳڻ سبب تباهه ٿيڻ تي سخت پريشان زراعت ڪاتو اگهور ننڊ ۾ ستل آهي ڊڪاندار واپاري ڊيلر سري عام ذريعي نقلي دوائون سري عام وڪرو ڪري آباديگارن کي مهانگي اگهه تي وڪرو ڪري تباهه ڪري قرضي ڪري ڇڏيو ۽ نقلي دوائن جي استعمال سان روئڻ جي فصل تي ڪو به فرق نه پيو ويتر فصل تي بيمارين جو حملو فصل تباهه ذريعي نقلي دوائن جو ڪاروبار ڪندڙ ڪيترن ئي واپارين وٽ لائيسنس ئي ناهن ان باوجود به نقلي دوائون آباديگارن کي ڏئي ڪنگال ڪري ڇڏيو آهي آباديگارن وزير اعليٰ سنڌ صوبائي وزير زراعت سيڪريٽري زراعت ڊاريڪٽر زراعت ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته معاشر علائقن ۾ زراعت ڪاتي جون ٽيمون موڪلي روئڻ جي بيهلل فصل کي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا 29 روزاني عبرت

حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو ته 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سمورين مراعتون وٺي رهيا آهن پر ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي هنن چيو ته اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 30 روزاني عبرت

غازي جتوئي خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو.واضح رهي ته ڳوٺائي عبدالڪريم جتوئي پاران عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي موقف اختيار ڪيو هو ته ايس ايڇ او ٿنڊوسنتي ۽ جاڻايل اهلڪار ۽ 15 اڻ ڄاتل اهلڪارن ڪنهن جواز جي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي سنڌس گهر ۾ زبردستي داخل ٿيا ۽ روڪ رقم چوپايو مال ۽ ٻيو قيمتي سامان ڪڻي ويا عدالت اهڙي درخواست تي ٻڌڻي ڪانپوءِ جاڻايل ايس ايڇ او ۽ اهلڪارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

بقايا 31 روزاني عبرت

مڙس پاران مارڪٽ ۽ معمول بڻيل آهي هن چيو ته مڙس جي ظلم کان تنگ اچي 4مهينا اڳ سعيد آباد ڇڏي پهرين ڪوٽڙي ۾ ماٽن وٽ پناهه ورتي جنهن بعد ماٽن کي ڇڏي حسين آباد ۾ ڪرائي تي گهر وٺي ٻارن کي پورهيو ڪري پيٽ پالي رهي آهيان هن الزام هنيو ته مڙس کان خلع لاءِ عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي جنهن تي مڙس عليناز سجوري موتمار ڌمڪين تي لهي آيو آهي جنهن سبب مونکي جاني خطرو آهي هن ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي ۽ مڙس کان جان ڇڏائي وڃي

بقايا 32 روزاني عبرت

آواز اٿاريو ويو آهي . پر حڪومت طرفان ڪو به ڌيان نه ڏنو ويو.جڏهن ته پل جا ڇاڇ ڪيتراڻي پيرا ڪري پيا آهن. جڏهن ته هي هڪ اهم روڊ آهي. جيڪو نوشهروفيروز ۽ محرابپور کي پاڻ ۾ ملائي ٿو.پل جي خراب حالت سبب علائقي واسين ۾ مايوسي پکڙيل آهي هنن چيو ته روهڙي ڪينال تي پل جي پل انتهائي خطرناڪ حالت ۾ پهچي چڪي آهي ۽ ڪنهن به وقت وڏي حادثي جو شڪار ٿي سگهي ٿي جنهن سبب جاني نقصان جو پڻ خدشو آهي.هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ صوبائي وزير ورڪس اينڊ روڊز کان مطالبو ڪيو آهي ته ڏيپارجا هنگوريجا روڊ تي روهڙي ڪينال جي پل کي نئين سري سان تعمير ڪرايو وڃي. جيئن ڪنهن به امڪاني حادثي کان بچي سگهجي

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن
ٺنڊي سڙڪ، حيدرآباد

گڏيل اشتهار نمبر. 05/2026 تاريخ 25-09-2026

حڪومت سنڌ جي مختلف کاتن ۾ مختلف آسامين لاءِ آن لائن درخواستون گهرائجن ٿيون

(مينوئل درخواستن تي غور نه ڪيو ويندو)

شمارو نمبر	بيسڪ اسڪيل سان گڏ آسامي جو نالو	ڀرتي رولز مطابق قابليت	آسامين جو تعداد	ڪوٽا				عمر جي حد
A. اينڪوائريز اينڊ اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ								
01	ڊپٽي ڊائريڪٽر (I.T)/ سينيئر مينيجر I.T (BPS-18)	1. HEC تسليم ٿيل يونيورسٽي مان انفارميشن ٽيڪنالاجي (I.T) يا ڪمپيوٽر سائنس (سورنهن سال جي تعليم) ۾ بيچلر گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن يا مساوي CGPA . 2. لاڳاپيل شعبي ۾ پنج (05) سالن جو تجربو رکندڙ هجي يعني I.T پروجيڪٽس ۽ لاڳو ڪرڻ ۽ انتظام ۽ I.T لاڳاپيل آپريشنز جو ماهر.	01	اوپن ميرٽ	ٻهراڙي	شهري	ڪل	28-35
					01	00	01	
				ڪل	01	00	01	
02	اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (I.T)/ سسٽم اينالسٽ (BPS-17)	1. HEC تسليم ٿيل يونيورسٽي مان انفارميشن ٽيڪنالاجي (I.T) يا ڪمپيوٽر سائنس (سورنهن سال تعليم) گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن يا مساوي CGPA	01	اوپن ميرٽ مرد/عورت ڪل	ٻهراڙي	شهري	ڪل	21-28
					01	00	01	
					01	00	01	
B. گهرو کاتو								
03	ميڊيڪل آفيسر (BPS-17) مرد	i. هائر ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) پاران تسليم ٿيل يونيورسٽي مان MBBS. ii. پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل مان رجسٽريشن. iii. هڪ (01) سال هائوس جاب جي تڪميل	32	اوپن ميرٽ	ٻهراڙي	شهري	ڪل	21/28
					17	11	28	
				معذور فرد ڪوٽا	01	01	02	
				اقليتي ڪوٽا	01	01	02	
				ڪل	19	13	32	
04	ليڊي ميڊيڪل آفيسر (BPS-17)	i. هائر ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) پاران تسليم ٿيل يونيورسٽي مان MBBS. ii. پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل مان رجسٽريشن. iii. هڪ (01) سال هائوس جاب جي تڪميل	04	اوپن ميرٽ	ٻهراڙي	شهري	ڪل	21-28
					02	02	04	
				ڪل	02	02	04	
C. انفارميشن کاتو								
05	انفارميشن آفيسر (BPS-17)	هائر ايجوڪيشن ڪميشن تسليم ٿيل يونيورسٽي مان ماس ڪميوني ڪيشن/ صحافت ۾ ماسٽرز سان گڏوگڏ 3 کان 5 سال لاڳاپيل تجربو	04	اوپن ميرٽ مرد/عورت	ٻهراڙي	شهري	ڪل	18-30
					01	01	02	
				معذور فرد ڪوٽا (مرد)	00	01	01	
				اقليتي ڪوٽا (عورت)	01	00	01	
				ڪل	02	02	04	
D. پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ ڊپارٽمينٽ								
06	اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (BPS-17)	HEC مان تسليم ٿيل يونيورسٽي مان پبلڪ ايڊمنسٽريشن/ هيومن ريسورس مينيجمينٽ/ ايم اي (ايڪنامڪس)/ پبلڪ پاليسي ۾ ماسٽرز ڊگري/گريجويشن (سورنهن سال تعليم) ۾ گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن يا مساوي CGPA	01	اوپن ميرٽ مرد/عورت	ٻهراڙي	شهري	ڪل	21-28
					01		01	
				ڪل	01		01	
07	پروگرام آفيسر (BPS-17)	HEC مان تسليم ٿيل يونيورسٽي مان ڪمپيوٽر سائنس/ انفارميشن ٽيڪنالاجي/ سافٽويئر انجنيئرنگ ۾ گريجويشن (سورنهن سال تعليم) ۾ گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن يا مساوي CGPA	01	اوپن ميرٽ	ٻهراڙي	شهري	ڪل	21-28
					01		01	
				ڪل	01		01	
E. لا، پارليامينٽري افيئرز اينڊ ڪريمنل پروسيڪيوشن ڊپارٽمينٽ								
08	اسسٽنٽ (BPS-16)	هائر ايجوڪيشن ڪميشن پاران تسليم ٿيل يونيورسٽي مان گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن ۾ گريجويٽ	10	اوپن ميرٽ	ٻهراڙي	شهري	ڪل	21-31
				مرد/عورت ڪوٽا	05	03	08	
				عورت ڪوٽا	01	01	02	
				ڪل	06	04	10	

ضروري هدايتون

I. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (SPSC) آن لائن فيس جمع ڪرائڻ جو طريقو لاڳو ڪري ڇڏيو آهي. اميدوارن کي گهرجي ته اهي ڪنهن به آن لائن ادائگي واري ذريعي 500 رپين جي چالان جي ادائگي ڪرڻ کان اڳ، 1 Bill invoice/service آپشن چونڊيندي PSIDڻاهين. ڪنهن هڪ پوسٽ جي سمورين ڪيٽيگريز لاءِ هڪ ئي چالان قابل قبول هوندو.

II. اهي اميدوار جن وٽ مساوي ڊگريون هجن، اهي ان وقت درخواست ڏئي سگهن ٿا جڏهن اشتهاريل عهدن لاءِ گهربل قابليت ۾ ان جي واضح طور تي وضاحت ڪيل هجي.

III. آن لائن فيچر سرڪاري ويب سائيٽ تي دستياب آهي يعني www.spsc.gov.pk.

IV. آن لائن درخواست لاءِ SPSCجي سرڪاري ويب سائيٽ ذريعي شروعاتي رجسٽريشن ڪرائڻ ضروري آهي. گهربل ضابطا پورا ڪرڻ کان پوءِ، اميدوار "Available Jobs"(موجوده نوڪريون) واري فيچر ذريعي درخواست ڏئي سگهن ٿا.

V. ڊوميسائل، فارم-ڊي (Form-D)تي ٻڌل PRC، شهري يا ڳوٺاڻو ڪوٽا، عمر، تعليمي قابليت، تجربو ۽ امتحان جو مرڪز: هڪ دفعو چونڊڻ کان پوءِ، درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان پوءِ ڪنهن به مرحلي تي تبديل نه ڪيا ويندا.

VI. آن لائن فارم ۾ صحيح CNICنمبر ۽ ڄمڻ جي تاريخ داخل ڪريو. غلط معلومات داخل ڪرڻ جي صورت ۾ اميدواري رد ڪئي ويندي.

VII. اميدوارن وٽ اشتهار جي آخري تاريخ تائين گهربل تعليمي قابليت، تجربو ۽ لاڳاپيل سرٽيفڪيٽ هجڻ لازمي آهن.

VIII. تجربي جو شمار ان تاريخ کان ڪيو ويندو جڏهن اميدوار ان عهدي لاءِ گهربل گهٽ ۾ گهٽ تعليمي قابليت حاصل ڪئي هوندي.

IX. نااهل اميدوارن ۽ شرطن کي پورو نه ڪندڙ يا اڻپورين درخواستون جمع ڪرائيندڙن تي غور نه ڪيو ويندو.

X. آسامين جو تعداد بغير ڪنهن اڳواٽ اطلاع جي تبديل ٿي سگهي ٿو.

XI. سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ ملازمت ڪندڙ اميدوارن کي مناسب ذريعي (پراپر چينل) ذريعي درخواست ڏيڻ گهرجي.

XII. ڪميشن کي اهو حق حاصل آهي ته هو ڪنهن به مرحلي تي، جيڪڏهن بعد ۾ ڪا غلطي سامهون اچي، ته ان ۾ ترميم يا درستگي ڪري سگهي ٿي.

نوٽ:

I. آن لائن درخواست جي سهولت هر وقت (24 ڪلاڪ) دستياب هوندي، سواءِ آخري تاريخ جي، جڏهن اها شام 05:00 وڳي (آفيس جي وقت) تائين دستياب هوندي.

II. نوٽيفڪيشن نمبر SOII (SGA&CD) 5-64/2011 (Part-II)، مورخه 06.03.2025 مطابق عمر ۾ عام رعايت لاڳو هوندي (سواءِ پوليس سروس ۽ SPSC ذريعي گڏيل مقابلي جي امتحانن وسيلي ڀرجي ويندڙ آسامين جي).

III. اهڙا اميدوار جيڪي مستقل معذوريءَ جو شڪار آهن ۽ جن کي لکت واري امتحان/ٽيسٽ دوران ڪنهن خاص مدد جي ضرورت آهي، انهن کي گهرجي ته اهي امتحان شروع ٿيڻ کان گهٽ ۾ گهٽ ست (07) ڏينهن اڳ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (SPSC) کي اطلاع ڏين. اهڙن اميدوارن کي RMR, 2023جي ضابطي 58(Aتحت ڪنٽرولر آف ايگزامينيشنز (Controller of Examinations) کي هڪ لکت ۾ درخواست جمع ڪرائڻي پوندي، جنهن جي هڪ ڪاپي SPSC جي چيئرپرسن جي پرسنل سيڪريٽري (PS) ڏانهن موڪلڻي هوندي؛ ان سان گڏوگڏ، حڪومت سنڌ جي لاڳاپيل اختيارين (ڊپارٽمينٽ آف ايمپاورمينٽ آف پرسنز وڊ ڊسيبلٽيز - DEPD)پاران جاري ڪيل معذوريءَ جي سرٽيفڪيٽ جي تصديق ٿيل ڪاپي ۽ نادرا (NADRA)پاران معذور ماڻهن لاءِ جاري ڪيل خاص شناختي ڪارڊ (CNIC) پڻ جمع ڪرائڻا پوندا. ان کان علاوه، اميدوار امتحان واري ڏينهن امتحان مرڪز جي انچارج آڏو نادرا پاران جاري ڪيل مٿي ذڪر ڪيل شناختي ڪارڊ (CNIC)سان گڏ معذوريءَ جو اصل ۽ صحيح (valid) سرٽيفڪيٽ پيش ڪرڻ جو پابند هوندو ٻي صورت ۾ ڪا به مدد فراهم نه ڪئي ويندي.

ختم ٿيندڙ تاريخ 23.10.2026

سيڪريٽري

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن

فون نمبر: 9200162 & 9200246 ,9200694 (022)

ويب سائيٽ: www.spsc.gov.pk

اي ميل: info@spsc.gov.pk

INF-KRY:NO. 4297/26

iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com

حيدرآباد سميت ٻين شهرن ۾ جاري تحريڪ ۾ عورتن جو اهم ڪردار رهيو آهي:لياقت بلوچ

سندس نظر ۾ ملڪ ۾ آئيني دائري کان ٻاهر نظام ۽ طاقت جي بالادستي جا مسئلا موجود آهن

عالمي منڊي ۾ پيٽرول قيمت پاڪستان جي سڌي ڪنٽرول ۾ ناهي، پر ليوي نالي تي عوام کان وڏي رقم وصول پئي ٿي

پيٽرول ليوي خلاف ملڪ گير احتجاج ڪانپوءِ حڪومت سان 6 دور ڳالهين ٿي چڪيون، مختلف تجويزون پيش ڪيون آهن

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) جماعت اسلامي پاڪستان جي نائب امير لياقت بلوچ حيدرآباد ۾ حيدرآباد چوڪ تي ڌرڻي کي خطاب ڪندي چيو آهي ته حيدرآباد جي ڪارڪنن کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو جن 35 ڏينهن کان ڌرڻو جاري رکيو آهي هن چيو ته حيدرآباد سميت ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ جاري احتجاجي تحريڪ ۾ عورتن جو اهم ڪردار رهيو آهي.لياقت بلوچ چيو ته جيڪڏهن

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

NO MORE PETROLEUM LAVY
پيٽرول پر بھتہ ليوي ختم کرو

حيدرآباد: جماعت اسلامي پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪڙيو گهنور: منشيات خلاف پوليس ڪارروائي، 3000 گٽڪا ۽ 140 ڪلو سوپاري هٿ

ڪڙيوگهنور (ن ع) ڪڙيو گهنور: منشيات خلاف پوليس جي ڪارروائي 3000 هزارادو گٽڪا ۽ 140 ڪلو سوپاري هٿ ايس ايس پي بدين ۽ ڊي ايس پي گولاڙچي جي هدايتن تي ايس ايڇ او، سب انسپيڪٽر ڪڙيوگهنور رياض احمد ٻجاراڻي ، ۽ پوليس ٽيم منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪندي گولاڙچي روڊ ڏاڙڪو فارم مبينا منشيات فروش ڊيلر محمد طارق ولد ابراهيم پلاڻ ۽ ٻن نامعلوم جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو جڏهن ته پوليس ٽيم وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي پوليس موجب ڪارروائي دوران 3000 عدد هزارادو گٽڪا، 140 ڪلوگرام سوپاري جي ڪٽر ۽ هڪ سوزوڪي پڪ اپ KY 9838 هٿ ڪئي وئي پوليس جو چوڻ آهي ته منشيات ۽ سماجي برائين خلاف ڪارروائين جو سلسلو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

راڌڻ جي صحافي جي گهر تي پوليس چڙهائي خلاف ماتلي جي قلم ڌڻين جو احتجاج

سول ڪپڙن ۾ ملبوس اهلڪارن گهر ۾ داخل ٿي عورتن ۽ ٻارن کي هراسان ڪيو:مظاهرين

گهر ريڊ جي جاچ واري اعلان باوجود ڪارروائي نه ٿيڻ تي ڳڻتي، ملوث اهلڪارن ۽ ذميوارن خلاف قدم کڻڻ جو مطالبو

ماتلي (ن ع) راڌڻ جي سينئر صحافي مظفر گورڙ جي گهر تي رات پيٽ ۾ پوليس گردي خلاف ماتلي ۾ قلم ڌڻين طرفان ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ريلي محمدي چوڪ کان ڪڍي وئي جنهن ۾ شامل صحافين پاران دادو پوليس خلاف نعريبازي ڪندي پريس ڪلب آڏو پهچي ڌرڻ صحافين ستار عمراڻي ، اسلم قائمخاني ،

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي ۾ نامعلوم ڪار جي ٽڪر سبب نوجوان فوت، ڊرائيور فرار

گهر ويندي خالد عباسي کي نامعلوم ڪار ٽڪر هنيو، سخت زخمي حالت ۾ اسپتال منتقل

تعلقه اسپتال ڏگهڙي ۾ ڊاڪٽر نوجوان جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي، علائقي ۾ سوڳ جي لهر

حادثي ڪانپوءِ ڊرائيور گاڏي سميت فرار، وارثن پاران جوابدار جي گرفتاري ۽ قانوني ڪارروائي جو مطالبو

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ۾ نامعلوم ڪار جي ٽڪر سبب نوجوان فوت، ڊرائيور موقعي تان فرار.ڏگهڙي ۾ جمعي ۽ ڇنڇر جي وچ واري رات نامعلوم ڪار جي ٽڪر سبب نوجوان خالد عباسي فوت ٿي ويو. تفصيل موجب خالد عباسي گذريل رات گهر ڏانهن وڃي رهيو هو ته رستي ۾ نامعلوم ڪار ڪيس ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو حادثي ڪانپوءِ ڪار ڊرائيور

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي: نامعلوم ڪار جي ٽڪر سبب فوت ٿي ويل نوجوان جو لاش پيل آهي

سکر پوليس پاران مقابلي بعد ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر پوليس جي ترجمان موجب آباد ٿاڻي جي حدن ۾ جعفريه سوسائٽي پرسان پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، چابي چور شهري جي موٽرسائيڪل کاهي ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ بدامني ۾ ڪاپر نه آئي نامعلوم چابي چور سالهي پاڙي مان دڪان آڏو بيٺل ڪامران نواب جي موٽر سائيڪل کاهي فرار ٿي ويو جنهن جي اين سي سٽي ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي آهي شهر ۾ وڌندڙ ڏوهي وارداتن سبب شهري سخت پريشان آهن هنن ايس ايس پي سانگهڙ کان مطالبو ڪيو آهي ته ڏوهن

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ لڳ پ پ اڳواڻ مرحوم جاويد احمد جوڻيجو جي چاليهي جي تقريب

درگاهه مشوري شريف جي گادي نشين مولانا منظور احمد مشوري سميت عالمن جي شرڪت

نماز قائم ڪرڻ، غريبن جي خدمت ۽ ڀاءُ وارن جو خيال رکڻ سان روحاني سڪون ملڻ جو پيغام

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ لڳ لاڏائو ڪري ويل پ پ اڳواڻ جاويد احمد جوڻيجو جي ايصال ثواب خاطر چاليهي جي تقريب ، درگاهه مشوري شريف جي گادي نشين جلسي کي خطاب ڪيو تفصيل موجب ڪڪڙ لڳ خانپور جوڻيجو جو رهواسي يونين ڪائونسل ٻوڙڻ جي پ پ جو صدر مرحوم جاويد احمد جوڻيجي جي ايصال ثواب خاطر سندس وارثن خورشيد احمد جوڻيجو حافظ

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ملي ۾ نوجوان جي مبينا خودڪشي، والدين جو چوٿين ڏينهن به احتجاج جاري

سورج ڪمار کي بليڪ ميلنگ ۽ ذهني دٻاءُ جو شڪار بڻائڻ تي هن اهو قدم کنيو: والد

ونود ڏرماڻي سميت سندس دوستن تي موبائل فون ذريعي مسلسل بليڪ ميل ڪرڻ جو الزام

ملي (ڊ-ر) ملي جي لوهار محلي جي رهاڪو پوهجي ميگهواڙ ۽ سندس ڳوٺ جو پريس ڪلب ملي اڳيان ڪالهه چوٿين ڏينهن تي به احتجاج جاري رهيو. هنن جو چوڻ آهي ته سندس پٽ سورج ڪمار بليڪ ميلنگ ۽ ذهني دٻاءُ کان تنگ اچي ڪراچي ۾ مبينا طور خودڪشي ڪري ڇڏي، پر پوليس ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هن الزام هنيو ته

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

راضيديرو: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪڙيو گهنور ويجهو پيرسن پيءُ جي مبينا قتل ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي، ٽي پٽ گرفتار

ترائي ۾ محمد صديق ميمڻ جي مبينا قتل بعد فرار ٿيل جاويد، وحيد ۽ نويد ميمڻ پوليس هٿان گرفتار

ڊي ايس پي گولاڙچي جي نگراني ۽ ايس ايڇ او ڪڙيو گهنور جي اڳواڻي ۾ ٽيڪنيڪل بنيادن تي مختلف هنڌن تي ڇاپا

مقتول جي ننڍي پٽ اختر ميمڻ جي فرياد تي ڪيس داخل، گرفتار جوابدارن کان پڇا ڳاڇا ۽ واقعي جي مختلف رخن کان جاچ جاري

گولاڙچي/ڪڙيو گهنور(نمائندن وٽان) ترائي: ترائي ۾ پيرسن شخص محمد صديق ميمڻ جي مبينا قتل واري واقعي ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي پوليس مقتول جي ٽن پٽن جاويد ميمڻ نويد ميمڻ ۽ وحيد ميمڻ کي گرفتار ڪري ورتو آهي ڊي ايس پي گولاڙچي عبدالرحيم خاصخيلي جي رهنمائي ۾ ايس ايڇ او ڪڙيو گهنور رضا ٻاراڻي جي اڳواڻي ۾ پوليس ٽيم موبائل ٽريسنگ ۽ ٻين ذريعن ذريعي ڪارروائي ڪندي مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا، جنهن دوران مبينا قتل ڪيس ۾ گهربل ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب گرفتار جوابدارن ۾

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪڙيوگهنور: گرفتار جوابدار لاڪپ ۾ بند آهن

روهڙي پرسان جبلن ۾ ڪم ڪندڙ 2 مزدور ڌماڪي دوران زخمي، اسپتال منتقل

سيمينٽ فيڪٽري لڳ غيرقانوني بارود ذريعي جبل ٽوڙڻ دوران ڌماڪو ٿي پيو

سکر(بيورو رپورٽ) روهڙي سيمينٽ فيڪٽري پرسان مبينا طور غيرقانوني طريقي سان بارود ذريعي جبل ٽوڙڻ دوران اوچتو ڌماڪو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻن مزدورن محمد حسن چوهان ۽ پپو سخت زخمي ٿي پيا، واقعي ڪانپوءِ فيڪٽري انتظاميا زخمي مزدورن کي فوري طور تعلقه اسپتال روهڙي منتقل ڪيو جتي کين طبي امداد فراهم ڪئي وئي واقعي بابت وڌيڪ تفصيل ۽ ڌماڪي جا سبب اڃا تائين سامهون نه اچي سگهيا آهن جڏهن ته مبينا غيرقانوني طريقي سان جبل ٽوڙڻ واري معاملي تي پڻ لاڳاپيل اختيارين طرفان ڪنهن به ڪارروائي يا جاچ بابت ڪا اطلاع سامهون ناهن آيا.

خيرپور جي تاريخي سرڪاري ملڪيتن، بنگلن ۽ عمارتن تان قبضا ختم نه ٿي سگهيا

هفتو اڳ ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي پاران ڊي سي جي رپورٽ بعد ڪارروائي جون هدايتون ڏنيون

لاڳاپيل انتظاميا قبضا مافيا آڏو بيوس بڻيل، هفتو گذرڻ باوجود حڪمن تي مڪمل عملدرآمد نه ڪرايو

شهر جي ساڃاههوندن پاران اعليٰ عملدارن کان نوٽيس وٺي قيمتي سرڪاري ۽ تاريخي ورثي کي بچائڻ جو

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور جي تاريخي جي او آر ڪالوني ۾ سرڪاري ملڪيتن بنگلن ۽ عمارتن تي مبينا قبضا ختم نه ٿي سگهيا، جڏهن ته ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي پاران جاري ڪيل حڪمن کي هڪ هفتو گذرڻ باوجود عملي ڪارروائي سامهون نه اچي سگهي آهي ذريعن موجب خيرپور جي جي او آر

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سکر واسي جي گهر ٻاهران بيٺل موٽرسائيڪل چور کاهي ويا

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ نئين مقرر ٿيل ايس ايس پي پاران مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ پوليس بيٽ قائم ڪرڻ ۽ پوليس گشت ۾ واڌ ڪرڻ باوجود نامعلوم چورن جون سرگرميون گهٽجڻ بدران وڌيڪ وڌي رهيون آهن گذريل ڏينهن نامعلوم چور ٿاڻي سي سيڪشن جي حد ريجنٽ سئنيما پرسان عدنان نالي جيڪو ايوب گيٽ سکر ۾ "عدنان آٽوز" جي نالي سان مشهور آهي، جي بائيوينڪ ماڊل 2012 گاڏي، نمبر

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ پيرسن گتا وڪري لاءِ نيو پيو وڃي

هنگورجا ۽ ڀرپاسي وڻٽڻن جي فصل تي اڇي ملي بگ جو حملو، آبادگار پريشان

ملي بگ وڻٽڻن جي ٻوٽي کي لڳڻ سبب وڻٽڻن جو ٻوٽو پڻ سڪائي ڪارو ڪري ڇڏي ٿي: آبادگار

ذريعي دوائون به نقلي هجڻ سبب اثر نٿيون ڪن، زراعت کاتي عملدار نوٽيس وٺي نقصان کان بچائين

هنگورجا (رپورٽ : آفتاب پنهور) هنگورجا ۽ ان جي آسپاس جي ننڍين وڏن ڳوٺن ۾ سوين ايڪڙن تي تيار ٿيل وڻٽڻن جي فصل تي اڇي ملي بگ جو حملو ملي بگ وڻٽڻن جي ٻوٽي کي لڳڻ سبب وڻٽڻن جو ٻوٽو پڻ سڪائي ڪارو ڪري ڇڏي ٿي ۽ ملي بگ وائرس لڳڻ سبب سوين ايڪڙن تي بيٺل وڻٽڻن جو فصل تباهه ٿي ويو آبادگارن پاران هن مهانگائي واري دؤر ۾ فصل تي ڪيل خرچ ڳيچي ۾ ڦٿجي ويو ذريعي دوائون به نقلي هجڻ سبب وڻٽڻن مان ملي بگ وائرس ختم نه ٿي سگهي ۽ وڻٽڻن جو فصل ڪارو ٿي پنن مان ريشو وهڻ لڳو ۽ فصل تباهه جڏهن ته زراعت کاتي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۽ ڀرپاسي مختلف واقعن ۾ هڪ عورت سميت 12 ڄڻا زخمي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۽ ڀرپاسي موٽرسائيڪلن جي ٽڪر ۾ ڊيشان . زرينه . امان الله . اڪبر . رياض علي . واجد ۽ ماجد زخمي ٿي پيا ٻن ڌرين جي جهيڙي دوران نوجوان محمد قاسم زخمي ٿي پيو جڏهن ته نوجوان عدنان . ڪنيا لعل . ڪاشف ۽ هشو کي ڌار ڌار رولو ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو سمورن زخمين کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو.

حيدرآباد: لطيف آباد ۾ روڊ جي تعمير جو ڪم ٿي رهيو آهي

حيدرآباد ۾ عورت جو مڙس جي مبينا ظلم ۽ ڌمڪين خلاف احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)سعيد آباد جي رهواسڻ 2ٻارن جي ماءُ مڙس جي مبينا ظلم خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو ان موقعي تي 2ٻارن جي ماءُ اينجاپروين ڏانهينڊي چيو ته عليشاهه ميمڻ سان 13سال اڳ شادي ٿي جنهن مان 12ورهين جي ڌي ۽ 6ورهين جي پٽ جي اولاد آهي هن چيو ته مڙس پاران ڪمائي گهر جو خرچ ڏيڻ بدران پنهنجي نشي پٽي لاءِ مون کان زبردستي پيسا وٺي ويندو آهي جڏهن ته مان بنگلن تي ماسي جو ڪم ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذر سفر ڪندي آهيان هن چيو ته مڙس انتاهي شڪي طبيعت جو مالڪ آهي هميشه مون کي سبزي واري کان وٺي کير واري دڪاندار سان الزام مڙهيا آهن جڏهن ته

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ملتان: هاري فصل جي ڪٽائي ڪري رهيا آهن

ٽنڊوالهيار ۾ ست ورهين جي معصوم ٻار جو روڊ تان لاش هٿ

سومرا ڪالوني جي روڊ تان داؤد سومرو جو لاش مليو، اسپتال منتقل

ٻار جي جسم تي زخمن جا نشان، وارثن پاران پوسٽ مارٽم ڪرائڻ کان انڪار

ٽنڊوالهيار (ڏ ر) ٽنڊوالهيار شهر جي سومرا ڪالوني جي روڊ تان معصوم ٻار جو لاش هٿ، اطلاع تي پوليس پهچي وئي، لاش اسپتال منتقل وارثن پوسٽ مارٽم نه ڪرايو . لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام خبر موجب ٽنڊوالهيار شهر جي سومرا ڪالوني جي روڊ تان معصوم ٻار جو لاش ڏسي علائقي واسين پوليس کي اطلاع ڪيو اطلاع تي اي سيڪشن پوليس واقعي واري

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

رشوت وٺڻ واري وڊيو وائرل، ڪلوئي جي ٽن ٽپن تان ٽپيدار گهمر سنگهه جي چارج واپس

سوشل ميڊيا تي وڊيو وائرل ٿيڻ بعد روينيو کاتي پاران ڪارروائي، ٽنهي ٽپن جي ذميواري ختم

مٺي (ڊ-ر) ڪلوئي جي ٽن ٽپن تي مقرر ڪيل ٽپيدار گهمر سنگهه پاران رشوت وٺڻ واري وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد ڪيس ڪلوئي جي ٽنهي ٽپن جي چارج روينيو کاتي پاران واپس ورتي وئي آهي. جڏهن ته ننگرپارڪر تعلقي جي ٽپن تي ڪيس برقرار رکيو ويو آهي. روينيو کاتي ۾ سياسي مداخلت ۽ انڌير نگري کلي سامهون اچي وئي آهي.

اپيل تنخواہ اور پينشن اور ملازمين کے حقوق کی اپيل اپيل

حيدرآباد: ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو غلام علي ۾ سنڌ جي ورهاڱي ۽ جلالپور ڪئنال خلاف محبت سنڌ ريلي

اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ۾ چمبڙ ناڪي کان مير جو بنگلو تائين ريلي ڪڍي وئي

سنڌ جي وحدت، پاڻي ۽ وسيلن بابت مقامي اختيارن جو تحفظ ڪيو وڃي: اياز لطيف پليجو

صوبن ۽ انتظامي يونٽن جو ٺٺون تجربو نه ڪيو جنهن سان ملڪ کي ڪو نقصان ٿئي

بدين (ڏ ر) سنڌ جي ورهاڱي، جلالپور ڪئنال سميت سنڌ دشمن منصوبن خلاف ٽنڊو غلام علي ۾ قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ۾ هزارين ماڻهن چمبڙ ناڪي کان مير جو بنگلو تائين محبت سنڌ ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ڪيو اي ٽي جي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

جاتي جهيڙي دوران فائرنگ ۾ قتل ٿيل نوجوان جو ڪيس داخل، 2 جوابدار گرفتار

ڳوٺ ابراهيم ٻارڻ ۾ ٻارڻ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران فائرنگ ۾ الهڏنو مارجي ويو هو

مقتول جي والد جي فرياد تي 5 ڄڻن خلاف ڪيس داخل، پوليس طاهر ۽ اصغر ٻارڻ کي گرفتار ڪيو

جاتي (ن ع) جاتي جي يونين ڪائونسل گل محمد ٻارڻ جي ڳوٺ ابراهيم ٻارڻ ۾ وڻ وڍڻ واري معاملي تان ٻارڻ برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ٿيل جهيڙي دوران فائرنگ سبب قتل ٿيل نوجوان الهڏنو عرف پوڙهو ولد صديق ٻارڻ جي قتل جو ڪيس مقتول جي والد جي فرياد تي جاتي ٿاڻي تي داخل

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ جوڻيجا برادري ۾ خوني تڪرار جي نبيري لاءِ ميڙ منٿ قافلو

سردار سڪندر جوڻيجو جي اڳواڻي ۾ قافلو تڪراري ڌرين وٽ ناهه لاءِ منٿ ڪئي

ڌرين قافلي کي مان ڏيندي فيصلي لاءِ راضپو ڏيکارڻ بعد علائقي ۾ خوشي جي لهر

گمبٽ (ٽ.ر) گمبٽ لڳ ڳوٺ وريو واهڻ ۾ هلندڙ خوني تڪرار جي نبيري لاءِ سردار سڪندر جوڻيجو جي اڳواڻي ۾ ميڙ منٿ قافلو جوڻيجا برادري جي تڪراري ڌرين وٽ پهتو ڌرين نبيري لاءِ راضي ٿي ويون ميڙمنٿ قافلي ۾ ارشدخان جوڻيجو ڊاڪٽر مولابخش جوڻيجو سعيدخان جوڻيجو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ صحافي اڳواڻ تي تشدد خلاف تاجران فيڊريشن جو احتجاج

تاجران فيڊريشن ۽ سول سوسائٽي جو پريس ڪلب اڳيان مظاهرو، نعريبازي

عبدالڪريم شيخ کي تشدد جو نشانو بڻايو ويو، ايس ايس پي نوٽيس وٺي:مظاهرين

ٽنڊو محمد خان (ڏ ر) ٽنڊو محمد خان جي تاجران فيڊريشن ، سول سوسائٽي طرفان پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر ۽ تاجران فيڊريشن جي جنرل سيڪريٽري عبدالڪريم شيخ کي اغوا جي ڪوشش تشدد مارڪيٽ ۾ ملوث سمورن جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو ويو آهي خبر موجب ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ تاجران فيڊريشن جي صدر حاجي محمد اسماعيل ميمڻ ، حاجي شبير ميمڻ ، محمد سليم گدي پلاڻ ، عبدالڪريم بلوچ ، ڪائونسلر رضا محمد خاصخيلي ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ٽنڊو محمد خان جي پرامن علائقي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ساڪرو ۾ جعلي ٽڪ ٽاڪ آءِ ڊي ذريعي ٻارڙن کي مبينا بليڪ ميل ڪندڙ 3 ڄڻا گرفتار

ميرپور ساڪرو (ن ع) جعلي ٽڪ ٽاڪ آئيڊي ذريعي ٻارڙن جون تصويرون لڳائي نازيبا ٻولي استعمال ڪري بليڪ ميلنگ ڪندڙ ٽڪ ٽاڪر 3 ڄڻن کي ميرپور ساڪرو ۾ شهرين پڪڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو ساڪرو پوليس سوجل مائيسري حسنين ڪيچي ۽ عزير

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

سجاول ٽائون ڪميٽي جي ڪچي ملازمن جو گهٽ پگهارن خلاف احتجاج

سجاول(ڏ ر) ٽائون ڪميٽي سجاول جي ڪچي ملازمن گهٽ پگهارن خلاف احتجاج ڪندي پگهارن ۾ فوري واڌ جو مطالبو ڪيو آهي احتجاج ڪندڙ ملازمن شڪيلان لوبرڙان پروين، ياسمين پٺرس، نادن يوسف، صابي عمران ملو ۽ ٻين جو چوڻ هو ته هو سڄو ڏينهن پنهنجون

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: مبينا غلط انجيڪشن لڳڻ سبب فوت ٿيل نينگري جو لاش

حيدرآباد واسا ملازمن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ 85 هين ڏينهن به احتجاج جاري

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 85 هين ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر ، محمد نديم شاهد خان،جاويد پٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن چيو ته

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي عدالت پاران ايس ايڇ او ٽنڊومستي ۽ ٻين عملدارن تي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

خيرپور(ڏ ر)خيرپور ۾ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي عدالت ڳوٺاڻي جي درخواست تي ٽنڊومستي ٿاڻي جي ايس ايڇ او حسين بخش ڪرل پوليس پڪٽ ڪولاب جيئل جي انچارج سخي ناريجو پوليس ڪانسٽيبل رياض شيخ ڏاڪر ٽيو ۽

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ هنگورجا ۽ ٽري ميرواهه کي ملائيندڙ روهڙي ڪينال پل زبون حال، حادثي جو خدشو

خيرپور(ڏ ر)هنگورجا کان ڏيپارجا سوئي گئس کي ملائيندڙ روهڙي ڪينال جي پل ڪيترن ئي سالن کان زبون حالي جو شڪار آهي، جنهن سبب ڪنهن به وقت وڏو حادثو پيش اچڻ جو خدشو آهي علائقي واسين سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچرل اينڊ فوڊ سکر ڊويزن جي صدر عبدالسميع پنهور يوسف ڏاتوري، آفتاب پنهور،اطهر گلاب سهتو ۽ ٻين بجل پنهور کان روهڙي ڪينال ڏيپارجا پل تائين ريلي ڪڍي احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته روهڙي ڪينال تي ڏيپارجا پل جي مرمت لاءِ ڪيترائي ڀيرا

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ 3 ورهين جي نينگري سان مبينا زيادتي جي ڪوشش خلاف احتجاج جوابدار گرفتار

وارثن پاران پاڙي جي دڪاندار تي الزام، شيدي برادري جو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو ۽ انصاف لاءِ احتجاج

ايس ايس پي بدين جي نوٽيس بعد ماڊل ٿاڻي تي ڪيس داخل، الزام هيٺ آيل شخص گرفتار

الزام هيٺ آيل رٽائرڊ پوليس اي ايس آءِ پاران ڏوهه کان انڪار، شفاف جاچ ذريعي انصاف جو مطالبو

بدين (ڏ ر) بدين جي وارڊ نمبر 8 پير عالي شاهه ڪوٽ جي رهواسي ٽن ورهين جي معصوم نينگري سان مبينا زيادتي جي ڪوشش واري واقعي خلاف شيدي برادري پاران بدين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو احتجاج دوران وارثن پاران پاڙي جي دڪاندار تي نينگري سان مبينا زيادتي جي ڪوشش جو الزام ان

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

بدين: الزام هيٺ آيل ڊي ايس پي ۽ متاثر ٻارڙي

راضيديرو لڳ هٿيارٻند ڦورن کان روڪ رقم، موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان ڦري ويا

راضيديرو(ن ع) اگڙا ٿاڻي جي حد ۾ ڏوهن ٿيڻ ۾ ڪاپر نه اچي سگهي اگڙا پوليس نشي جون گوريون کائي رات ڏينهن گشتي واري حالت ۾ سٽل ڏوهه ٿيڻ معمول بڻجي ويا گذريل رات اگڙا ٿاڻي جي حد اچي مسجد منگلا روڊ تان لاڙڪاڻي واسي ڦرجي ويا لاڙڪاڻي واسين ۾ رستم جمالي،انور

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

نارا تعلقي ۾ تيل ۽ گئس جي معاوضي جي ادائيگين ۾ بي ضابطگيون

سماجي، صحافتي ۽ وڪيلن جي تنظيمن پاران اختيارين کان نوٽيس جو مطالبو

ڪمپنين پاران معاوضن جي ادائيگي ۽ زمين جي رڪارڊ بابت شفاف جاچ ڪرائي وڃي

خيرپور(ڏ ر)نارا تعلقي جي ريگستاني علائقي ڏيهه جبو ۾ قادن واري گئس فيلڊ ۽ پرائم پاڪستان پي اين آءِ جي گئس فيلڊ جي K-4 کان K-44 تائين موجود تيل ۽ گئس جي 41 کوهن جي معاوضي جي ادائيگي ۾ مبينا وڏي پيماني تي بي ضابطگين جو انڪشاف ٿيو آهي سماجي صحافتي ۽ وڪيلن جي تنظيمن جي نمائندن الزام هنيو آهي ته چاڙايل کوهه سرڪاري زمين تي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

HYDERABAD PRESS CLUB

حيدرآباد: سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جا اميدوار احتجاج ڪري رهيا آهن

ميهڙ ۾ صاف پاڻي ۽ صفائي جون سهولتون نه ملڻ خلاف شهري اتحاد جي احتجاجي ريلي

شهري اتحاد جي سڏ تي 14هين ڏينهن به ريلي ڪڍي وئي، شهرين، وڪيلن ۽ سماجي اڳواڻن جي شرڪت

مختلف علائقن ۾ گندگي جا ڍير ۽ پاڻي جي کوٽ برقرار، شهرين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ جي دعويٰ

صاف پاڻي، بهتر صفائي ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو، مسئلا حل ٿيڻ تائين احتجاج جاري رکڻ جو اعلان

ميهڙ (ن ع) ميهڙ شهر ۾ صاف پيئڻ جو پاڻي فراهم نه ٿيڻ صفائي ستٿرائي جي ناقص انتظامن گندگي جا ڍير ختم نه ٿيڻ ۽ شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم نه ٿيڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي احتجاجي جدوجهد 14هين ڏينهن به جاري رهي شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو جي سڏ تي شهر ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ شهرين، وڪيلن سماجي اڳواڻن ۽ مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي احتجاجي ريلي ۾ شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو ايڊووڪيٽ مير ڪوس ايڊووڪيٽ منور جتوئي محمد ايوب

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين ضلعي ۾ پوليس جون ڪارروايون تيز، منشيات فروش گرفتار

مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪارروايون، چرس، گٽڪا، تمباڪو ۽ ڪچي شراب جو وڏو مقدار هٿ

روپوش ۽ چوري جي ڪيسن ۾ گهربل جوابدار گرفتار، موٽرسائيڪل ۽ چوري ٿيل بيٽري هٿ ڪئي وئي

بدين (ڏ ر) ڊي آءِ جي حيدرآباد رينج طارق رزاق ڌاريجو ۽ ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي هدايتن تي روپوش ۽ اشتهاري جوابدارن منشيات فروشن ۽ ٻين ڏوهارين خلاف پوليس جون ڪارروايون جاري آهن انچارج سي آءِ اي بدين انسپيڪٽر علن خان عباسي عملي سان ڪڏ ٿاڻي بدين جي حدن ۾ ڪارروائي ڪري چرس جي ڊيلر صدام ملاح کي گرفتار ڪري ورتو جوابدار

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي ۾ ٿر واسي پيرسن جو پوليس اهلڪار پائرن خلاف احتجاج

ننگرپارڪر جي ٻن اي ايس آءِ پائرن گهر ۾ گهڙي پٽ ۽ ٻُنهن تي تشدد ڪيو:شير خان چانڊيو

اهلڪارن زرعي زمين تان ٻي دخل ڪري اسان جي اچ وڃ جو گس به بند ڪري ڇڏيو آهي

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پريس ڪلب ۾ ٿر واسي بزرگ صوفي فقير محمد شير خان چانڊيو ٻيون پيرو پريس ڪانفرنس ڪندي ننگرپارڪر پوليس جي اي ايس آءِ علي خان ۽ سندس ڀاءُ اي ايس آءِ محمد رحيم سميت ٻين ماڻهن تي مبينا ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ ۽ سندس گهرڀاتين کي هراسان ڪرڻ جا الزام هنيا آهن صوفي فقير محمد شير خان چانڊيو پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ويجهو ايم پي اي بئريسٽر هالار خان وسڻ پاران نئين ڊرين ڊسپوزل جو افتتاح ڪيو

گمبٽ (ن ع) پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم پي اي بئريسٽر هالار خان وسڻ ٽائون ڪاميٽي فقيرآباد وارڊ نمبر ست جي ڳوٺ عبدالعليم راڄپر ۾ تيار ٿيل نئين ڊرين ڊسپوزل اسڪيم جو افتتاح ڪيو علائقي واسين پاران پنهنجي اڳواڻ هالار خان وسڻ جو شاندار استقبال ڪيو ويو فقيرآباد ٽائون ڪاميٽي جي ڳوٺ عبدالعليم راڄپر ۾ پ پ ايم پي اي هالارخان وسڻ جو شاندار استقبال ڪيو ويو فقيرآباد ٽائون چيئرمين ايڊووڪيٽ پرويز پٽي وڏيرو عارف پٽي سميت فقيرآباد جي ڪائونسلرن پ پ

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: آرٽس ڪائونسل ۾ ڊرامو پيش ڪيو پيو وڃي

جيڪب آباد ۾ هندو واپاري سان مبينا پوليس زيادتين خلاف احتجاج، ڌرين جون هڪٻئي تي الزام بازي

اڳوڻ آصف علي مغيري کان پراپرٽي خريد ڪئي جنهن تي منهنجو ۽ وڪيل جو مسئلو ٿيو:ساڄن داس

ايس ايڇ او سٽي اسانجي گهرن ۾ داخل ٿي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪيو آهي

جيڪب آباد (ڏ ر) جيڪب آباد ۾ هندو واپاري ساڄن داس سان سٽي پوليس جي مبينا زيادتين خلاف هندو برادري ۽ واپارين متاثر ساڄن داس، هندو جنرل پنچائت جي صدر لالچند سيٽلاڻي، انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي، جماعت اسلامي جي ديدار لاشاري ۽ ٻين پاران پريس ڪانفرنس ڪرڻ بعد احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ واپاري ۽ هندو برادري جا ماڻهون وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا ان موقعي تي متاثر هندو ساڄن داس ڏانهينڊي چيو ته

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5



ڪُتي جي چڪ
ڪي معمولي نه سمجهو!
هڪ لمحي جي غفلت، سڄي زندگي جو خطرو بڻجي سگهي ٿي

- زخم کي فوري طور 15 کان 20 منٽ تائين صاف پاڻي ۽ صابڻ سان ڌئو.
- دير نه ڪريو، ترت اسپتال وڃو.
- ڊاڪٽر جي مشوري مطابق اينٽي ريبيز ويڪسين لڳرايو.
- ديسي ٽوٽڪا يا لاپرواهي حياتي کسيندڙ ثابت ٿي سگهي ٿي.

ياد رکو! ڪتي جو ڏاڙهڻ حياتي کسيندڙ آهي پر بروقت علاج سان مڪمل طور تي بچاءُ قابل به آهي.
پنهنجي ۽ پنهنجن پيارن جي حفاظت ڪريو، ذميواري جو مظاهرو ڪريو.

بروقت علاج، محفوظ زندگي

ويجهي اينٽي ريبيز سينٽر جي معلومات لاءِ 1122 تي ڪال ڪريو
صحت کاتو، حڪومت سنڌ
INF/KRY/4312/26

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.